ٽڪيائي ٽرٽيل

[ايس ٽي پي جي قومي ڪانگريسن ۾ ڪيل تقريرون]

ڊاڪٽر قادر مگسي

مرتب

سارنگ شاهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺڪيائي ٺرٽيل

(ايس ٽي پي جي قومي ڪانگريسن ۾ ڪيل تقريرون)

ڊاڪٽر قادر مگسي

مرتب

سارنگ شاهه

شهيد دلدار شاهه اڪيڊمي ٽنڊو محمد خان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ٽڪيائي ٽرٽيل

موضوع: تقريرون

سهيڙيندڙ: سارنگ شاهه

ڇاپو پهريون: فيبروري 2019ع

ٽائيٽل: مهراڻ علي سهتو

ڇپائيندڙ: شهيد دلدار شاهه اڪيڊمي ٽنڊو محمد خان

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8
عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

مُلهه: -/300

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

هن ڪتاب بابت

تڪيائي ٽرٽيل، چڙهه ڇڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پئه مڙيئي پيل،
اٿي رائو ريل، ويٺن تان واري وري

(شاهه)

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب پاران پارٽي جي ساليانې ڪانگريس جي اجلاس ۾ عالمي ملڪي ۽ سنڌ وطن جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي صورتحال بابت پيش ڪيل تجزين تي مبني ”تڪيائي ٽرٽيل“ نالي سان هي ڪتاب سورٺ پبليڪيشن پاران شايع ڪري رهيا آهيون. شاهه سائينءَ جي مٿي ڏنل بيت مان ڇهن ڪتابن جي نالن جي چونڊ ڪئي وئي هئي جنهن مطابق ٻه ڪتاب ”اٿي رائو ريل“ ۽ ”چڙهه ڇڪيائي چوٽئين“ جي نالن سان اڳ شايع ڪري چڪا آهيون ۽ هي ٽيون ڪتاب شايع ڪرائيندي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. باقي رهيل ٽن ڪتابن جو مواد پڻ سهيڙيل آهي، ڪوشش ڪنداسين ته اهي به جلد شايع ٿي سگهن.

اداري پاران سنڌ ترقي پسند پارٽي جي جدوجهدن جي سموري تاريخ سهيڙڻ جو پروگرام رٿيل آهي. ان سلسلي ۾ ڪيترائي ننڍا ننڍا ڪتابچه ۽ ميگزينون اداراي پاران شايع ٿيل آهن جن ۾ پڻ پارٽي جي تاريخ کي ئي سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي باني چيئرمين محترم ڊاڪٽر قادر مگسي پاران 1994ع کان 2011ع تائين جي قومي ڪانگريسن ۾ پيش ڪيل سياسي رپورٽن ۾ ايس ٽي پي جي ڪيل جدوجهدن ۽ ڪارڪردگي جو باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو ويو آهي.

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي منشور مطابق زلتن جي ماريل پورهيت ماڻهن جي زندگين ۾ عزت آڇپي ۽ خوشحالي جو انقلاب آڻڻ آهي. ترقي پسند، قومپرست ۽ جمهوريت پسند پارٽي هئڻ سبب هيءَ پارٽي قومي، عالمي، انساني طبقاتي ۽ عوامي حقن جي حاصلات لاءِ پورهيت عوام کي ئي انقلاب جو هراول دستو ۽ انقلاب جي حقيقي قوت سمجهي ٿي. ايس ٽي پي کي هر قسم جي رجعت پرستي، جهالت، ناانصافي ۽ سمورن سنڌ دشمن قوتن خلاف ويڙهاند ڪرڻي پوي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي پارٽي هر قسم جي مزاحمت هر محاذ ۽ مورچي تي ڪندي ٿي آهي. هر قسم جي غلاميءَ خلاف هن پارٽي کي سنڌ اندر جاگيردارشاهي جي انتهائي غليظ ۽ غير انساني حرڪتن موقعي پرستي ۽ غدارين خلاف وڙهي طاقت سان مهاڏو اٽڪائڻو پيو ٿو. اقتدار پرست حڪمران پارٽيون سنڌ جي سمورن ذارن معاشي وسيلن ۽ اثاثن جو ستياناس ڪري چڪيون آهن. مير، پير، سيد، سردار، پوتار، مذهبي مهندار ۽ سرمائيدارن گڏجي سنڌ جي مفادن کي تيلانجلي ڏني آهي. هارين، مزدورن، راڄن وارين ملازمن، هنرمندن سميت ته هر قسم جي پورهيتن جو استحصال ڪندڙ هيءَ جاگيردار شاهي عرف وڏيرا شاهي جو نظام آهي. سنڌ جي وحدت تي مختلف شڪلين ۾ سنڌ جو وڏيرو حملا ڪندو رهيو آهي. مذهبي، لساني، نسلي بنيادن تي پورهيت عوام کي ورهائي ۽ ويڙهائي برباد ڪندو رهيو آهي. سنڌ جو پڙهيل شهري ڪلاس شارٽ ڪٽ ذريعي ٿوري عرصي ۾ ناجائز دولت جا انبار ڪمائڻ لاءِ رشوت ڏين جي عوض ۽ پيرن ٻرائين ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو آهي.

سنڌي اديب، شاعر، صحافي، ڪالم نويس، استاد، دانشمند سول سوسائٽيءَ جا ڏوتل پوتل نمائنده موقعي پرستيءَ جو شڪار ٿي ڇڱاين جو ويساھ وڃائي ويٺا آهن ۽ وڏيرن جا ونگاري بڻيل آهن لڙ ڪري اهي ماضيءَ جي ڪيل جدوجهد تي منهن مٿو پڻ ڪان اڳتي هڪ قدم به وڌائي نه سگهيا آهن. انهن جي لکڻين وسيلي ئي سماج ۾ ڪيترين ئي مقدس ڳئون بنايون ويون آهن جن خلاف ڪا سچي راءِ ڏيڻ به گناهه عظيم سمجهيو ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ مظلوم ۽ محڪوم پورهيت عوام کي سمورين غلامين مان نجات ڏيارڻ لاءِ ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجن بهادرانا ۽ مدبرانا صلاحيتن ۽ ساٿين جي ساٿ سان ڪارائتا فيصلا ۽ تجربا به ڪندو رهيو آهي ته انهن تي عمل به ڪندو آهي.

اميد ته پڙهندڙ حضرات پنهنجن رايين سان نوازيندا ته اداري پاران اوهان سڀني جا ٿورائتا رهنداسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڇو تہ انقلابي رومانيت پسندي مان نڪري حقيقت پسند ٿيون

هن وقت سڄي دنيا جو وايو منڊل تبديل ٿي چڪو آهي، جيئن تہ ڪائنات ۾ سڀ شيون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ هڪ ٻئي تي آڌار رکندڙ هونديون آهن. تين دنيا ۾ سماجي ۽ معاشرتي تبديلين جا اثر سنڌ جي مجموعي صورتحال تي بہ بلڪل چٽا پيا آهن. هن وقت سڄي دنيا ۾ سڀ کان اهم نقطو زير بحث هي رهيو آهي تہ دنيا اڄ ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿي رهي آهي ۽ ماڻهو ايڪيهين صديءَ جي چئلينج جو مقابلو ڪيئن ڪن ۽ پاڻ کي ترقي جي ان منزل تي ڪيئن پهچائين جيئن ايڪيهين صديءَ جي تيز ترين وهڪري سان هم آهنگ ٿي سگهن. ويهين صديءَ ٻن حوالن سان مشهور آهي، شروعاتي دؤر کان وٺي ويندي 1970ع جي ڏهاڪي تائين سماجي ۽ سياسي انقلابن توڙي قومي آزادين جي انقلاب جو پيغام ڏيندڙ آهي. 1917ع جي سوويت انقلاب کان پوءِ مسلسل قومن جي آزادي جون تحريڪون چوٽ چڙهنديون ويون ۽ طبقاتي غلاميءَ خلاف بہ مسلسل جدوجهد جاري رهي، جنهن لاءِ قومن ۽ مظلوم طبقن گڏجي پرمار حڪمرانن توڙي سندن ملڪ جي ديسي دلال ۽ جابر حڪمرانن کان پنهنجا ملڪ ۽ قومون آزاد ڪري ترقي جا نوان رخ متعين ڪيا آهن. اڄ تقريباً دنيا جا 3 حصا پرمارن کان آجا ٿي چڪا آهن، پر ان سان گڏوگڏ خاص طور تي ٻي عالمي جنگ کان پوءِ دنيا جي Geopolitical صورتحال بلڪل تبديل ٿي ۽ سڌي غلاميءَ ۽ بينڪي سرشتي خلاف غلام قومن جي مزاحمتي تحريڪن ۽ انقلابي جدوجهد ۾ ڪاميابين کان پوءِ سامراجي ملڪن ۽ آقائن پنهنجي حاڪميت برقرار رکڻ ۽ اسرندڙ ملڪن ۾ پنهنجو اثر رسوخ قائم رکڻ لاءِ جديد بينڪي سرشتو Non colonial system متعارف ڪرايو جنهن ۾ سامراجي قومون سندن لڪ ۾ ويهي صرف ناٽي جي سگهہ سان ٻين مظلوم قومن ۽ اسرندڙ ملڪن تي پنهنجي سياسي اجاره داري قائم رکڻ ۽ معاشي ڦرلٽ برقرار رکيو پيون اچن، جنهن ڪري مظلوم قومون اقتصادي بدحالي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويڳاڻپ جو شڪار ٿينديون پيون وڃن.

سامراجي ملڪ سندن مفاد حاصل ڪندي مظلوم قومن کي جنگي جنون ۾ مبتلا ڪندي نيست نابود ڪرڻ ۾ مصروف رهيا آهن. انهيءَ پڄسي جي ڦهلاءَ ۾ مداخلت سبب سوويت يونين بہ آخرڪار اچي پٽ پيو ۽ آمريڪا اڪيلي سر سپرپاور دنيا جي منظر نامي تي ظاهر ٿيو آهي ۽ دنيا جي سوچ جو انداز ۽ دائرو هڪ طرفو بڻجي ويو آهي، ڇو تہ اڳ ۾ انقلابي ۽ آزادي پسند قوتون هميشہ سوويت يونين يا سوشلسٽ بلاڪ ڏي مدد لاءِ واجهائينديون رهنديون هيون پيو تہ آمريڪا يا سرمائيداري بلاڪ هميشہ خائف رهندو هو تہ ڪٿي سڄي دنيا سوشلسٽ اثرن ۾ اچي نہ وڃي ۽ سڄي دنيا ۾ سامراجيت ۽ آپيشاهي ۽ پرماريت جي دؤر جو خاتمو نہ اچي وڃي. ان ڪري سرمائيدار ڪئمپ هميشہ سندن واردات جي طريقن ۾ نواڻ آندي ۽ آخرڪار هو سوويت يونين کي ختم ڪرڻ سان سڄي سوشلسٽ ڪئمپ کي ختم ڪري سڄي دنيا جي انقلابي ۽ آزادي پسند تحريڪن کي ڪمزور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. سڄي دنيا ۾ هڪڙو نظرياتي Ideology بحران پيدا ٿي پيو آهي، سياسي ڪارڪن پنهنجي جوهر ۽ مزاج ۾ بي حد مايوسي واري ڪيفيت ۾ گهيرجي چڪا آهن سندن جوهر ۾ يا تہ مايوسي، بزدلي يا تہ موقع پرستي داخل ٿي چڪي آهي نہ تہ اصل ۾ ڪارڪن پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ پنهنجي جان ۽ گهر ٻار جي قرباني ڏيڻ کان ذري برابر نہ هٻڪندا هئا، نڪي انڪار ڪندا هئا. پيو ايڪيهين صديءَ جي سڄاڻپ تيز ترين سائنسي ڪاميابيون، جنهن عملي طرح ڪمپيوٽر ۽ اليڪٽرانڪ سسٽم جي ذريعي سڄي دنيا کي ڳنڍي ڇڏيو آهي، منٽن ۾ دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ٽيندڙ واقعا Communicate ٿي سگهن پيا، ان صورتحال بہ دنيا جي مجموعي صورتحال تي تمام گهڻا اثر وڌا آهن، هينئر سڄي دنيا ۾ ترقي يافتہ توڙي ترقي پذير ملڪن جو هڪ ئي معرڪو تہ ناڻو ئي رهيو آهي، ان جي تلاش ۾ نيون تحقيقون ۽ نوان اقتصادي قدرتي وسيلا ڳوليا پيا وڃن. ان ڪري موجوده دور کي ناڻي جو دور يا Economic World چيو وڃي پيو. جنهن بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خطي يا ملڪ ۾ قومن وٽ قدرتي وسيلا گهٽا آهن اتي ناٽي جي پيدوار مستحڪم آهي ۽ اهي ملڪ اڄ دنيا جي مضبوط طاقتور قوت بڻجڻ ڏانهن وڌي رهيا آهن. جاپان ۽ جرمني هٿيارن ۽ فوجن جي ڪمي هوندي بہ سڄي دنيا ۾ نمايان ۽ فيصلا ڪن ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. ساڳي طرح تمام پوئتي پيل ملڪ ڪوريا، تائيوان، سنگاپور، ملائيشيا اڄ دنيا جي خوشحال ملڪن ۾ شمار ٿيندا پيا وڃن. ان جو بنيادي سبب ناٽي ۾ پاڻ پرو هجڻ آهي. ان جي مقابلي ۾ پاڻ سنڌ ۽ پاڪستان جي صورتحال ڪي ڏسنداسين تہ عجيب و غريب صورتحال سامهون ايندي

پاڪستان خود بہ جديد بينڪي سرشتي هيٺ سڌي طرح آمريڪي تسلط هيٺ رهيو آهي. سياسي ۽ معاشي طرح مڪمل طور هي ملڪ ڏيوالپڻي جو شڪار رهيو آهي. ان ڪري هن ملڪ کي 30 سال گذري وڃڻ باوجود اڄ بہ حڪمران ساڳي ڳالهہ ورجائي رهيا آهن تہ ملڪ عدم استحڪام جو شڪار آهي. ان ڪري سياسي ۽ معاشي استحڪام پيدا ڪرڻ لاءِ وڪ ڪٽڻ گهرجي. اهڙي ملڪ ۾ استحڪام ڪڏهن بہ پيدا نہ ٿي سگهندو جيڪي ملڪ ذهني طرح ايترا پوئتي هجن جو انهن جا حڪمران سندن ڪاميابيءَ جو بنيادي محرڪ بين الاقوامي آقا سپرپاور جي خوشنودي ۽ آشيرواد سمجهندا هجن. عوام جي طاقت جي ڳالهہ صرف نعري جي حد تائين هجي. باقي اصل ۾ پنهنجي آقائن جا ذهني غلام هئڻ سبب هو عوام ۽ معاشري جي ترقي، خوشحالي ۽ معاشرتي استحڪام پيدا ٿيڻ سان قومون پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي جيئڻ ۽ ترقيءَ جي خودمختياري سان راهون متعين ڪنديون آهن. ان ڪري هتي هميشہ حڪومتون بہ غير مستحڪم ۽ غيريقينيءَ جي ڪيفيت ۾ رهيون آهن ۽ ماڻهن کي بہ ان غيريقيني واري ڪيفيت سان گڏوگڏ چڙوچڙ بکيو ۽ بدحال بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري ترقيءَ جي سطح ڏينهون ڏينهن پوئتي ٿيندي پئي وڃي. پاڪستان جي مظلوم قومن جي مسئلي کي بجاءِ معروضي حالتن ۽ تاريخي گهرجن جي پٽاندر حل ڪرڻ بجاءِ هتي جي حڪمرانن انهي مسئلي کي وڌيڪ ڳنڀير بڻايو آهي. اڄ جي دور ۾ پاڪستان ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قومن جو مسئلو سڀ کان اهم ۽ اوليت وارو موضوع آهي. هن ملڪ ۾ قومن سان ناانصافي جو بنياد جناح ۽ لياقت علي طرفان وڌو ويو. جڏهن هنن طرفان لاهور جي قرارداد پاڪستان 1940ع ۾ بنيادي قسم جون تبديليون ڪري پاڪستان کي گهڙيو. آزاد ۽ خودمختيار رياستن جو الحاق ۽ اتحاد سڏڻ بجاءِ پاڪستان کي اسلامي رنگ ڏيئي مسلمان قوميت ۽ پاڪستان جي وطنيت جي بنياد تي هڪ قوم جي نظريي سان ڳنڍيو. نتيجي ۾ بنگالين سڀ کان پهرين بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ محمد علي جناح ملڪ جي بدقسمتي جو پهريون پٿر پاڻ رکيو. جڏهن ٻولي جي مسئلي تي جناح صاحب بنگالين کي چيو ته هن ملڪ جي قومي ٻولي صرف ۽ صرف اردو ئي هوندي. ان ڏينهن کان بنگالين محسوس ڪري ورتو ته ساڻن اسلام ۽ مسلمانيت جي نالي ۾ جيڪا ويساهه گهاتي ڪئي وئي آهي. ان جي ازالي لاءِ تياري ڪجي. آخرڪار بنگالين نئين ملڪ بنگلاديش کي 1971ع ۾ جنم ڏنو.

ساڳئي طرح بلوچن کي زبردستي پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو هو. بلوچ به سندن آزادي جي جنگ 1950ع جي ڏهاڪي تائين وڙهيا. آخرڪار آخري معرڪو 1973ع ۾ بلوچستان تي فوج ڪشي سان شروع ٿيو. جنهن ۾ 10 هزار بيگناهه بلوچ شهيد ڪيا ويا. لکين گهر اجڙي ۽ ويران ٿي ويا. بلوچن جي ووٽ سان چونڊيل اين. اي. پي سرڪار کي ختم ڪيو ويو. ان کان پوءِ مسلسل بلوچ قومي تحريڪ سردارن کان نڪري پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن جي هٿ ۾ آئي آهي، هو اڄ معروضي حالتن سان ٺهڪندڙ سياست کي اختيار ڪندي بلوچستان جي سماجي ترقي ۽ قومي بقاءَ لاءِ پارليامينٽ ۾ جنگ وڙهي رهيا آهن. جنهن جو بلوچستان جي قدرتي وسيلن جو مالڪ بڻجڻ کان وٺي سياسي اقتدار جو مالڪ بڻجڻ آهي، پاڪستان ۾ موجود پشتونخواه جدوجهد به پهرين پنهنجي جوهر ۾ پاڪستان دشمن رهي آهي، پر پوءِ اڄ اهي پاڪستان جي سياسي حاڪميت ۽ معاشي ڦرلٽ ۾ پنجاب جا برابر حصيدار آهن ۽ پشتون جدوجهد جو بنياد سندن قوم جي خوشحالي، استحڪام، حاڪميت ۽ حصيداري جو رهيو آهي، جنهن ۾ هو تمام گهڻو ڪامياب ٿيا آهن. مثلاً سچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ ۾ وڏي ڪان وٺي ننڍي ٽرانسپورٽ پشتونن جي آهي، بيوروڪريسي، ملٽري ۽ معاشي جوڙجڪ ۾ اهي تمام مضبوط آهن. سڄي دنيا جو نقلي ڪم ۽ ٻئي نمبر جو ڪاروبار سرحد ۾ ٿئي ٿو هٿيار، هيروئن ڪان وٺي اسمگلنگ ۽ پسڻ جي آمدرفت جو سڄو ڪاروبار اتي ٿئي ٿو نتيجي ۾ پشتون قوم تمام گهڻو خوشحال ٿي وئي آهي. افغانستان، قبائلي علائقا موجوده فرنٽيئر صوبو ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ سڀ پٺاڻ اجتماعي مفادن تي متحد آهن ۽ سنڌن حيثيت هن وقت مظلوم مان ڦري استحصالي قوت واري بڻجي وئي آهي. سرائيڪي ڳالهائيندڙ جو بہ هڪ ڪيس آهي، جيڪو پاڪستان جي محڪوم قومن جي موضوع ۾ هڪ اهم بحث آهي. سرائيڪي وارا بہ سنڌن قومي بقاءَ ۽ مستقل آجپي لاءِ اڄ پنجاب جي بالادستي کي چيلينج ڪري جاگيردار شاهي جو مقابلو ڪندي سرائڪي صوبي جي قيام لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن ۽ سرائڪي عوام جي روز بروز گهر وڌندي پئي وڃي. پنجاب روزانہ پريشر ۾ ايندو پيو وڃي، پر بدقسمتي سان سنڌ جي صورتحال ان جي بلڪل ابتڙ ۽ سنڌين جي هٿن مان نڪرندي محسوس ٿي رهي آهي سڄي اقتدار ۽ اختيارن جا مالڪ ڌاريا ٿيندا پيا وڃن. سنڌي قوم تيزي سان پنهنجي وجود جي خاتمي ڏانهن ڌڪجندي پئي وڃي، پاڻ سنڌ جا ماڻهو 1937ع کان بہ خراب حال ۾ آهيون ان ڪري پاڻ کي سنڌ جي مجموعي صورتحال کي سمجهڻو پوندو.

(1) **سياسي صورتحال**: سنڌ جي سياسي صورتحال هيءَ آهي تہ ماڻهو عجيب ذهني مونجهارن ۾ مبتلا آهن. عملي سياست ۾ اهڙي پارٽي ۽ قيادت جا پوئلڳ آهن جيڪا گذريل 20 سالن کان وٺي سنڌ جي ڳچي ۾ غلاميءَ جو ڳٽ مضبوط ڪندي رهي آهي، هر دفعي سنڌن نسلن جي قاتلن کي ئي پنهنجو محافظ سمجهي ووٽ ڪندا آهن. تعليمي طرح سجاڳي بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهي، ماڻهو عقيده پرستي، پير پرستي جهڙن موذي مرضن ۾ مبتلا ۽ ذهني طرح تمام پسماندگيءَ جو شڪار آهن ۽ عملي طرح سنڌ جي قومي ۽ سياسي مسئلن کان لاتعلق هوندا آهن. اجتماعي طور تي سنڌي قوم جو بہ ڪردار نندڻ جوڳو آهي، ڇو تہ اسين اجتماعي مسئلن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان ڪن لاڳيتار ڪري ڇڏيندا آهيون. جنهن ڪري سنڌ جو سڄو سياسي ماحول انارڪي، ڇڙواڳي، عقيدي پرستي ۾ وڪوڙجي مايوسيون ۽ ذلتون وڏيڪ پنهنجي نصيب ۾ لکندو رهيو آهي. سڄو سماج ويڳاڻپ جو شڪار بڻجي ويو آهي.

(2) **معاشي صورتحال:** سنڌ کي ايترا ته قدرتي وسيلا مليا آهن. جو سنڌ جو هر هڪ فرد خوشحال زندگي گذاري سگهي ٿو ڪراچي بندر جا 20 ارب روپيا، تيل ۽ گئس جا ڪوهه 60 ارب، ڪارخانه امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ 40 ارب روپيا، تقريباً سنڌ جي ساليانه پيداوار لڳ ڀڳ 300 ارب روپيا جيڪي مرڪز ڪان خيرات طور ملن ٿا ۽ بيو سڀ ڪجهه مرڪز هڙپ ڪري ٿو پيو وڃي، نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو ڪنگال ٿيندو پيو وڃي. ڪارخانا 60 سيڪڙو ڪراچي ۽ حيدرآباد جي پسگردائي ۾ هئا. پر سنڌين لاءِ هڪ پٽيوالي به نه هئي. نتيجي ۾ ڪراچي سائيٽ، ڪوٽڙي سائيٽ ۽ حيدرآباد سائيٽ جا سڀ ڪارخانا غير سنڌين سان ڀريل آهن ۽ سنڌي ماڻهو انهي ۾ لوڻ برابر آهن. ڪارخانن جا مالڪ 90 سيڪڙو غير سنڌي سرمائيدار رهيا آهن. جن جو مقصد سنڌ کي ڦرڻ ۽ برباد ڪرڻ کان علاوه بيو ڪجهه به ناهي رهيو هنن سماجي ترقي ۽ عوامي ڀلائي جي ڪنهن به منصوبي تي ڪم نه ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪاغذن ۾ ڪيو به ويو آهي ته ٽئڪس وغيره بچائڻ لاءِ ته ان جو فائدو به سنڌين جي حصي ۾ نه آيو آهي. سنڌ جون سڄيون زرعي زمينون جنهن بربادي کي منهن ڏين پيون. شايد ئي ڪنهن کي اندازو هجي. هڪ ڪروڙ ايڪڙ زمين ڏارين جي قبضي ۾ آهي. گهڻو زرعي زمينن جو حصو سم جو شڪار آهي. پاڻي جي کوٽ سبب فصل سڪن پيا. وري ڪجهه زمينن تي فصل ٿئي ٿو ته مرض لڳندو پيو وڃي. مثلاً هن دفعي سڄي سنڌ جو ڪيلو گدرو ڪنهن حد تائين انب کي ڪيڙو لڳل آهي. ڪٽڪون نسرن پيون. پاڻي پنجابي چورن جي ور چڙهي ويو ان ڪري اسان جا بيٺل فصل سڪن پيا. سنڌ ڏڪار جي حالت ڏانهن وڌي پئي. حڪمرانن کي ڪا به پرواهه ڪانهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جا 5 لک ماڻهو اڄ بيروزگاريءَ جي ور چڙهيل آهن، ان ڪري سنڌ ۾ بدامنيءَ ۽ ٻيا انيڪ مسئلا پيدا ٿيا آهن، ڌارين جون يلغارون اڄ به سنڌ تي روان دوان آهن ۽ سڄي سنڌ کي وڪوڙيندا پيا وڃن. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي تي اقليت جي ناڪابنديءَ جي ڪري هو سنڌ ۾ قومي تحريڪ کي ايرڻ کان روڪڻ ۽ عوام جي سياسي سرگرمين ۾ شرڪت کي روڪڻ ۽ وچولي طبقي جي ايرڻ جون راهون بند ڪرڻ جي برابر ڪوشش ۾ آهن. جيئن سنڌ ۾ ڪابه انقلابي هلچل يا تحريڪ نه ٿي سگهي ۽ سنڌ کي دائمي قبضي ۾ رکي سگهجي. آپريشن جي آڙ ۾ رهيل سهيل بجيٽ جيڪا هر سال 3 يا 4 ارب ٿئي ٿي، آپريشن جي پيٽ ۾ ڌڪي ٿي وڃي ۽ سنڌي سماج وڏيڪ بک بدحاليءَ ۽ بدامنيءَ ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي.

(3) **جاگرافيائي صورتحال**: جاگرافيائي صورتحال هي آهي ته سڄي سنڌ ميداني علائقو آهي، اڌ پاسي کان سمنڊ ۽ ريگستاني رستي ذريعي هندوستان سان ڳنڍيل آهي (ڏکڻ ۽ اوڀر) باقي اتر ۽ اولهه ۾ پاڪستان جا ٻيا صوبا بلوچستان ۽ پنجاب جون سرحدون آهن. ان ڪري سنڌين کي عالمي مدد ۽ پاڙيسري ملڪن کان جيڪا مدد جي صورتحال انقلابي ويڙهه لاءِ ضروري هوندي آهي، سا ميسر ڪانهي، ان لاءِ پاڻ سنڌ جا ماڻهو وچ ۾ ٽنگيل آهيون. هاڻ سوال هي آهي ته سنڌ جي روز بروز بدترين صورتحال ڇو پئي ٿيندي وڃي، ان جو بنيادي سبب هي آهي ته سنڌ جي سياسي قيادت هميشه جاگيردار شاهيءَ جي هٿ ۾ رهي آهي، جيڪي پاڻ خود پهرين نمبر جا جاهل، بزدل، لالچي، ويڪائو ۽ بي ضمير رهيا آهن، جن هميشه ديسي دلال وارو ڪردار ادا ڪيو آهي، نتيجي ۾ سنڌ جي بقا، استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪوبه ڪردار ادا نه ڪري سگهيا آهن. 1947ع جي غلطي اڄا به اسين سنڌ جا ماڻهو ڀوڳي رهيا آهيون، قومپرست ۽ عوامي سياست ڪندڙ وچولي طبقي جون جماعتون نعري باز وڏيڪ رهيون آهن. سماج جو تجزيو ۽ حقيقي مسئلن جي حل مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاگيرداري شاهي جو اجان تائين خاتمو نہ ٿي سگھيو آهي، سنڌ جا مسڪين هٽي ظلم هيٺ پيڙهجن ٿا، هڪ طبقاتي غلامي جو جبر ۽ ٻيو قومي غلامي جو جبر ۽ ذلتون، ان لاءِ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هن وقت مدي خارج، نعري باز سياست کان پاسو ڪيو وڃي، عملي سياست کي اهڙي عوامي انداز سان پيش ڪيو وڃي، جيئن اها سياست سنڌ جي ڇوٽڪاري جو سبب بڻجي، قومپرست سياست جو وڏو الميو اهو بہ رهيو آهي تہ اهي پارلياماني سياست کان ڪٽيل رهڻ ڪري عملي طرح سياسي ميدان ۾ ناڪ آئوٽ رهيون آهن، جنهن ڪري سڄو سياسي ميدان ۽ جمهوري ادارا سنڌين جي خلاف ڪتب آندا ويا آهن، ترقي پسند پارٽي ان حقيقت جو اندازو لڳائيندي هي رستو اختيار ڪيو آهي تہ سنڌ جي آجپي ۽ بقا جي ويڙهہ ۾ ڪوبہ مورچو خالي نہ ڇڏبو جنهن ۾ سنڌ دشمن گھڙي ان کي سنڌ خلاف ڪتب آڻي سگھن، ترقي پسند پارٽي سياڻي جي سنڌ جي متبادل سياسي قيادت ۾ نمائنده پارٽي بڻجڻي آهي، رڳو اسين حوصلہ مند ٿي چيلهہ سان سندرو ٻڌي جدوجهد ڪريون، هن وقت سڄي دنيا جو وايو منڊل تبديل ٿي ويو آهي، هٿيارن جون قيمتون ايتريون تہ چوٽ چڙهيل آهن جو پاڪستان جو ملڪ 90 ارب روپيا هر سال ۾ خرچ ڪري ٿو پوءِ بہ پورو نہ ٿو پوي، فوجون رکڻ ۽ انهن کي ٽريننگ ڏيڻ سڀ کان ڏکيو مسئلو ٿي پيو آهي، ان ڪري آمريڪا جهڙو ملڪ بہ پنهنجي فوجن جي تعداد ۾ ڪمي ڪري رهيو آهي تہ اهڙي صورتحال ۾ ڪابہ عوامي قسم جي جماعت فوجي سازو سامان جو خرچ پري پاڪستان جهڙي رياست سان مقابلو ڪري سگھي ٿي؟ اهو سوچڻ جو سوال آهي تہ اسين انقلاب جي شوق ۾ هٿياربند جنگ جا نعرا هڻون پر ڇا عملي طرح جنگ ڪري سگھون ٿا يا نہ؟ جڏهن عملي طرح ڪجھہ نٿا ڪري سگھون ۽ جدوجهد کي نعري بازيءَ جو شڪار بڻايون ٿا تہ ان جو نقصان هي آهي تہ قوم ۾ مايوسي ۽ شڪست خورده سوچ پيدا ٿئي ٿي. سنڌ جا قومي دشمن 100 ڀيرا طاقتور ٿي سنڌ کي قابو ۾ رکڻ ۽ نيست و نابود ڪرڻ لاءِ رٿابندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪن ٿا. ان ڪري پاڻ سنڌي روز بروز سياسي ميدان مان خارج ٿيندا پيا ويجون، جيئن جا سڀ وسيلا هٿن مان وڃائيندا رهيا آهيون. ان ڪري گهرج ان ڳالهه جي آهي تہ سنجيده ٿي سنڌ جي مسئلن جو سياسي حل ڳوليو وڃي. سنڌي قوم جي مقدر ۾ ننڍي کان ننڍيون ڪاميابيون وجهي اميد جاڳائجي ۽ وڏي فتح ۽ جنگ لاءِ تياري ڪجي، مايوسي ۽ مدي خارج سوچ سان ڪڏهن بہ وڙهي نہ سگهبو. دنيا ۾ انقلاب جا مروج ٻہ طريقا آهن: هڪ هٿياربند جدوجهد ذريعي پراڻي نظام کي ڊاهي نيست نابود ڪري نئون سماجي نظام اڏبو آهي. ٻيو طريقو سياسي جمهوري اصلاحات سان انقلاب لاءِ راهہ هموار ڪبي آهي تہ آخري منزل تي رسڻ مهل ان قوت جو مظاهرو ۽ استعمال ڪبو آهي، جنهن سان استحصالي ۽ پرمار قوتن جو انت آڻي سگهجي، سنڌ جي مخصوص موجوده صورتحال ۽ سنڌ جي مٿان غاصب قوتن جي طاقت جو اندازو لڳائيندي انقلابي قوتن کي اها سمجهہ هجڻ گهرجي تہ هو ڪيئن انهن استحصالي ۽ پرمار قوتن کي شڪست ڏيندا.

انقلابي ويڙهہ ۽ عمل لاءِ جن ڳالهين جي گهرج آهي اهي هيٺيون آهن:

1. مضبوط تنظيم هجي.
2. تنظيم جي هر عمل کي مڪمل عوامي حمايت حاصل هجي.
3. انقلابين عوام اندر انقلابي تنظيم جي حفاظت جو ڪم ڪيو هجي، جيئن عوام کي تحفظ ملي سگهي.
4. انقلابي قوتن جي مقابلي ۾ دشمن غير مستحڪم هجي.

هتي پاڻ وٽ 4 ئي نقطا خود پنهنجي خلاف آهن. تہ اهڙي وقت طاقت کان وڏا نعرا ڏيڻ عقلمندي ٿيندي ڇا؟ ان ڪري ترقي پسند پارٽي کي مڪمل طور تي سياسي راهہ اختيار ڪندي سماج ۾ سنڌين لاءِ آئيني ۽ قانوني تحفظات حاصل ڪرڻ گهرجن. سنڌ جي قومپرست سياست کي سڄي سنڌي عوام جي متحد متبادل متفقہ ۽ مشترڪ جدوجهد ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي. پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو ڪم پار ٿي سگهي ٿو ان لاءِ عوام کي سياست ۾ سياسي جدوجهد ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن کي سنڌ ۾ سماجي خدمت کي متعارف ڪرائڻو پوندو. جيئن بي لوث ۽ خلوص سان سنڌ جي مسڪين ماڻهن جي مدد ڪري سگهجي، عام ماڻهو کي سماجي تحفظ ڏياري سگهجي. پوليس، چور ڌاڙيل ۽ وڏيراشاهي توڙي رياستي دهشتگرديءَ کان عوام جو تحفظ ڪيو وڃي ته اهي سڀ ماڻهو سياڻي ترقي پسند پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ متحد ۽ منظم ٿيندا. ان کان سواءِ ڪوبه انقلاب آڻڻ ۽ سماج کي تبديل ڪرڻ جي ڳالهه صرف خواب ٿي سگهي ٿي. اڄ ڪلهه سڄي دنيا ۾ غلام قومون ۽ آزادي لاءِ ڊگهي طويل جدوجهد ڪندڙ قومون به ٽيبل تي ويهي سياسي اصلاحات آڻڻ جي ڪوشش ۾ آهن. جيئن هو سندن معاشري کي تباهي ۽ بربادي کان بچائي سگهن. A.N.C ۽ P.L.O جو مثال سامهون آهي. ڪينيڊا ۾ ڪيوبڪ به ان نقطي نظر سان جدوجهد ڪن پيا. برطانيا ۾ اسڪاٽ ۽ ويلز فرانس ۾ باسڪ قوم به ان پارلياماني طريقي سان ويڙهه ڪندي پنهنجي قوم کي منظم ۽ متحرڪ ڪري آئيني تحفظ حاصل ڪندي قومي آزادي جي بنيادن کي مضبوط ڪري رهيا آهن. هٿياربند جدوجهد ۾ ڊگهي عرصي کان مسلسل ويڙهه ڪرڻ کان پوءِ اهي سڀ تنظيمون پنهنجو وجود وڃائي چڪيون آهن. يا ڪابه نمايان ڪاميابي حاصل نه پيون ڪري سگهن.

هندستان ۾ سک تحريڪ، آسام ناگا لينڊ وغيره سواءِ ڪشمير جي- ڪشمير جا سبب ڪهڙا آهن پاڻ ڄاڻون ٿا. سريلنڪا تامل جدوجهد جيڪا دنيا جي منظم ترين گوريلا جدوجهد آهي، جيڪا ڪاميابي نه ماڻي سگهي آهي. پرڀاڪرن جي هٿياربند جدوجهد جو حشر پنهنجي سامهون آهي. برما ۾ ڪيترن باغين بنگلاديش ۾ شانتي باهني، فلپائن ٿائلينڊ وغيره گذريل 70 سالن کان ڪميونسٽ هٿياربند جنگيون ڪندا رهيا آهن. پر نتيجا سامهون آهن. يورپ ۾ شاندار آئرلينڊ جي آزادي لاءِ وڙهي ويندڙ جنگ به هاڻ پنهنجي آخري پساهن ۾ آهي. ان جو بنيادي سبب اهي ئي چار نقطا ته دشمن انقلابين کان مستحڪم آهي، سندن پنيرائي مڪمل ناهي ۽ تنظيم ڪمزور شڪل ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. ناتو حاصل ڪرڻ ۽ عوام اندر راءِ عامه هموار ڪرڻ ۾ ناڪامي سبب هي انقلابي آزادي پسند هٿيارپند جدوجهدون ناڪام ٿيون آهن. ان ڪري اسان کي انقلابي رومانيت پسنديءَ مان نڪري حقيقت پسند ٿي سنڌ جي نجات لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. اهوئي انقلابي ۽ آزاديءَ جو صحيح رستو آهي، جنهن سان ان اخلاقي ڏيوالپڻي جو شڪار قوم کي پاڻ ڪاميابي جي منزل تي رسائي سگهنداسين.. جيئي سنڌ...

فيبروري 1994ع ڀٽ شاهه ۾ پيش ڪيل سياسي رپورٽ

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسين سرن سان ڪفن ٻڌي وڙهندڙ انقلابي آهيون

پينر ۽ ڀائر، دوست ۽ ساٿيو!

جيئي سنڌ، جيئي سنڌي پورهيت عوام!

موجوده صورتحال جيتري پيچيده، مشڪل ۽ اٿانگي ٿي رهي آهي، شايد ڪڏهن ائين پيچيده رهي هجي، ان جو سڀ کان وڏو ڳنڀير مسئلو ۽ ثبوت هي آهي تہ سنڌي ماڻهو هر ڪو اها ڳالهہ محسوس ڪري رهيو آهي تہ هن جو وجود هاڻ هن ڌرتيءَ تان ميسارجي رهيو آهي، ۽ سنڌن سڀ حق ۽ واسطا ختم ٿيندي محسوس ٿي رهيا آهن ۽ سنڌن ايندڙ نسلن جي هن ڌرتيءَ تي زنده رهڻ يا هن ڌرتيءَ جو ڪين مالڪ ٿي رهڻ جي ڪابہ پڪ ناهي رهي، ان هوندي بہ ماڻهو گونگن ۽ ٻوڙن وانگر تماشائي بڻيل آهن. تمام گهڻي نراسائي ۽ بي وسيءَ سان هي قوم پنهنجي ايندڙ نسلن جي تباهي جو انتظار ڪري رهي آهي، ائين جيئن ڪنهن فرد کي چؤڪنيو ٻڌي ان جا هٿ، پير، وات سينيءَ کي ائين سُڪَ ڪيو ويو هجي جو هو معمولي کان معمولي چرپر کان محتاج هجي ۽ ان جي هيٺان ٽائيم بم ڏنو ويو هجي ۽ ماڻهو صرف ٽائمر جي ٽڪ ٽڪ ٻڌندي بم ڦاٽڻ ۽ سندس مرڻ جو انتظار ڪندو هجي. اهڙي ڪيفيت ۾ قوم جي جياپي ۽ جدوجهد جي واٽ ڳولڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي، ڇو تہ جيڪي حب الوطني ۽ قوم دوستي جي ڳالهہ ڪندڙ هجن ۽ حقيقي طرح قوم جي آجپي لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪندڙ جماعتون يا قيادتون آهن، انهن کي ماڻهو غيرموثر ۽ غير اهم سمجهي يا ويتر ڪٿي پنهنجو دشمن سمجهي نظرانداز ڪريو ڇڏين ۽ جيڪي ڇاتل سڃاتل دشمن آهن، جيڪي بہ صرف اسان جي ڏاڍن ۽ پڙڏاڏن کان وٺي اسان جي استحصال، تذليل ۽ غلامي جو بنيادي محرڪ رهيا آهن، انهن کي خصيص مفادن لاءِ اسين پنهنجو سڄڻ سمجهي سڀ ڪجهہ انهن جي حوالي ڪريو ڇڏيون ٿا، ڇا هيءَ قوم هن غلامي، ذلتن، عذابن، ڦرلٽ، بربادي ۽ تباهہ حالي مان نڪري سگهندي؟ اهو سوال اڄ بہ سڀ کان اهم سوال آهي، ان تي هر هڪ فرد کي باقاعده اسڪالر ٿي سوچڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهرجي ۽ عمل ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ڪا واٽ ملي، جنهن تي سڀ گڏجي عمل ڪريون تہ جيئن سنڌ جو ڇوٽڪارو ممڪن ٿي سگهي.

پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ سبب سنڌ کي جيڪي تمام گهڻا هاڃا رسيا آهن، انهن مان هڪ زبردست قسم جو هاڃو هي بہ آهي تہ اڄ سنڌي ماڻهو غيريقينيءَ جي ڪيفيت ۾ بيٺا آهن ۽ سياڻي انهن جو ڇا ٿيندو؟ ۽ هو بحيثيت قوم ۽ هن ڌرتيءَ جي مالڪ جي حيثيت ۾ زنده رهي سگهندا يا نہ؟ جنهن ڏينهن کان سنڌ پاڪستان ۾ شريڪ ٿي آهي، ان ڏينهن کان وٺي آهستي آهستي سنڌ ۾ سنڌين کي تن تنها ڪنهن ديوار ڏي ڌڪيو ويندو رهيو آهي، هن ملڪ ۾ سنڌين کان پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت ڪسي اسان کي مجبور ڪيو ويو تہ اسين پرائي زبان ڳالهايون ۽ ان جي بالاتر حيثيت کي قبول ڪيون. جڏهن بہ سنڌ مان سنڌ جي قومي ٻولي سنڌ جو آواز ٿيو تہ هنن هميشہ اسان جي ٻولي ۽ ثقافت تي چڙهون ڪري اسان کي سنڌين جا لاش گهرن ڏانهن ڏياري موڪليا. ون يونٽ جي نالي ۾ سنڌ جي قومي سڃاڻپ ختم ڪري هڪ اولهہ جي بلاڪ ۾ ضم ڪري مغربي پاڪستان ٺاهيو ويو. جنهن ڪري سنڌ کي ميساري ۽ سنڌي قوميت جي خاتمي جي عملي شروعات ڪئي وئي، ان سان گڏوگڏ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي امتحان جو شرط ختم ڪيو ويو، جنهن موجب ڪوبہ غير سنڌي يا سنڌي نہ ڳالهائيندڙ ڪوبہ ڪامورو مستقل نہ آباد ٿي سگهي ها. نہ هتي حڪمراني ڪري پنهنجي وحشانيت جا روپ ڏيکاري سگهي ها. معاشي طرح سنڌ جا سڀ ذريعا ۽ وسيلا پاڪستان جي نالي ۾ مرڪز جي حوالي ٿي ويا ۽ سنڌ سڄي نڌڻڪائيءَ جي ور چڙهي وئي. ويتر مارشل لائن ۾ جيڪو انساني قتل عام ٿيو ۽ ڌارين جي فرقي پرستي جي بنياد تي فاشسٽ گروهن کي هٿيار ۽ پئسا ڏئي سنڌن ان حد تائين پنيرائي ڪئي وئي جو هو کلي عام قتل و غارتگري ڪندا رهيا. نتيجي ۾ سڄو سماج انارڪي ۽ فاشزم جي ور چڙهي چڪو آهي، حڪمرانن جي غلط پاليسين جو نتيجو هي آهي جو اڄ سنڌن ئي پيدا ڪيل هچائون انهن جي ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري چڪيون آهن. انهن کي ڪنٽرول ڪرڻ اڄ سرڪار جي وس ۾ بہ ناهي، ڇو تہ هٿيار ۽ بارود جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذخيرن، ٻاهرين ملڪن جي هنن فاشسٽن کي مالي ۽ اخلاقي مدد، اڄ مڪمل طور سڄي پاڪستان سرڪار کي لولو لنگڙو بڻائي ڇڏيو آهي. جو هر قسم جي ڪوشش ويندي دهشتگردن کي حڪومت ۾ شموليت ڏيڻ ڪان پوءِ به امن قائم نه ٿي سگهي ۽ روز بروز انهن جي بليڪ ميلنگ ۽ ڌمانڌ جي سطح وڌيڪ سنڌ دشمن ۽ وڌيڪ سخت ٿيندي ٿي وڃي، جنهن مان محسوس ٿي رهيو آهي ته هو هر حال ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي ضمانت کان سواءِ ٻي ڪا به ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن. اها ڳالهه اسان جي لاءِ لمحه به لمحه فڪريه آهي ۽ اڄ به سيني سنڌين کي بکيو بدحال ڪيو ويو آهي. سڄي سنڌ معاشي ابتريءَ ۾ گهيرجي چڪي آهي، هر گهر ۾ هر فرد ان عذاب کان آجو ناهي. ڪيڏو به خوشحال خاندان آهي پر ان هوندي به ان گهر جا نوجوان بيروزگاريءَ جي ٻنڌڻ ۾ ڦاٿل آهن. سنڌ ۾ ڪو به نئون ترقياتي ڪم نه پيو ٿئي، پر جيڪڏهن ڪم شروع ڪيو ويو آهي ته پئسن جي کٽي وڃڻ سبب ان ڪم کي اڌورو ڇڏيو وڃي ٿو ڪيترائي ڪم ان ڪارڻ سبب اڌ ۾ رهجي ويا آهن. سرڪار پنهنجي ملازمن کي پگهارون ڏيڻ کان عاجز آهي، غير ملڪي مالياتي ادارن جو هن ملڪ تان اعتبار ۽ اعتماد ختم ٿيندو پيو وڃي، ڇو ته هتي هر ماڻهو پنهنجي ڪميشن جي وصولي ۾ سرگردان آهي، ڪرپشن جي اهڙي حد اچي پهتي آهي جو ڪنهن به پروجيڪٽ لاءِ رکيل رقم جو 25 سيڪڙو مشڪل سان انهن پروجيڪٽس تي خرچ ٿئي ٿو نتيجي ۾ ملڪ تي قرضن جو بوجهه ۽ مالياتي ادارن جي دٻاءَ سبب عام ماڻهو جي زندگي تي ايڏو دٻاءُ آهي ۽ روزمره جي شين کي ايڏو مهانگو ڪيو ويو آهي جو مسڪين ماڻهو لاچاريءَ جي حالت ۾ آهن، ته هو صرف اٽو وٺي ماني کائي پيٽ پالين ته اها به وڏي نعمت آهي، اهڙي حالت ۾ پاڪستان سرڪار هتي بنيادي قسم جي تبديلين يا عوامي اهنج ختم ڪرڻ لاءِ به رٿابندي ڪري، ان بجاءِ ملڪ ۽ حڪمرانن جو سڄو زور هن تي آهي ته فوجي ادارن ۽ رت پياڪ بدمست جنرلن کي وڌيڪ طاقتور بڻائي ڦرلٽ ۾ حصيدار بڻائي ماڻهن جي ٻي حسي ۽ هن ملڪ ۾ مظلوم قومن جي غلامي کي دائمي بڻائڻ ۽ محڪومن جي آواز کي لانگ بوٽن هيٺان دٻائي ڇيچلائي ختم ڪيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃي. اهڙي حالت ۾ سڀ کان ڳڻتي جوڳي ڳالهه هي اهي تہ بک، بدحالي ۽ ذلتن سبب مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن ۾ انقلابي جذبو پيدا ٿيڻ گهرجي، جيڪا سڄي ڦرلٽ، غاصبيت ۽ جبر کي تباهہ ڪري سماج ۾ انقلاب برپا ڪري، پر افسوس آهي تہ اڄ اسان جو معاشرو وڏيڪ منفي رخ اختيار ڪندو وڃي رهيو آهي، بجاءِ هتي ڪي انقلابي قوتون جنم وٺن ۽ ماڻهن ۾ هن سڄي ملڪي بيهڪ خلاف هڪ ڪاوڙ ۽ نفرت جنم وٺي. ان بجاءِ هتي هڪڙا ماڻهو سڄي ذلتن کي تهہ دل سان قبول ڪندي پنهنجي حقن ۽ وجود جي جنگ تان دستبردار ٿي حاڪمن جي چاپلوسي ۽ خوشامند ۾ پورا آهن تہ ٻيا وري سماج کان لاتعلق ٿي مايوسين جي پاتال ۾ ايترو تہ گم ٿي ويا آهن جو انهن کي جياپي جي ڪابہ واٽ نظر نہ ٿي اچي. ان لاءِ پنهنجي وجود جي تباهي جو اظهار ڪري رهيا آهن، ۽ سماجي نفسياتي مريض بنجي ويا آهن تہ ٽيان وري هن ڦرلٽ ۽ جبر ۾ ذاتي طرح پنهنجو حصو پتي ڇڪڻ لاءِ ڏارين جي دلالي ڪندي سنڌي قوم سان ويساهہ گهاتين ڪرڻ ۽ جبر مڙهڻ ۾ اوترائي شريڪ آهن، جيترا ڌاريا حاڪم، چوٿين پاسي خود سياسي ورڪر ۽ سياسي ڄماعتن جي شڪل شبيهہ، جوڙجڪ سياسي اثر رسوخ ۽ ڪنهن بہ سياسي پارٽي وٽ هن سڄي بحران جي حل لاءِ ڪابہ واٽ ڪانهي، ان لاءِ ڪنهن وقت محسوس ٿيندو آهي تہ ڪجهہ بہ ناهي ٿيڻو بس اسان کي پنهنجي وجود جي تباهي جو انتظار ڪرڻ گهرجي تہ ڪڏهن ٿو ڌماڪو ٿئي ۽ اسان جي ڪنن تي هي پڙلاءُ پوي تہ اڄ سنڌ ۽ سنڌين جي ڪابہ حيثيت ناهي، ان لاءِ ڪوبہ سنڌي ڳالهائيندڙ هن ڌرتي جي مالڪي جي دعويٰ نہ ڪري پر خيرات ۾ مليل زندگي قبول ڪري سموري ذلتن سان ٽئين درجي جو شهري بڻجي زندگي گذاري تہ ٺيڪ نہ تہ سنڌ ڇڏي هليو وڃي، شايد اسان اهو پڙلاءُ ۽ اعلان ٻڌڻ جي انتظار ۾ آهيون؟ هن هيڏي ساري ڳنڀير صورتحال ۾ سڀ کان اهم ڪردار سنڌ جي انقلابي پارٽي جو جڙي ٿو پر لڳي ائين ٿو تہ يا تہ انقلابي پارٽيون سنڌ ۾ موجود ناهن يا آهن تہ هو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر آهن، ان لاءِ سماج ۾ ايتري ڇڙواڳي، انارڪي، چاپلوسي پيدا ٿي آهي ۽ سنڌ دشمن قوتن سنڌ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تباھہ ڪرڻ لاءِ عملي سرگرمين جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي، پر انهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪابہ ڌر ميدان تي ناهي، ٻہ وڏيون پارٽيون پ پ پ يا مسلم ليگ اهي ٻئي ان منفي رجحان کي تيز ڪرڻ ۽ سنڌ کي چوڪنيو ٻڌي غلامي ۾ ڌڪڻ ۽ ڦرلٽ جو ذريعو بڻائي غاصبن ۽ جابرن اڳيان ڦٽو ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽي وڃڻ ۾ مصروف آهن. ان لاءِ سنڌي ماڻهو کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ اهي ٻئي جماعتون اسان جي عذابن ۾ ڪميءَ لاءِ ڪو ڪردار ادا نہ ڪنديون. اها ڳالهہ ناممڪن آهي، ويتر سنڌ کي تباھہ ڪندڙ عمل کي تيز ڪرڻ ۾ پنهنجي علم ۽ عقل ۽ وسيلن جي سيڙپ ڪنديون تہ جيئن ٿوري گهڻي مزاحمت بہ سنڌ مان هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي ۽ هو پنهنجي مرضي موجب سنڌ جي هن عظيم و عاليشان ڌرتي تي دائمي قبصو ڪري اربين روپيا پيدا ڪندڙ قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ ڪندا رهن. ٻئي طرف ٻيون جيڪي بہ سنڌ ۾ ننڍيون ننڍيون پارٽيون آهن. عملي طرح جهڙوڪ هو عملي سياست سان ڳنڍيل ناهن ۽ اهي پارٽيون سياسي جدوجهدن کان لاتعلق خودنمائي يا ذهني عياشيءَ لاءِ پارٽيون رڳو سڪٽا نعرا هڻنديون رهيون آهن. باقي رهي ترقي پسند پارٽي جيڪا ڪنهن بہ حوالي سان پنهنجي جدوجهد جاري رکيو اچي پئي. ان هوندي بہ اڄ سنڌ اندر هن راءِ کي مضبوط ڪيو پيو وڃي تہ ترقي پسند. پارٽي ڏسو جاڻ ختم ٿي، چو تہ پاڻي جي ڦوٽي وانگر ايري پر هاڻ ايڏو جلد ئي ختم ٿي ويندي. ڪجھ اسان جي پنهنجي عملن ۽ غيريقيني واري ڪيفيت يا مختلف ڪارڪنن جي داخلي تضادن سبب محسوس ٿيندو رهيو آهي تہ شايد پارٽي اڳتي هلي نہ سگهي، پر اهي سڀ رايا ۽ تجويزون غلط آهن. جتي سڄو سماج ڪرپشن ۽ بي حسي جي ور چڙهيل هجي، ماڻهو پٿر جا بنيل احساسن ۽ جذبن کان خالي ٿي ويا هجن. اتي وري بہ جيڪڏهن ٿورو گهڻو تحرڪ ۽ اميد جهڙي صورتحال وري بہ ترقي پسند پارٽي جي جدوجهد سبب پيدا ٿي آهي، ان لاءِ اهو تمام وڏو ڪريڊٽ آهي تہ پارٽي هيڏي وڏي بحران ۽ سخت ناڪابندي کان پوءِ بہ موجود آهي ۽ تحرڪ ۾ آهي. ڪوبہ پارٽي جو ڌڙو يا گروپ يا پارٽي کان علحده ناهي ٿيو سڀ جا سڀ ساٿي پارٽي ۾ موجود آهن. اڄ بہ انهن جي ذهن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضمير ۽ روح ۾ هي تڙپ برقرار رهي آهي تہ ڪيئن سنڌ لاءِ پنهنجون خدمتون آڇين ۽ ترقي پسند پارٽي ڪان هر اول ڪردار ادا ڪرائجي، اهو صرف ۽ صرف ترقي پسند پارٽي جو ئي ڪمال آهي، ان صورتحال کي ڳنڀير بنائڻ لاءِ پارٽي مخالف مختلف حوالن سان پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن تہ پارٽي ختم ٿي وئي، پارٽي قيادت وڪامجي وئي وغيره وغيره. پر اصل ۾ اهي سڀ مخالف سنڌن ناڪامين ۽ محرومين کي لڪائڻ لاءِ ترقي پسند پارٽي تي جلهون ڪري رهيا آهن، اسان جا ڪارڪن جڏهن خود مونجهارن جو داخلي تضادن جو شڪار هوندا آهن ۽ غيريقيني واري ڪيفيت ۾ مبتلا هوندا آهن، اهڙي وقت منفي پروپيگنڊا جا تمام تکڙا اثر قبول ڪري وٺندا آهن. جنهن ڪري پارٽي جي عملي سرگرمين تي ڪنهن حد تائين اثر ٿيو آهي، ترقي پسند پارٽي جيڪا سنڌ ۾ پنهنجي بهادرانہ ڪردار ۽ عملن سان هڪ خاص سڃاڻپ رکي ٿي، اهو تاثر انهن منفي پروپيگنڊا بازن ڪمزور ضرور ڪيو آهي پر پارٽي ۾ ان مزاحمتي جذبي کي ختم نہ ڪري سگهيا آهن، اڄ بہ سيني ڪارڪنن جي دل ان ڳالهہ لاءِ ٽپا ڏيندي رهي ٿي ۽ تمام وڏي خواهش رکي ٿي تہ ڪاش ترقي پسند پارٽي ساڳئي مزاحمتي ڪردار سان سڃاتي وڃي. ڪارڪنن ۽ قيادت اوترا ثابت قدمي سان سنڌ جي انقلاب لاءِ ڪردار ادا ڪن، جيڪا تمام مثبت ڳالهہ آهي، دوستن ۽ ساٿين طرفان تعاون ۽ اهڙي جذبي جو تمام گهڻو آڌر ڀاءُ ٿيڻ گهرجي. اهڙن روين کي طاقتور بڻائي ذميوارانہ رخ ڏيڻ گهرجي. توهان کي ياد هوندو تہ گذريل ڪانگريس ۾ جڏهن بدلجندڙ عالمي صورتحال جو تجزيو پيش ڪيو هوسين، ان وقت اسان صرف ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪئي هئي سين تہ دنيا هاڻ Unipolar تي وئي آهي، طاقت جو محور صرف هڪ رخو ٿي ويو آهي، ان لاءِ اڄ جي مظلوم قومن لاءِ عالمي دنيا کان سواءِ اخلاقي ۽ سياسي مدد جي ٻي ڪابہ اميد نہ ٿي رکي سگهجي، اخلاقي مدد بہ اسان کي تڏهن ملي سگهندي، جڏهن اسين پنهنجي قوم جا اڪثريتي نمائندا هونداسون، سڄي قوم طرفان سياسي مينڊيٽ حاصل ڪري سگهنداسين تہ پوءِ عالمي دنيا جي اسان کي مدد ۽ تعاون ملي سگهندو عوام جي اڪثريت مينڊيٽ کان سواءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪابہ پارٽي پاڻ کي ڪنهن بہ پارٽي محاذ تي عالمي برداري وٽ قابل قبول نٿي ڪرائي سگهي، ان لاءِ سڀ کان گهڻو زور ان ڳالهہ تي ڏيڻو آهي تہ اسين سنڌي قوم کي متحد ڪري ترقي پسند پارٽي کي واحد سنڌين جي نمائنده پارٽي قبول ڪرايون. اسان کي بجاءِ پراڻن نعرن جي تہ انقلاب بندوق جي نالي مان ڦٽندو آهي ۽ هٿياربند جدوجهد سان قومون آزادي ماڻي سگهنديون آهن، انهن نعرن ۽ حڪمت عملين کي 40 کان 70 جي ڏهاڪي جي حڪمت عملي سمجهڻ گهرجي، جنهن جي بنياد تي ان عرصي ۾ تمام گهڻيون قومون آزاديون ماڻي چڪيون يا مظلوم طبقن جي بادشاهن، آمرن ۽ جاگيردارن تي سوڀ تي ۽ قومي جمهوري انقلاب برپا ٿيا، اڄ هن دور جو مکيہ نعرو هي آهي تہ سماجي سڌارن ۽ قومي جاڳرتا سان انقلاب آڻيو. چو تہ اڄ جي دور ۾ فوجي سازو سامان وٺڻ، سنڀالڻ ۽ ڪارروائي ڪرڻ ڪنهن بہ وڏي کان وڏي آرگنائيزيشن جي وس جي ڳالهہ ڪانهي، خود ملڪ ۽ رياستون بہ فوجي تعداد ۾ ڪمي، هٿيارن ۾ ڪمي ۽ جنگ جدل کان توبهہ تائب ٿي اڄ پنهنجي ملڪن ۾ ماڻهن جي لاءِ سماجي سڌارا آڻڻ ۽ انهن ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪري رهيون آهن، جيئن عام ماڻهو هڪ ذميوار شهري ٿي سگهي، هن سال ۾ هٿياربند جدوجهد ۾ سڀ کان بہ اهم ڳالهيون ٿيون آهن تہ سريلنڪا جا تامل ٽائگر مشن برپا ڪرڻ کان پوءِ اڄ سريلنڪا سرڪار سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سياسي مفاهمت ڏانهن موٽن پيا ۽ دنيا جي تاريخ ۾ ڏکي ويڙهاند جو رڪارڊ رکندڙ Irish Army بہ اڄ ڪلهہ برطانيا سرڪار سان ڊائلاگ شروع ڪري هٿياربند روايتن تي پابندي لاڳو ڪري چڏي آهي، ان کان اڳ فلسطين، سائوٿ آفريڪا بابت گذريل ڪانگريس ۾ تفصيلي چاڻ ڏني وئي هئي، جيڪي خود بہ سياسي مفاهمت جي واٽ اختيار ڪندي آزادي جي ويجهڙائپ کي پهتيون آهن، جيئن منڊيلا اڄ پنهنجي ملڪ جو صدر آهي، ساڳي طرح دنيا ۾ هٿياربند ويڙهون بہ هلن پيون، جن ۾ روس ۾ چچنين مسلمان وڙهن پيا، بوسنيا ۾ بہ مسلمان پنهنجي ويڙهاند جاري رکندا پيا اچن، ان ۾ بہ زور سچو سياسي ڊئلاگ تي ڏنو ويو آهي، تہ مسئلي جو حل نڪري، بوسنيا جي ماڻهن کي ٻي ڪا واٽ ڪانهي تہ هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿياربند مزاحمت ڪن، هيڏي ساري سئو سيڪڙو بوسنيا جي مسلمانن جي ويڙهہ ۾ شڪست سڄي اسلامي ملڪن جي مالي فوجي سياسي، اخلاقي مدد بہ بوسنيائي مسلمانن جو قتل عام روڪي نہ سگهي آهي، توڙي جو هو پنهنجي ڌرتي جي جاگرافيائي حدن جو تحفظ نہ ڪري سگهيا آهن، نتيجي ۾ بوسنيا ٽڪرن ۾ ورهائجي ويندو ۽ مسلمانن کي رڳو ڪجهہ ٽڪرا ڏيندا، جتي هو هميشہ پنهنجي زندگي بي وسي، خوف ۽ وسوسن ۾ گذارين، اهڙي سڄي صورتحال تي نظر وجهڻ جو مقصد هي آهي تہ ڪڏهن بہ ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو پارٽي پنهنجي اصلي جوهر يا سچاٽپ يا جيڪا مزاحمت تان هٿ کڻي چڪي آهي يا ڪو عوامي سگهہ ۽ مزاحمت تان هٿ کنيو آهي، مزاحمت نہ ڪرڻ بزدلي آهي، سياسي ويڙهہ بہ هڪ مزاحمت آهي، اسين بزدل بنجي خوف ۽ وسوسن ۾ گهيرجي ويهي مارجي وڃون ۽ ان کان بهتر آهي تہ پنهنجي مقصدن تي پير پختا ڪري ويهي ان لاءِ جدوجهد ڪرڻ مخالفن کي هر محاذ تي شڪست ڏيڻ بہ مزاحمت آهي، ڇا دنيا ۾ سياسي علم جو ڪوبہ ماڻهو چوندو تہ گانڌي بزدل هو؟ نہ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ، جڏهن تہ گانڌي ڪڏهن بہ بندوق ڪانہ کنئي، بندوق کڻي وڙهڻ جي مخالفت ڪئي، ان اصول تحت ڀڳت سنگهہ، جهڙا بهادر پٽ ڦاهي چڙهي ويا، سڀاش چندر بوس جهڙا فوجي منظم جلاوطني ۾ مري ويا، پر گانڌي پنهنجو اصول نہ ڇڏيو ان کان پوءِ بہ ڪو ماڻهو گانڌي کي بزدل نہ ٿو چئي سگهي تہ پوءِ اسان کي هڏايو وڃي تہ سنڌ جي انقلاب لاءِ جڏهن سياسي ويڙهہ ثابت قدمي Posstive ۽ مزاحمت جي ڳالهہ هجي تہ اها بزدلي ڪيئن آهي......؟ اها ڳالهہ صرف ڪارڪنن کي گمراهہ ڪرڻ، انهن مان انقلابي جذبو ختم ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

ان سڄي بحث جو مقصد هي آهي تہ اسان جي ڪارڪنن کي بجاءِ بزدل ٿي ويهڻ جي بجاءِ هر هنڌ ٿيندڙ ظلم تي صبر ڪرڻ جي ان خلاف مزاحمت ڪرڻ گهرجي، مزاحمت ٻن قسمن جي ٿيندي آهي، هڪ هٿياربند مزاحمت، جنهن ۾ گوريلا ڪارروائين ۽ سڌي ويڙهہ ذريعي ميدان جنگ ۾ رهڻ، ٻي سياسي مزاحمت ٿيندي آهي، جنهن مان مراد آهي تہ پنهنجي مقصدن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حاصلات لاءِ اهي سڀ طريقا ڪتب آڻيوجيتري توهان ۾ سگهه آهي، هر ظلم ۽ ظالم کي للڪاريو ۽ سنڌ دشمن قوتن خلاف لوهي ديوار بڻجي انهن جي سازشن کي ناڪام بڻايو عوام کي پنهنجي حقن لاءِ روڊ رستن تي نڪري احتجاج ڪرڻ، هڙتالون ڪرڻ، بک هڙتالون ڪرڻ، سول نافرماني جهڙيون تحريڪون هلائڻ سان گڏوگڏ اسين جيڪڏهن ڪنهن سان جسماني طرح مقابلو ڪري سگهون ٿا ته اهو به ڪرڻ گهرجي، اهڙي طرح سنڌ کي هن بحران ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين. هن وقت ترقي پسند پارٽي جا ڪارڪن مختلف ذهني خلفشار ۾ ورتل آهن. هڪڙن کي هي احساس وڌي رهيو آهي ته انقلاب وغيره ڪجهه به ڪونهي، جيترو پارٽي جي نالي ۾ ٿاهي سگهجي اهو ٿاهجي، ڇو ته هنن کي خدشو آهي ته مرڪزي قيادت به صرف سياست ذاتي حاصلات لاءِ ڪري پئي. ان ڪري جائز ناجائز هٿڪنڊا استعمال ڪري پاڻ ٿاهيون. 24 ڪلاڪ ان سوچ ۽ غلطان ۾ آهن ته پاڻ ڪيئن ٿاهجي! ٻيو ڌڙو خالص ڪرمنل ماڻهن جو آهي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ سياسي سوچ رکندڙ نه آهي، تعداد ۾ اهي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن. پر پارٽي جو نالو به استعمال ٿئي ٿو انهن کي پنهنجي بچڙاين، سيني بدمعاشن کي لڪائڻ لاءِ پارٽي جي جهنڊي جو سهارو ۽ پناهه وٺي آهي ۽ اهي ماڻهو تمام وحشياڻي طريقي سان پارٽي مفادن جي نيلامي، تقدس ۽ وقار جي پائمالي ڪندا رهيا آهن. ان ڪري اڄ سڄي سنڌ اندر هي منفي پروپيگنڊا زور وٺي رهي آهي ته ترقي پسند پارٽي ڪرمنلز کي پناهه ڏئي ٿي ۽ انهن مان مفاد حاصل ڪري ٿي، نتيجي ۾ اسان جي ساٿين جي لازوال قربانين ۽ عظيم و عاليشان جدوجهد شهيد ساٿين جي وهيل رت کي ماڻهو مشڪوڪ نگاهن سان ڏسن ٿا. نتيجي ۾ هي زندگين جو پورهيو محنتون ضايع ٿيندي نظر اچن ٿيون ۽ شهيدن جي وهيل رت کي اسين خود بي رنگو ۽ ڏنڏلو بڻائي انهن جي ڪردارن کي ميساري رهيا آهيون. ٽيون ساٿين جو ڌڙو انتهائي ايماندار مخلص ۽ جاکوڙي ساٿي آهن، پر هن موجوده بحران ۾ پيدا ٿيل مونجهارن ۾ هو خاموش ٿيا ويٺا آهن. سواليه نگاهن سان مون ڏي سڏاري ۽ انقلابي قدمن لاءِ واجهائي رهيا آهن. ان ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجھ ساٿي باقاعده انهن برائين خلاف ويڙهاند ۾ عمل ۾ مصروف آهن.
گذريل سڄو سال اسين اهو انتظار ڪندا رهياسون ۾ دوستن ۾ ڪارڪنن کي سمجهائيندا رهياسين تہ ذاتي مفادن ۾ گندي ڏوهاري ڪلچر مان نڪري سياسي ڪلچر اختيار ڪري پارٽي لاءِ ڪو چڱو ڪم نہ ٿا ڪري سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ خاموش ويهون، پر پارٽي لاءِ بدناميون ذلتون ۾ رسوائين جو سامان تہ ڪنو نہ ڪيون، ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ سنڌ جي بقاءَ جي آخري اميد ترقي پسند پارٽي بہ عوام اندر نفرتن جو نشان بڻجي وڃي، ڪنهن بہ عوامي هلچل يا مزاحمتي تحريڪ لاءِ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهو واجهائيندي پنهنجي وجود تان هٿ کڻي وڃن.

اڄ مان هن ڪانگريس ۾ اعلان ٿو ڪريان توهان سيني ساٿين جي تعاون ۾ سهڪار سان ۾ اعتماد سان تہ اڄ کان پوءِ اسان جي صفن ۾ ڪوبہ ڪرمنل نہ رهندو نہ رهڻ ڏيندا سين. اڄ انهن سيني جي خاتمي ۾ پارٽي مان نيڪالي جو بہ اعلان ٿا ڪريون جن بہ ضلعن ۾ جيڪي ڪارڪن چندا خوري، چوري، ڦر، بداخلاقين جو بدترين رڪارڊ رکن ٿا ۾ سندن ڪردار ۾ گذريل سالن کان ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي، انهن سيني جا نالا ۾ ڪرتوتن جي لسٽ توهين ضلعن مان مرڪز کي ڏياري موڪليو اسين چنڊ ڇاڻ ۾ تحقيقات کان پوءِ سچائين جي روشني ۾ اهڙن ماڻهن کي پارٽي مان نيڪالي ڏيئي ترقي پسند پارٽي کي گند کان پاڪ ڪنداسين. نئين اتساهہ ۾ نئين سگهہ سان پنهنجي انقلابي ڪردار ۾ ثابت قدمي سان جدوجهد ڪندي منزل ماڻينداسين، اميد ٿا ڪريون تہ سڀ ساٿي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سرفروشي سان جدوجهد ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.

مٿئين سڄي صورتحال جي روشني ۾ اسان کي سنڌ جي جائزي وٺڻ سان خبر پوندي تہ اڄ سنڌ دشمن قوتون سنڌ کي ڀاڱا ڪرڻ لاءِ باقاعده عمل شروع ڪري چڪيون آهن، هي روزمره جي ڪراچي ۾ قتل و غارتگري ۾ دهشتگردي هڪ ويڙهہ جي ريهرسل آهي، ان ڪري اسان کي هن ڳالهہ کي ايڏو سادو ۾ آسان نہ سمجهڻ گهرجي، ايم ڪيو ايم جا سڀ ويڙهاڪ ۾ دهشتگرد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ بہ جماعت اسلامي ۽ جي يو پي جهڙي مذهبي جماعتن مان ايم ڪيو ايم ۾ شريڪ ٿيا هئا ۽ اڄ اهي سڀ دهشتگرد مذهبي جماعتن جي آڙ ۾ پناهہ وٺي لڪيو ويٺا آهن. مذهب جي نالي ۾ پشاور ۽ افغانستان مان ٽريننگ حاصل ڪري هٿياربند ٿي شهرن ۾ مذهب جي نالي ۾ قتل و غارتگري ڪري رهيا آهن. پر دراصل اهي سڀ اهي دهشتگرد آهن جيڪي ايم ڪيو ايم جي حلفيہ انهن رت پياڪ ماڻهن مان آهن. جن قسم کنيو آهي تہ هو سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪري مهاجر صوبو ٺاهيندا ۽ الطاف حسين سان هر حال ۾ گڏ رهندا. هن سڄي ريهرسل، خون خرابي ۽ افراتفري ذريعي هو سنڌي ڪارڪنن مان خوف ڪڍي جنگ لاءِ سنڌي ڪيڊر کي موبلائيز ڪري رهيا آهن. جڏهن هو محسوس ڪري وٺندا تہ انهن جا دهشتگرد هاڻ رياست يا سنڌين سان ڏکي ويڙهہ وڙهي سگهندا تہ اهي بندوق جون ناليون سنڌين ڏي موڙيون ويندا. جيئن 87 ۽ 88ع جي پناڻ ريهرسل کان پوءِ سنڌين جي رت سان هولي کيڏي وئي هئي، ان ڪري اسان تي هينئر تمام وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هڪ طرف اسين سنڌ جي هن مدي خارج وهم ۽ وسوسن ۾ ورتل جاگيردارانہ سنڌي معاشري ۾ هڪ انقلابي تنظيم سازي ڪريون. ڪارڪنن جون صفون مضبوط ڪريون. سنڌن سياسي، اخلاقي، جسماني ۽ روحاني تربيت ڪري هر خطري سان منهن ڏيڻ لاءِ سگهہ ۽ ساڃاهہ پيدا ڪريون تہ ٻئي طرف جاگيردارشاهي کان سياسي اقتدار کسڻ لاءِ پارٽي کي Gross rooted پارٽي ٺاهيون. مطلب تہ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ، وستي وستي ۽ گهر گهر ۾ پارٽي جو همدرد ۽ ڪارڪن پيدا ڪريون جيڪو سياڻي هلندڙ هلچل ۾ هر قسم جو سهڪار ڪري. پولنگ اسٽيشن تي ووٽ وجهڻ کان وٺي عوامي هلچل ۽ هڙتالن ۾ عملي شرڪت ٿائين هڙتال کان وٺي مزاحمتي جدوجهد جي تحريڪ ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جدوجهد ڪري. جڏهن تہ گهر گهر جي هر فرد جي زبان تي ترقي پسند پارٽي جو نعرو هوندو ۽ هو پنهنجائپ ۽ روح سان پارٽي جدوجهد ۾ گڏ هوندو تڏهن ئي اسان جا اصلي خواب سنڌ جي نجات ۽ خوشحالي جا خواب ساڀيان تي سگهندا. ان لاءِ ڪيتري محنت ڪرڻي پوندي، ڪيترن عذابن، پيڙائن مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گذرندي ڪشالا ڪٽي ڪيترن ساٿين جون زندگيون جيلن ۾ عذاب گهرن ۾ گذرنديون. ڪيترن ساٿين پنهنجي ريتي رت سان هن هلچل ۾ آدرشن ۽ مقصدن جي حاصلات لاءِ تر جيتري به سنجيده محنت ڪانه ڪئي اٿئون. اسان جدوجهد کي روايتي نعري بازي سمجهي ورتو آهي. يا خود فريبي ۾ خوش فهمين جي ور چڙهي ويا آهيون. ڪجهه دوست سمجهن ٿا ته ڊاڪٽر صاحب هي ڳالهه ڪري ماڻ ٿي ويندو خاموش ٿي ويهي رهندو ڏسو اها روش بلڪل غلط آهي. مان ٿي سال اڳ جيل مان پيغام موڪليو هيم جنهن ۾ مون واضح ڪيو هو ته جيئي ڊاڪٽر قادر مگسي جي نعري تي پارٽي گهڻو وقت نه هلي سگهندي. ان لاءِ پارٽي جي ڪاميابي جا بنياد عمل جي سچائي تي بيهاري جرئتن سان پنهنجي آدرشن جي حاصلات لاءِ ايماندارانه عمل جي شروعات ڪريون ته يقينن سوڀ ملندي. پوءِ پلي اسين ڪمزور هجون پر قدرت جي انتهائي وڏي طاقت اسان جي حق ۾ هوندي. اسان جو ڪم هي آهي ته اسين 5، 10 يا 20 سال اڳ ايندڙ خطرن کان قوم ۽ ڪارڪنن کي آگاهي ڏيون. انهن جي مقابلي لاءِ رٿابندي ڪري پارٽي جي لاءِ ننڍي ۽ وڏي مدي جا ٽارگيٽ مقرر ڪريون. ڪارڪنن جي تربيت ڪري ڪين عمل لاءِ تيار ڪريون. پر جيڪڏهن ڪارڪن تعاون نه ڪندا ته يقينن ڪابه قيادت اڪيلي سر اهو تاريخي ڪردار ادا ڪري نه سگهندي. ان لاءِ بجاءِ انتظار. خوف. وهم ۽ وسوسن ۾ وڪوڙجي خاموش ٿي ويجهي. پارٽي جي ڪاميابي ۽ آدرشن جي حاصلات لاءِ عملي طرح ميدانِ عمل ۾ سرگرم رهي. قيادت سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌڻ گهرجي. مسلسل پاڻ کي مضبوط بڻائجي ته جيئڻ ايندڙ خطرن کي منهن ڏئي انهن تي سوڀ حاصل ڪري سگهجي.

جدوجهد ڪهڙي به ڪجي. پارلياماني ڪجي يا انقلابي ڪجي پر هر جدوجهد جي ڪاميابي جو بنيادي محور عوام آهي. عوام جي شرڪت ۽ اڪثريت کان سواءِ ڪٿي به جدوجهد ۾ ڪاميابي نه ماڻي سگهبي. فلپائن. انڊونيشيا. ٿائليند برما. آمريڪا. آفريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ هٿياربند ويڙهون ڪميونسٽن. نسل پرستن جون هلن پيون. 40. 50 سال ٿي چڪا آهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر ڪابہ ڪاميابي نہ ماڻي سگهيا آهن. ان جو سڀ کان وڏو سبب هي آهي تہ ان ۾ عوام جي اڪثريت ناهي، صرف خوف جي بنياد تي ماڻهن کي پاڻ سان جوڙي نہ سگهبو آهي، انقلابي پارٽيون ۽ قيادتون ماڻهن کي روح جي رشتي ذريعي پاڻ سان ڳنڍينديون آهن ۽ روح جا رشتا ڪيئن جڙندا آهن. جڏهن انقلابي ماڻهو پنهنجي وات جو گرهہ بہ قوم جي مسڪينن کي کارائيندا آهن يا پنهنجي جان قربان ڪندي بہ قوم جي عزت، وقار، تقدس ۽ دفاع هر حال ۾ ڪندا آهن، اهڙا ماڻهو تاريخ جي هر موڙ تي ڪاميابيون ماڻيندا آهن. فتح اهڙن انقلابين جو مقدر هوندي آهي، ان لاءِ اميد ڪريون ٿا تہ اسان جا دوست بہ اهڙن انقلابي جذبن سان سرشار رهندا. دراصل اسان جي پارلياماني سياست جو مقصد اسان جي ساٿين غلط ورتو آهي، پارلياماني سياست ۾ ڪاميابي پنهنجي آدرشن جي حاصلات لاءِ هڪ وک اڳتي وارو قدم ضرور آهي پر اسان جي منزل ناهي، ترقي پسند پارٽي ۽ ان جي قيادت پنهنجي سڃاڻپ ۾ انقلابي آهي ۽ جوهر ۾ مزاحمتي پارٽي آهي، ان لاءِ مزاحمت جو سبق ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي، نہ ئي ان تان هٿ ڪڍڻ گهرجي، اسان جي اندر ۾ اها لاٽ ٻرندي رهي تہ جڏهن بہ سنڌ سڏ ڪيو اسين سرن سان ڪفن ٻڌي اڳيئين صفن ۾ وڙهندڙ فرد هونداسين. انشاءَ الله اهڙا جذبا پاڻ کي ڪاميابين سان همڪنار ڪرائيندا. هن وقت بہ مسئلا اهميت جوڳا آهن. هڪ تہ پارٽي لاءِ اڻ کٽ مالي وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ونڻ جيئن اسان جي تحريڪ ۽ جدوجهد ۾ ناڻي جي کوٽ جو سبب نہ رهي. ان لاءِ فنڊز بابت علحده مضمون ۾ تفصيل ڏنا اٿئون. ٻيو اهم ڪم سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ. گهر گهر تائين پارٽيءَ جو پيغام پهچائي جهر جهنگ ۾ پارٽي جا ڪارڪن ۽ همدرد پيدا ڪري پارٽي کي عوامي شڪل ۽ شبيهہ ۾ تبديل ڪجي، ان لاءِ هر دوست روزانہ ٽائيم ڪڍي هر ڪارڪن کي نوان ماڻهو پيدا ڪرڻ. نوان نوان يونٽ ٺاهڻ ۽ گهر گهر پارٽي پيغام پهچائڻ جو ڪم سرانجام ڏيڻ گهرجي، اسان جا 4000 ورڪر جيڪڏهن روزانہ بہ ڪلاڪ بہ پارٽي لاءِ صرف ڪن تہ 6 مهينن ۾ سنڌ جي انچ انچ تي ترقي پسند پارٽي جا ماڻهو ۽ نشان هوندا. جڏهن تہ انقلابي پارٽين جا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪارڪن هڪ ڪلاڪ يا ٻه ڪلاڪ نه پر 24 ڪلاڪ پارٽي جي ڪم ۾ جنبيل هجڻ گهرجن. ان کان سواءِ سوڀ ممڪن ڪونهي.

ان لاءِ اچو ته عهد ڪريون ته پاڻ هن ڪانگريس کان پوءِ نوان جذبا ۽ اتساهه کڻي پنهنجي گهرن ڏي موٽنداسين ۽ سڄي سنڌ اندر هڪ هلچل پيدا ڪري قومي جاڳرتا ۽ انقلابي صف بندي ڪنداسين ته سنڌ دشمنن جي صفن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿي ويندا.

فيبروري 1995ع ترقي پسند هائوس حيدرآباد

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخ اسان جي ڪلهن تي سنڌ جي آجپي ۽ بقا جو بار وڌو آهي

پيئرو پائرو ۽ ساٿيو!

جيئي سنڌ، جيئن سنڌ جا مارو ماڻهو ۽ جيئي هاري پورهيت عوام

منهنجا عزيز ساٿيو!

پارٽي ڪانگريس جا معزز ڊيليگيٽس توهان جي دلچسپي ۽ ڌيان لاءِ ٿورائتو رهندس، سڀ کان پهريائين ترقي پسند پارٽي جي تنظيمي صورتحال ۽ ڪارڪنن جي سياسي ۽ نفسياتي لاڙن تي روشني وجهڻ ضروري سمجهون ٿا.

گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ترقي پسند پارٽي مجموعي طور ڪجهه وکون اڳتي آهي، ڪارڪنن اندر منفي لاڙن ۾ ڪافي گهٽتائي تي آهي، مثال پارٽي ڏانهن سرد مهري وارو رويو، هڪ ٻئي کي مشڪوڪ نگاهن سان ڏسڻ ذاتي مفادن کي ترجيح ڏيڻ قومي جذبي جي کوٽ، پيش قدمي کان لنوائڻ، سهل پسندي، چڙواڳي، جهالت، اقربا پروري، ياري باشي ملهائڻ جا جيڪي به منفي رجحان هئا، انهن ۾ ڪي قدر گهٽتائي ضرور آئي آهي، پر مڪمل طور ختم ٿي نه سگهيا آهن، ڪارڪنن جي گهڻائي اها ڪوشش ڪئي آهي ته هو ايمانداري سان پارٽي جي ڦهلاءَ ۾ پنهنجا ڏينهن صرف ڪن، پر پارٽي جي تنظيمي محاذ تي منظم ٿي نه سگهڻ جو وڏي کان وڏو ڪارڻ ڪارڪنن ۾ فني ۽ سياسي تربيت جي کوٽ آهي، جنهن ڪري تنظيم کي منظم ۽ متحرڪ بنهه نه ڪري سگهيا آهيون، چو ته مجموعي طور تي سنڌي معاشرو جاگيردارانه قدرن تي ٻيٺل آهي، ان ڪري جاگيردارانه معاشري جا جيڪي به اوگڻ آهن، اهي سڀ سياسي ڪارڪنن ۾ موجود آهن، مثلاً مان اعتراف ڪريان ته اڄ جو ڪم سياڻي تي ڇڏڻ مزاجن لاپرواهي هجڻ جهڙي منفي رجحان ۾ اوهان جو پارٽي چيئرمين خود به ورتل آهي، پر وري به ڪوشش ڪندي هر ممڪن اپاءُ ورتا ويا آهن ته جيئن منفي رجحان مان نڪري پاڻ کي ڪمپيوٽر جي تيزي واري دور سان هم آهنگ ڪري جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

پارٽي جي خلاف جيڪو منفي پروپئگنڊا جو سيلاب گذريل ٽن سالن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان جاري آهي. اهو پارٽي جي مينارن کي لوڏڻ لاءِ ڪافي هو ڪجهه ڪارڪنن جي اخلاقي ڏوهن ۾ ڦاٿل هئڻ سبب هر هنڌ پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي ذهني اذيت مان گذرڻو پيو آهي. يا پارٽي جي مقبوليت تي حرف ايندو رهيو آهي ۽ عوام اندر خاص طور تي مڊل ڪلاس جي ماڻهن اهو تصور ڪري ورتو هو ته هتي ڏوهن جي ليڻ ديڻ ترقي پسند پارٽي جي آشيرواد سان ٿئي ٿي، پر هاڻ جڏهن ڪان سچ ظاهر ٿيڻ لڳو آهي ته اهو تاثر ڪافي حد تائين ختم ٿي چڪو آهي. ماڻهن قبول ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته ترقي پسند پارٽي ماڻهن جي عزتن، ملڪيتن جي محافظ آهي. نه ڪي ڦورو يا ڪو بليڪ ميلنگ ڪندڙ گروهه. اجا به ڪارڪنن ۽ وچولي طبقي جي شهري ماڻهن جي وچ ۾ رابطي جي ڪوٽ جيڪو خال پيدا ڪيو آهي تنهن سبب اسان جون سچايون ۽ قوم لاءِ ڪيل خدمتن ڪان ماڻهو مڪمل روشناس نٿا ٿين. ان لاءِ ضروري آهي ته ڪارڪن پنهنجو سڄو ڌيان پارٽي ۽ عام ماڻهن کي ڳنڍڻ تي ڏين. جيئن رابطي جي ڪوٽ جو خال ختم ٿي سگهي، عوام سچاين ڪان روشناس ٿي سگهي. ان لاءِ به "تربيت" جي ضرورت آهي. ڇو ته پاڻ صرف هڪ پير جو مثال کڻنداسين ته هو پنهنجي خليفن ۽ مريدن معرفت ڪيئن سندس ڪرشمن ڪرتبن جو ذڪر ڪرائيندو آهي ۽ معجزانا قصن ۽ حوالن ۾ بيان ڪرائيندو رهندو آهي. جيئن ماڻهن جو ان پير مرشد جي ڪامل هجڻ تي اعتماد ۽ اعتقاد وڌي، ان حد تائين به بي بنياد قصا ٺاهيندو آهي. ته پير صاحب رسول ڪريم ﷺ سان روزانه رات جو ڪچهريون ڪندو آهي. اهڙن بي بنياد قصن جو ورجاءُ ۽ عوام جي ذهني حالت کي ڏسندي قصا قبول ڪرايا وڃن ٿا. پر پنهنجو جيڪو ڪائناتي سچ آهي. ان کي عوام ڇو نه قبوليندو؟ اسان کي ان تي ويچارڻو آهي.

مجموعي طور تي پارٽي جي سياسي پاليسي، جدوجهد ۽ تحرڪ سنڌ ۾ سيني جماعتن ڪان وڌيڪ آهي. ان لاءِ پاڻ ان سياسي منظر نامي تي سياسي سگهه جي حيثيت ۾ زنده آهيون. رڳو تنظيم پاران منظم طريقي سان سياسي پيش قدميون شروع ڪنداسين ته ڪاميابي پنهنجا قدم چمندي. سنڌ جي اندر

تمام وڏو سياسي ميدان موجود آهي.

سفارتي ميدان ۾ سنڌ تمام ڪمزور آهي، اهڙي حالت ۾ سنڌ جي نجات ۽ بقا جو واحد ذريعو ترقي پسند پارٽي آهي جنهن جو هر ڪارڪن سنڌ جي آجپي ۽ خوشحالي جو عهد ڪئي جدوجهد ۾ نڪتل آهي، توهان جا جذبا همٿون ۽ هن ڌرتي سان Commitment ئي سنڌ کي بچائي سگهي ٿي، پنهنجي ڌرتي کي آچيل رت ۾ جو انيون سڀي سنڌي قوم اندر قومي غيرت ۽ مزاحمت جو جذبو پيدا ڪنديون.

جڏهن نوجوان سر ڏيڻ سکي وٺندا، رت جي ڦڙي ڦڙي مان هزارين جوڌا پيدا ٿيندا، جيڪي رت جي ريج مان جنم وٺندا، انهن کي دنيا جي ڪابه طاقت شڪست نه ڏئي سگهندي، سنڌ يلي يلغارين جي گهيري هيٺ هجي، سنڌي ماڻهو يلي اهوجهه هجن پر باغيرت، باشعور پٽ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته سنڌ جو ڪوبه وار ونگو نه ڪري سگهندو سنڌ قائم دائم رهندي، سنڌ جا ويري ميسارجي فنا ٿي ويندا يا هن ڌرتي جي سڄاڻپ مٽجي سنڌين جو حصو بڻجي پاڻ ٿي رهندا.

هاڻ توهان پاڻ سوچيو ته تاريخ پنهنجن ننڍن ڪلهن تي سنڌ جي آجپي ۽ بقا جو جيڪو بار وڌو آهي ان کي هڪ ذميوار فرد جي حيثيت سان ڪٺي منزل مقصود تي پهچائڻو آهي، ڪارڪن صرف هي سمجهي وٺن ۽ يقين ڪامل پيدا ڪري وٺن ته سنڌ جو انقلاب ۽ آجپو سنڌن محنت ۽ جدوجهد ۾ لڪل آهي ته هر حال ۾ سنڌي پاڻ پنهنجو مقصد ماڻينداسين ته دنيا جي ڪابه طاقت سنڌ کي مال غنيمت سمجهي نه لٽي سگهندي.

آخر ۾ ساٿين کان پنهنجو پاڻ سان عهد جي اپيل ٿا ڪريون ته: "هو هنن ذلتن خلاف جدوجهد ڪندي ڪاري رات جي خاتمي تائين پاڻ لاءِ آرام حرام قرار ڏين"

پاڪستان پيپلز پارٽي 1993ع جي چونڊن ۾ جيڪي عوام سان واعدا ڪري خواب ڏيکاريا هئا، انهن تي پورا نه لٿا آهن ۽ نه ئي ڪو ويجهي ماضي ۾ پ پ جو رويو تبديل ڪرڻ جو ڪو ارادو آهي، سنڌن اعليٰ قيادت کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٺي ڪارڪنن تائين پئسي ميڙڻ جي رجحان ۾ ڦاٿل آهن. ڪرپشن اقربا پروري عروج تي پهتل آهي، پر سڀ کان گندي روايت سياسي انتقام بازي جيڪا وڏيرن ۽ جاگيردارن جو مشغلو رهي آهي، پر هن سرڪار سياسي انتقام ۾ نفرتن کي تمام گهڻو طاقتور بنايو آهي، جنهن ڪري پ پ پ سنڌ اندر سندس همدرديون وڃائي رهي آهي. سياسي معاشي ۽ بين الاقوامي سيني محاذن تي پ پ کي ناڪامي ۽ رسوايون ڏسڻيون پيون آهن. لکين ماڻهن جي بيروزگاري جي فوج انهن جا خاندان اڄ مايوسي جي عذاب ۾ ورتل آهن.

سياسي سوجهه ٻوجهه رکندڙ ماڻهو سرڪار جي پاليسين کان بدظن آهن ته انهن سياسي، ثقافتي ۽ قومي ورثن جي تحفظ لاءِ ڪوبه ڪارنامو سرانجام نه ڏنو آهي، مثال طور غير ملڪين جي نيڪالي، سنڌ جي معدني وسيلن تي سنڌ جي مالڪي، سنڌين جي حق حاڪميت. آدمشماري، ڪالاباغ ڊيم، رياستي جبر، انساني حقن جي لتاڙ وغيره تي سرڪار جي ڪمزور موقف سبب پڙهيل ڳڙهيل حصو به مايوس آهي، ان ڪري سنڌ جي سڄي سياسي منظر نامي تي سياسي خال جنم ورتو آهي. انهي مايوسي، بي وسي، بي يقيني ۽ سياسي انتقام جي روش سبب مسلم ليگ نواز شريف گروپ پنهنجي بي انتها پئسي جي سيڙپ ڪري سنڌ ۾ پ پ مخالف ويڪائو وڏيرن کي گڏ ڪري سنڌ جي سياست ۾ داخل ٿيو آهي، پ پ جي حصي ۾ صرف هڪ Credit آهي ته Establishment جي چوڻ تي ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن جي خلاف لولي لنگڙي ڪارروائي ڪري سڄي ملڪ جي ميڊيا ذريعي پاڻ کي مرد مجاهد ۽ دهشتگردن خلاف مقدس جنگ وڙهندڙ قيادت طور پروپئگنڊا ڪئي آهي، جنهن جو اثر شايد 1996ع جو سال باقي رهي. ان کان پوءِ سرڪار وٽ عوام کي ڏيکارڻ لاءِ ڪجهه به نه هوندو.

ان مان اندازو لڳائي سگهون ٿا ته ايم ڪيو ايم جي اتحادي هجڻ کان پوءِ به نواز شريف سنڌ ۾ سندس سياسي حيثيت ٺاهڻ ۾ ڪوشان آهي، ان مان توهين پ پ جي ناڪامي ۽ عوام جي مايوسي جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. پاڪستان ملڪ هن وقت بحراني ڪيفيت مان گذري رهيو آهي، ملڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معاشي گهوٽالي جي ور چڙهيل آهي. بجيٽ جو خسارو هر سال وڌندو وڃي پيو عالمي مالياتي ادارن جو دٻاءُ ان حد تائين ملڪ تي وڌيو آهي جو عام ماڻهو ٽئڪس جي گهٽائيءَ ۾ صبح کان شام تائين پيڙجي رهيو آهي، روز مره جي کاڌي پيتي جي شين ۾ ايترو اضافو ٿيندو پيو وڃي، هيٺيون طبقو اهڙي بي وسي ۽ مسڪيني جي حالت ۾ پهچي ويو آهي جو هو ٿي وقت ماني کائڻ کان عاجز آهي، مسڪينن جي زندگين مان خوشيون، سک، تعليم ۽ صحت جا سڀ مسئلا هٿن مان وڃي چڪا آهن، اڄ به مسڪين هاري قيدي بڻجي غلامن وانگر جاگيردارشاهي وٽ پورهيو ڪن ٿا، ملڪ اندر ڪوبه ترقياتي ۽ پيداواري ڪم نه ٿو ٿئي، بجيٽ جو گهڻو حصو فوج، قرضن جي واپسي، امن امان جي مسئلي جي نالي ۾ مختلف وردي پوش فورسز جي حوالي ٿي ٿو وڃي. ان ڪري نه ملڪ ۾ ڪارخانو لڳي ٿو نه روزگار جو ڪو ذريعو پيدا ٿئي ٿو نه ئي ملڪ جي تعمير لاءِ ڪي ترقياتي ڪم عالمي ادارن جي امداد سان ٿي رهيا آهن، جنهن سبب ملڪ سڄو گروي ٿيندو پيو وڃي ۽ وڏيڪ ڪنگالپڻي ۾ ڦاسي پيو آهي، افراط زر وڌڻ، پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن جي کوٽ، ڪامورا شاهي ۽ سياستدانن جي ڦرلٽ ملڪ کي کوکلو ڪري وڌو آهي، جنهن ڪري سياسي، معاشي بحران جنم ورتو آهي، ملڪ ۾ انارڪي، ڇڙواڳي، دهشتگردي منظم ٿي آهي، شهرن جي بازارن کان وٺي مسجدون، امام بارگاهون به دهشتگردن کان پاڪ ناهن، سياسي، مذهبي، نسلي ۽ فرقي پرستي جي نفرتن ۾ سڄو ملڪ تار تار ٿي چڪو آهي، جنهن ملڪ ۾ اهڙي حالت پيدا ٿي پوي ان ملڪ جو بچڻ مشڪل آهي، ڇو ته حڪمران بجاءِ ماضي جي تجربن ۽ غلط پاليسين مان سبق پرائڻ جي ان غلط روايتن کي وڌيڪ متعارف ڪرائي رهيا آهن. جنهن مان هي ڳالهه واضح ٿي چڪي آهي ته هن ملڪ جا جيڪي پاڻ کي وارث سمجهن ٿا، اهي به سنجيده ناهن ته ملڪ بچي!

عالمي طرح ملڪ وڏي دٻاءُ ۽ پريشر ۾ آهي ته هو سپر پاور جو ڳيجهو بنجي هلي، ڇو ته معاشي طرح جڏهن ملڪ کوکلو بڻجي چڪو آهي، داخلي طرح انارڪي حوالي آهي ته عالمي طرح اهو ملڪ پنهنجو سياسي موقف ڇا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختيار ڪري سگهندو...؟ ان لاءِ ان کي هر دٻاءُ قبول ڪرڻو پوندو. محسوس ٿي رهيو آهي تہ جيڪو افغان لڙائي وار جي نالي ۾ هن ملڪ جي حڪمرانن فائدو ورتو آمريڪي امداد توڙي ٻين ذريعن مان ائٽمي قوت بڻجڻ لاءِ جيڪا پيش قدمي ڪئي هئي، ان پيش قدمي کي يا تہ عراق وانگر ڪلي عام ناڪاري پاليسي اختيار ڪري عالمي قوتن جي ٽڪراءُ ۾ بيهڻو پوندو يا اربين روپين جي خرچ سان جيڪو گذريل 20 سالن جي جاکوڙ ڪان پوءِ جيڪا ائٽمي طاقت بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ان تان هٿ ڪڻڻو پوندو. اميد آهي تہ هٿ ڪڍي ويندو. ڇو تہ اخلاقي جرئت ۽ آزادي تہ هن 1947ع ۾ ورڪوڪري ڇڏي هئي. ٻيو تہ جنگ هن وقت ايتري مهانگي ۽ تباهہ ڪن بڻجي وئي آهي جو پاڪستان صرف هڪ هفتو بہ جنگ وڙهي نہ سگهندو. هڪ هفتي لاءِ هڪ بلين ڊالر کپن. نتيجي ۾ ڪابہ جنگ هن ملڪ جي تباهي ۾ تابوت جو آخري ڪوڪو ثابت ٿيندي. ان لاءِ صرف گدڙ ڀڀڪيون ڪري عوام اندر پنهنجي ساک لاءِ هر سرڪار ڳالهيون ڪندي، پر عالمي دٻاءُ برداشت نہ ڪري سگهندي. ان ڪري تہ سرڪار فرانس کان ميراج جهاز، چين کان ائٽمي جنگ جي قوت لاءِ سامان ڪنو ڪري پئي، پر سٽ سهي نہ سگهندا.

ان ڪري وڏيڪ بحران پيدا ٿئي پيو ۽ داخلي تضادن تي ڪنٽرول ٿيڻ بجاءِ داخلي انتشار وڌي پيو. جنهن ملڪ ۾ اندروني وڳوڙ عروج تي پهچي تہ اهو ملڪ پاڻ کي هٿيارن فوج ۽ ائٽمي طاقت جي زور تي مستحڪم نہ ٿو رکي سگهي، سويت يونين، يوگوسلاويہ ان جا بهترين مثال آهن. ان لاءِ اسين گهر ٿا ڪريون تہ اسان کي هٿيار نہ پر روزگار گهرجي، ميزائل ٽئنڪون نہ پر اسڪول گهرجن، اسپتالون گهرجن، فوجون نہ پر تعليمي ماهر ۽ سائنسدان گهرجن، جنگ نہ پر امن گهرجي.

ان سڄي سياسي پس منظر تي هاڻ پاڻ کي سوچڻ گهرجي تہ ترقي پسند پارٽي کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي....؟ سنڌ جي سياسي منظر نامي ۽ سياسي خال جي حوالي سان سڄو سال جدوجهد ۽ تحرڪ جي حوالي سان اهم آهي. ائين سمجهو تہ جيئن ڄام حڪومت دؤر ان پ پ جي چونڊيل نمائندن جي بزدليءَ، ترقي پسند پارٽي جي پيش قدمي سبب پارٽي مقبوليت جو گراف مٿي چڙهيو هو ساڳي طرح هن وقت پ پ سرڪار جي قومي ۽ سياسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسئلن تي خاموشي ۽ موقعي پرستي ۾ جيڪڏهن ترقي پسند پارٽي تحرڪ ۽ جدوجهد جو آغاز ڪري ته پارٽي جي مقبوليت سان گڏوگڏ اليڪشن تي به پارٽي اثر انداز ٿي سگهندي. پنهنجي دعوي ڪي ادائي سال گذري چڪا آهن. باقي ڏيڍ سال ۾ پاڻ ڪي اليڪشن لاءِ ماحول ٺاهڻو آهي. ان لاءِ سڄي سنڌ ۾ 15 کن يتيم حلقن جي چونڊ ڪري باقاعده اليڪشن لاءِ هاڻ ئي لاڳاپا ۽ رابطا وڌائڻا پوندا. محسوس ٿئي ٿو ته 97ع سال چونڊن جو هوندو. 96 ۾ پ پ سرڪار کي گهر ويڃڻو پوندو. اهڙي صورتحال ۾ پارٽي ڪارڪنن تي آهي ته هو ڪيئن ان خال کي پري سنڌين جي ترجماني ڪندي سنڌين جي بقا لاءِ ڪهڙو اهم ڪردار ادا ٿا ڪن؟ اهو ڪارڪنن جي نون جذبن، همتن ۽ پاڻ ارپڻ تي مشتمل آهي.

ملڪ جي سياسي بحران ۽ انارڪي سبب جيڪا صورتحال سامهون آئي آهي، ان مان محسوس ٿئي پيو ته ملڪ جي عمر گهٽي ڪا وڌيڪ ڪانهي پر سوچڻو پاڻ کي ئي آهي ته پاڻ گهر جا ڏٺي آهيون. پاڻ وٽ ته گهر ۾ ڪهاڙي به ڪونهي. سنڌ دشمن قوتون ايم ڪيو ايم، افغان ۽ ٻيا رت پياڪ ٽولا سنڌ جي وجود خلاف باقاعده مصروفِ عمل آهن. جيڪڏهن بحراني ڪيفيت ۾ ملڪ ٽٽي پوي ته ڇا پاڻ سنڌي ماڻهون سنڌ کي بچائي سگهنداسين؟ يقيني طرح جواب آهي نه! ڇو ته نه پاڻ سياسي طرح منظم آهيون، نه معاشي طرح پاڻ پيرا آهيون، نه فوجي طرح سگهارا آهيون. خدا نه ڪري پر مان سنڌ کي بوسنيا جي پس منظر ۾ ڏسان پيو. جتي بوسنيائي مسلمان صرب خونخوار شاؤنسٽ هلائون ڪندڙن جي عذاب هيٺ آهن. جتي بوسنيا جي نه مال، نه جان، نه عزت ۽ نه وقار محفوظ آهي. اڄ هو هيسيل ۽ ڪمزور حيثيت ۾ مزاحمت ڪن پيا جنهن ڪري 30 فيصد حصي جا مالڪ ٿي سگهيا آهن. پر سنڌين ۾ ته اها به سگهه ڪانهي ته پاڻ ڪو هڪ ضلعو به بچائي سگهون! ڇو ته مسلمانيت جي نالي ۾ بوسنيا کي ايران پاڪستان سڄي مسلم دنيا مدد ڪئي آهي پر سنڌين جي مدد ڪندو ڪير؟

5,4 ۽ 6 اپريل 1996ع ترقي پسند هائوس حيدرآباد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻ سياسي شعور جي بنياد تي هميشه زنده رهنداسين

هي پارٽيءَ جي ٽن ساليانې ڪانگريس جي سياسي، سماجي صورتحال متعلق مختلف معاملن تي ورتل جائزو لکيو ويو آهي. ان تجزئي ۾ پارٽي جي دائري لائين ۽ حڪمت عملين تي ڪجهه ڳالهيون هيون. مثال طور 1996ع جي ڪانگريس جي تجزئي ۾ مون لکيو آهي ته پيپلز پارٽي کي هڪڙو ڪريڊٽ آهي ته هوءَ ايم ڪيو ايم جي خلاف هن وقت جيڪو آپريشن ڪري پئي، ان جو سڄو اثر 96ع ۾ نيون چونڊون ٿينديون. اهي سموريون ڳالهيون اڄ توهان جي سامهون اچي چڪيون آهن. مسلم ليگ طاقتور ٿئي پئي، مسلم ليگ اليڪشن ۾ وڏي اڪثريتي پارٽي ٿي آئي آهي. ته ان جو مقصد اهو آهي ته جيڪي نتيجا اسان جي سامهون اچي چڪا آهن. تن تحت اسان کي پنهنجي سنڌ ۽ ان جي سياسي، معاشي ۽ سماجي صورتحال کي ڏسڻ واري جيڪا اک آهي سا درست آهي، سائنسي آهي. ٻيو مون هيءَ ڳالهه ڪئي آهي ته هن ملڪ جو معاشي گهوٽالو ايترو ته شديد ٿي ويو آهي جو هي ملڪ پنهنجو پاڻ ئي ڪونه رهندو. اسان ”نه کپي نه کپي پاڪستان“ جا نعرا هڻون يا نه هڻون پر ملڪ جنهن رفتار ۽ جنهن رخ ۾ وڃي پيو سو ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته هن ملڪ جي عمر هاڻي باقي ڏهن سالن کان وڌيڪ ڪونهي، معراج خالد وزيراعظم ٿيو پوڙهو مڙس هو ڳالهه رکي نه سگهيو اخبار وارن کي چئي ڇڏيائين ته عالمي ادارا چون ٿا ته 20 سالن کان پوءِ پاڪستان جو کيل ختم ٿي ويندو هن ته ويهن سالن جي ڳالهه ڪئي آهي پر آئون سمجهان ٿو ته اهو عالمي ادارن جو اڄ کان ڏهه سال اڳ جو فيصلو هوندو هي ملڪ پنهنجي جيئڻ جو حوصلو وڃائي چڪو آهي. البته هڪ شڪ آهي ته هتي ملڪ جا حاڪم جيستائين هن ملڪ جي مظلوم قومن جي ڪيسن کي نه ٿا ٻڌن، مظلوم ۽ محروم طبقن جو جيڪو ڪيس آهي، ان کي نه ٿا ٻڌن، ملڪ جي نئين سر تشڪيل جي ضمانت ڪانهي.

ان بعد سنڌ جي انارڪي واري جيڪا ڪيفيت آهي ان تحت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن ملڪ ٽٽڻ واري ڪا صورتحال پيدا ٿي وڃي ته هن ملڪ ۾ ايڏا ته نسلي فساد ٿيندا، ايڏي تباهه حالي ٿيندي جو حالتن جي ان وهڪري ۾ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي سنڌ بچائڻ جي پوزيشن ۾ به نه رهندا، پاڻ سنڌين وٽ ته لائسنس جا هٿيار به ناهن، پاڻ وارين ڪهاڙين ۽ لٺيون دشمن جي رائفلن جو مقابلو نه ڪري سگهنديون ۽ دهشتگرد قوتون افغان پناهگيرن جون ڪئمپون ڪشمور کان ڪراچي تائين هلي ڏسو ته هر ضلعي هيڊ ڪوارٽر واري شهر ۾ داخل ٿيڻ جا جيڪي رستا آهن، اتي افغان پناهگيرن جون ڪئمپون آهن، سرحدي پٺاڻن جون ڪئمپون ۽ ڪالونيون جن وٽ هٿيار ۽ هيروئن جا انبار آهن، ايم ڪيو ايم جا دهشتگرد سڌي طرح چاليهه پنجاهه هزار هٿياربند، جيڪي شهرن ۾ دهشتگردي ڪن ٿا ۽ پنجابي آبادگار ملڪ سرور اعوان جي شڪل ۾ يا سپاوا (سنڌ پنجاب آبادگار ايسوسيئيشن) وغيره جي شڪل ۾ يا سنڌ جي ڀهراڙين ۾ نواز شريف جي اڳواڻي ۾ پنهنجو پاڻ کي هٿياربند ڪيو وينو آهي، باقي نڌڻڪا فقط پاڻ سنڌي ماڻهو آهيون، جن وٽ نه سياسي سگهه آهي، نه هٿياربندن جي فوج آهي ڇاڪاڻ ته سنڌي قوم جاگيردارن جي جهنڊي هيٺ رهي آهي ۽ جاگيردار پهرين نمبر جا غدار، وڪائو ۽ دلال آهن، جڏهن به سنڌ جو سودو ٿيندو ته هو رڳو پنهنجا ذاتي به چار ڪروڙ ۽ پنج هزار ايڪڙ زمين بچائڻ جي عيوض سڄي سنڌ جو ورهاڱو ڪري موٽي ايندا، جيئن ماضي ۾ ون يونٽ جي معاملي ۾ هو حاميون ڀريندا ۽ صحيحون ڪندا رهيا آهن، ان حوالي کان ڏسجي ٿو ته سنڌي ماڻهو جاگيردارن جي جهنڊي هيٺ آهي، سياسي ۽ انقلابي قوتون جيڪي به آهن، سي ٻيچ ڏاهه جو شڪار آهن، اجان مس ڪا به انقلابي قوت طاقت وٺي ٿي يا عوامي شڪل اختيار ڪري ٿي يا مس پندرهن ويهه هزار ووٽ کڻڻ جي قوت ۾ اچون ٿا ته مٿان وري پارٽي اندر گروپ پيدا ڪري انقلاب ۽ آزادي جي نالي ۾ هٿياربند ڪنهن نه ڪنهن طرح سان سازشون ڪري ڊراما ٿاهي، تگڙم بازيون ڪري، وري جدوجهد جي نالي ۾، ڪالهه شفيع برفت وارن ۽ خاڪي جويو وارن گروپ ٺاهيا، سياڻي ڪي ٻيا ٺاهيندا، مطلب اهو آهي ته اسان جي پارٽي کي به گروپن ۾ ورهائي ڪمزور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ جون سازشون ٿينديون رهيون آهن تہ جيئن سنڌ جي ماڻهن کي ڪا هڪ بہ انقلابي ۽ طاقتور پارٽي ميسر نہ ٿي سگهي. سفارتي دنيا ۾ پنهنجو ڪو تعلق ئي ناهي، جيڪڏهن آمريڪا جو سفير اچي ٿو تہ اهو الطاف حسين جي عزيز آباد واري گهر وڃي خبر چار وٺي ٿو اهڙي طرح جاپان، جرمني ۽ ٻين طاقتور ملڪن جا نمائندا بہ الطاف حسين جي گهر اچن ٿا. پر سنڌي ماڻهن ڪان ڪوبہ سفير پڇڻ وارا ڪونهي. سنڌي قومپرست قوتن جي حالت هي آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو آمريڪا جي ويزا وٺڻ وڃي تہ اسان جي ڪنهن ماڻهو کي ويزا بہ نہ ملندي، اسان جو ايترو بہ سفارتي ڳانڍاپو ڪونهي. معاشي طرح سنڌي ماڻهن جي حالت هيءَ آهي جو اٽين ۽ چاڙهين واري ڪيفيت آهي. ماڻهو مشڪل سان بہ ويلا ماني ڪائي سگهي ٿو سياڻي جي ملڪ ٽٽڻ واري ۽ ان جي پس منظر ۾ سنڌ ٽٽڻ واري ڪيفيت ۽ حالت پيدا ٿي تہ پاڻ تہ ڪا هڪ نالي بندوق ۽ ان جا ڪارتوس وٺي سگهڻ جي قوت ۾ بہ ناهيون. جو ڪٿي چئجي تہ هن ڳوٺ ۾ هڪ ڳوٺاڻي وٽ هڪ نالي بندوق لائسنس واري آهي تہ وري ان کي رڳو بہ هزار ڪارتوس وٺي ڏيڻ جي پوزيشن ۾ بہ ناهيون. نتيجي ۾ سنڌي هينئر نڌڻڪو لاوارث ۽ انتهائي اهڙيءَ ڪمزور پوزيشن ۾ بيٺو آهي جو جيڪڏهن سياڻي هيءَ سموري صورتحال پيدا ٿئي ٿي تہ پاڻ پنهنجين نياڻين جون عزتون بچائي نہ سگهنداسين، پنهنجا گهر ۽ ملڪيتون بچائي نہ سگهنداسين. نتيجي ۾ بين الاقوامي "آقا" ايندا، عالمي قوتون اينديون دهشتگردي ۽ نسل پرستن جون ڪلاشنڪوفون ۽ بندوقون اينديون ۽ اسان ڪان زبردستيءَ ڪاغذن تي صحيحون وٺندا تہ هاڻ هيئن ٿا سرحدن جون ليڪون ڪڍون تہ سنڌ کي هي علائقو آيو هيءَ پٺاڻن کي، هيءَ پنجابين کي ۽ هي دهشتگرد نسل پرست مهاجرن کي باقي سنڌين لاءِ بہ چار ضلعا کي ملندا ۽ انهن تي بہ آهستي آهستي قبضو ٿيندو ۽ سنڌي هميشہ لاءِ فنا ٿي ويندا نتيجي ۾ اسان کي تاريخ جا بدترين ذلتن ڀريا ڏاهہ ڪرڻا پوندا، جن ۾ اسان سنڌ ۽ پنهنجو وجود ۽ سڀ ڪجهہ وڃائي ويهنداسين.

هاڻ ان سڄي صورتحال ۾ توهان بہ سوچيو آئون پنهنجي سمورين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچاين سان، پنهنجي ضمير کي شاهد بڻائي، اوهان کي اهو ٻڌائڻ گهران ٿو ته جيڪي به سنڌ اندر سياسي جدوجهد ڪندڙ قوتون آهن، انهن ۾ ترقي پسند پارٽي باعمل ۽ مزاحمتي تحرڪ ۽ غيرت رکندڙ پارٽي آهي، اها ڪنهن به ڏکئي وقت ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏئي، پنهنجي زندگي عذابن ۾ وجهي ڪري قوم جي بقاءَ جي جنگ وڙهڻ واري قوت رکندڙ پارٽي آهي، اها اميد رکي سگهون ٿا ته جڏهن به ڌرتيءَ ماءُ تي ڏکيو وقت آيو ۽ قوم تي ڏکي مهل آئي ته هي غيرتمند پٽ گڏجي جانين جون قربانيون ڏئي سخت پورهيا ڪري اڳتي وڌندا، جڏهن به قوم کي اڳواڻي ميسر ٿي ويندي آهي، تڏهن ان سڄي صورتحال جي بعد ۾ عوامي موٽ پڻ ملندي آهي، هر ضلعي مان پنج پنج سؤ هزار ماڻهو پنهنجن سرن سان ڪفن ٻڌي جڏهن روڊن تي نڪري پوندا آهن ته پوءِ لکين ۽ ڪروڙين بي هٿيار ماڻهن جا قافلا پڻ انهن ماڻهن جي سربراهي ۽ اڳواڻي ۾ نڪري پوندا آهن. پر سوال اهو آهي ته اهڙي ڏکئي وقت ۾ اهي ڪهڙا فرد؟ اهي ڪهڙا انقلابي ڪارڪن آهن جيڪي عوام جي رهنمائيءَ ۽ اڳواڻي ڪن، عوام جي عزتن ۽ ڌرتي جي بقاءَ جي جنگ وڙهن. عوام جي جذبن ۽ اميدن جي رهنمائي ڪري سگهن. اها اميد اسين صرف توهان مان رکون ٿا. ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن مان اميد رکون ٿا. توهان جيڪڏهن ڇڙواڳ آهيو ته اوهان هڪٻئي خلاف الزام تراشيون ڪري هڪٻئي کي ڪمزور ڪندا رهندا، خصيص عياشين لاءِ بي ايمانيون ڪري بوسڪيءَ جي قميص، ڪڙهائي گوشت ۽ راڊو واچ جي چسڪي ۾ اچي پنهنجون سموريون انقلابي توانايون تباهه ڪرڻ جي چڪر ۾ آهيو ته پوءِ شايد سنڌي قوم جو خدا ئي حافظ آهي!!

پوءِ جي هڪڙي هاري جي نياڻيءَ جي عزت وڏيري هٿان لٽجندي، هڪڙي شهري ماڻهو جي ڌيڻ جي عزت ڪنهن دهشتگرد هٿان لٽجندي ته پوءِ ان ۾ قادر مگسي جي ڌيڻ، زال ۽ ڌيءُ به لٽجي سگهي ٿي ۽ ان ۾ توهان جون ڌيٽون مائرون به لٽجي سگهن ٿيون. پوءِ اهو حشر ٿيندو جو بوسنيا جي مسلمانن جيان رت جا ڦوڙها ڳاڙي، گهرن جي ڪنڊن ۾ پيا هونداسين. نازي ڪئمپن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي عذابن ۾ بند هونداسين، جتي بغير پاڻي ۽ کاڌي جي ڳرندي ڳرندي هڏاوان پڃرا ٿي ويندا سين، برباد ٿي ويندا سين، پر پنهنجي قومي بقاءَ جي جنگ نه وڙهي سگهنداسين. انڪري سڄي صورتحال جي مدنظر، اسين توهان کان هي پڇڻ ٿا گهرون ته توهان پنهنجن ڪمزور ڪلهن تي قومي بقاءَ ۽ آجپي جو بار کڻڻ لاءِ تيار آهيو يا ناهيو؟ توهان پنهنجو پاڻ کي هن ڇڙواڳي ۽ غير سنجيدگيءَ مان ڪڍي ڪنهن انقلابي تنظيم، ڪنهن انقلابي قيادت، ڪنهن منظم طريقي سان پنهنجيءَ جدوجهد هلائڻ لاءِ تيار آهيو يا ناهيو؟ جيڪڏهن توهان واقعي ان مجموعي مامري ۾ سنجيده ٿيڻ لاءِ تيار آهيو ته پوءِ آئون توهان سڀني دوستن کي رڳو هي ٻڌائڻ ٿو گهران ته هاڻي اسان کي ٿلهيون حامون نه هڻڻ گهرجن. اهڙي حام اسان پنهنجي تاريخي، سماجي، انقلابي شعور جي روشني ۾ اسان پنهنجي ذميواري سان هڻون ۽ ان کان پوءِ چوڻ کپي ته اسان پنهنجي گهر وڃي، جيئن مون هن موضوع کي عنوان ڏنو ته ڪارڪن هن ذلتن خلاف جدوجهد ڪندي هن ڪاري رات جي خاتمي تائين آرام کي پاڻ لاءِ حرام قرار ڏين. جي اوهان اهو عهد ڪري اٿندؤ ته اڄ کان وٺي اسان لاءِ آرام ڪرڻ حرام آهي، تاش پتي ۽ هوٽلن تي فضول ويهي وقت ضايع ڪرڻ حرام آهي، اسان جي زندگي ۾ سواءِ پنهنجي ماءُ پيءُ، ٻارن جي خدمت مان جيڪو اضافي وقت بچندو اهو اسان سنڌ جي عوام اندر شعوري جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اندر انقلابي جدوجهد ڪرڻ جي لاءِ سنڌي ماڻهن جون صفون مضبوط ڪرڻ جي لاءِ سنڌ اندر انقلابي هلچل پيدا ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي سموري سگهه صرف ڪنداسين، جيڪڏهن اڄ اهو عهد ڪرڻ گهرون ٿا ته هاڻ پاڻ اڳتي هي ٻين شين تي بحث ڪريون. باقي جيڪڏهن انقلاب لاءِ اهو ڪجهه نٿا ڪرڻ گهرون ته پوءِ، اوهان سڀني کي اجازت آهي، ڀلي پنهنجي گهر هليا وڃو باقي اهي ويهن جيڪي واقعي انقلاب لاءِ سنجيده آهن!.

اڳين جن به ڪانگريس ۾ انقلاب ۽ آزادي لاءِ جيڪو موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته آزاديءَ ۽ انقلاب جي جدوجهد جا اهي ڪهڙا به طريقا هئڻ گهرجن؟ ٻهرين ڳالهه جيڪا آئون پڇڻ گهران ٿو ته پاڻ ڪهڙي نظريئي جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بنياد تي سياست ڪري رهيا آهيون؟ پاڻ قومپرست آهيون ۽ قومپرستي جو نظريو واحد نظريو آهي. جيڪو غلام قومن کي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جي واٽ تي وٺي ويندو آهي. اسان جو سياسي نظريو قومپرستي آهي. اسانجو سياسي نعرو ڪهڙو آهي؟ اسان جو نعرو فقط آزادي ناهي، پر عزت. آجپو ۽ خوشحالي آهي. سنڌ جي ماڻهن لاءِ عزت گهرجي. سنڌ جيڪا سماج ۾ ملڪ اندر ۽ دنيا ۾ نفرتن جو سبب بڻجي وئي آهي. جيئن هي پنجاب جا جنرل فوجي ۽ ڪامورا چوندا آهن ته ”سنڌي ماڻهو ته آهن ئي ڪاهل ۽ جاهل سنڌي ماڻهو مڙئي گهوڙا ۽ گڏهه هڪلڻ وارا آهن يعني سنڌي هنن جي ايجنڊا تي تمام نفرت انگيز نسل آهي. نفرت انگيز جاهل قوم آهي. پڙهڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ محنت نه ٿا ڪن“ معنيٰ سنڌي آهن ئي نفرت جي قابل.

قومي حوالي کان اسان جا ڏاريا مخالف اسان کي نفرت جي نگاهن سان ڏسندا آهن. ٻي حوالي کان سنڌ ۾ طبقاتي طرح جيڪي وڏيرا ۽ جاگيردار آهن. اهي اسان مظلوم ۽ محروم طبقن ۽ محنت ڪش طبقن جي ماڻهن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسندا آهن. ممتاز ڀٽو ٻه چوي ٿو ته ڊاڪٽر قادر مگسي ڪڏهن وزيراعليٰ هائوس نه ويو ان کي اهو اسان ڏيکاريوسين. وڏيرو چوي ٿو ته مون ان کي وزيراعليٰ هائوس ۾ داخل ڪرايو معنيٰ ته ڪا وڏي ڳالهه ڪئي اٿس! اسان ٿُڪ ٿا هڻون لعنت ٿا وجهون ان وزيراعليٰ هائوس تي جيڪو پنجاهه سالن کان غدارن جي آرام گاهه رهيو آهي. اسين ان ۾ انهيءَ ڏينهن داخل ٿينداسين. جنهن ڏينهن سڄي سنڌي قوم جي سگهه کي هڪڙي طاقت ۾ تبديل ڪري سڄي وزيراعليٰ هائوس جون واڳون اسان پاڻ وٺنداسون. هاڻي ان وقت وزيراعليٰ هائوس ۾ داخل ٿينداسون. جڏهن اهو وزيرعليٰ هائوس غدارن جي آرام گاهه نه پر محب وطن انقلابي ڪارڪنن جو وڏو انقلابي ڳڙهه ۽ مرڪز هوندو اهو وزيراعليٰ هائوس. جتان عزت. آجپي ۽ خوشحاليءَ جي جنگ جوٽي ويندي. مقصد ته هي جيڪي وڏيرا ۽ جاگيردار آهن. سي اسان مسڪينن ۽ پيڙيل طبقن جي ماڻهن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا. اسان کي انهن سيني نفرتن ۽ ذلتن جي خلاف سنڌ ۾ عزت ۽ وقار جو احساس جاڳائڻو

آهي، عزت ۽ وقار جي بحالي ڪرڻي آهي، ان لاءِ نعرو هنيو آهي تہ اسان ڪي عزت گهرجي، پهرين ڳالهہ عزت آهي، ان ڪان پوءِ آجپو گهرجي، آجپو ڪو فقط هڪ ٺلهو لفظ ڪونهي ۽ ان آجپي مان ڪو اهو مطلب ناهي تہ اوهان گهمو ڦرو هوٽلن تي ماني کائو اهو آجپو ائين قطعي ناهي، آجپو هتي سنڌجي آزادي سان منسوب آهي، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مڪمل طرح آزادي سان واڳيل لفظ آجپو آهي، سنڌ جو آجپو سنڌي قوم جو آجپو سيني ظلمن کان آجپو پنجاب جي قومي غلامي کان آجپو جاگيرداشاهي جي طبقاتي جبر کان آجپو رهزني ۽ دهشتگردي کان آجپو انهن تنهي جابر قوتن کان آجپو ۽ آزادي حاصل ڪري، اسان سنڌ کي هڪڙي آزاد، خودمختيار ۽ دنيا جي نقشي تي باوقار وطن ۽ قوم طور ڏسڻ گهرون ٿا ۽ ٽين ڳالهہ جيڪا نعري ۾ ڏني وئي آهي، سا آهي خوشحالي، جڏهن سنڌ جون سموريون واڳون اسان جي هٿن ۾ هونديون سنڌ هر سال چار سئو ارب روپيا ڪمائي ٿي ۽ هر سال ان جو دائرو وڌندو ٿو رهي، پر هينئر پاڪستان جي پنج سئو سٺ ارب روپين جي جيڪا بجيٽ آئي آهي، ان مان ٽي سو ويهہ ارب روپيا فقط سنڌ جا آهن، جڏهن اهي ٽي سئو ويهہ ارب روپيا اسان پنهنجن هٿن ۾ وٺي وياسين، ان جا مالڪ بڻجي وياسين تہ سنڌ ۾ ڪوبہ ماڻهو بکيو ۽ ڏکيو نہ هوندو سنڌ ۾ ڪٿي بہ اسڪول، ڪاليج، اسپتال، ان جا مالڪ بڻجي وياسين تہ سنڌ ۾ ڪوبہ ماڻهو بکيو ۽ ڏکيو نہ هوندو سنڌ ۾ ڪٿي بہ اسڪول، ڪاليج، اسپتال، روڊ ۽ ٻين تعميراتي ڪمن جي کوٽ نہ هوندي ۽ نہ ئي بيروزگار هوندي سموريون بنيادي سهولتون مهيا ٿي سگهنديون، پر بدقسمتي هيءَ آهي جو اسان جي سموري ملڪيت اسلام آباد جا حڪمران ڳڙڪائي وڃن ٿا، اسلام جي نالي ۾ پنجاب اسان جي زمين هڙپ ڪري ٿو وڃي ۽ نتيجي ۾ پوءِ اسان ماني ڳيي لاءِ وڙهندا رهيا آهيون، ڪو ڪنهن جي جريب زمين تي قبضو ڪري ويو ڪو پاڻي جي واري تي وڙهي ويٺو آهي، ڪو ڪنهن جي چوري پيو ڪرائي، رڳو بدامني، قتل غارتگري ۽ ٻي حيائي عام جام هلي رهي آهي، خصيص مفادن تي ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن بڻيو ويٺو آهي، سالن جا سال قبائلي جنگين ۾ ڦاٿا پيا آهيون، تڏهن بہ اسان چئون ٿا تہ اسان سموري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جي وسيلن جا مالڪ بڻجي سنڌ کي گلِ گلزار بڻائيندا سين ۽ جيڪڏهن سنڌ جا اهي سمورا وسيلا سنڌين جي قبضي ۾ اچي وڃن ته سنڌ دبئي کان به وڌيڪ بين الاقوامي واپار جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو پر بدقسمتي هي آهي جو پاڻ پنهنجن وسيلن جا پاڻ مالڪ ناهيون ۽ گهرن ۾ اسان جي حالت ۽ گهر ڏانهن اسان جي روش هيءَ آهي جو گهرن ۾ وڃون ٿا ته ٻار بيمار پيا آهن. پر اسان وٽ دوا لاءِ پئسا ناهن. جو ڪنهن اسپيشلسٽ ڊاڪٽر کي ڏيکاريون. ڊاڪٽر جي في به چار پنج سئو روپيا گهرجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار روپين جون دوائون وٺجن. تڏهن وڃي بيمار ٻار جو علاج مڪمل ٿي سگهي، پر غريب ماڻهن وٽ ايترا پيسا ڪٿان اچن...؟ نتيجي ۾ اسان جا ٻار سدائين ٻري ۾ ٻريا پيا هوندا آهن يا وري دوا جي نه ملڻ سبب مريو وڃن. بيمار تڙپي تڙپي مريو وڃن ۽ اسين ان بيوسيءَ تي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا رهيا آهيون. اسان جون مائرون، ڀينرون سال ۾ به ڪو ڪپڙن جو نئون وڳو نه وٺي سگهنديون آهن. ڇا ايتري بيوسيءَ کان پوءِ به اسان جي غيرت نه ٿي جاڳي!

اسان سطحي ۽ خصيص رستو اختيار ڪري ورتو آهي. مڙئي نعرا هڻي چندا وٺي بوسڪيءَ جا ڪپڙا پنهنجي لاءِ سبائي، ڪڙهائي گوشت ۽ شراب جي بوتلن تي پنهنجو ايمان وڪڻي، قوم کي شرمندو ٿا ڪريون ۽ پنهنجو پاڻ کي وري سڄي دنيا کان معتبر سمجهڻ لڳندا آهيون. آئون سياسي ڪارڪنن جي ان روش کي انتهائي انقلاب دشمن ۽ قوم دشمن ۽ پڻ پنهنجي گهر ٻار سميت پنهنجي پاڻ جو دشمن هجڻ واري روش قرار ٿو ڏيان. معنيٰ ته ذميوار ناهيون. جو انهن جي ايذين سارين ذلتن کي ڏسندي به اسان ۾ اها غيرت پيدا نٿي ٿئي جيڪا انقلابن لاءِ گهربل هوندي آهي! اسان جي سموري اها جاهلاڻي ۽ خصيص پڻي واري روش اسان ۽ اسان جي خاندان خلاف استعمال ٿي رهي آهي، قوم ۽ وطن جي خلاف استعمال ٿي رهي آهي ۽ اسين اها بار بار استعمال ڪري رهيا آهيون نه ته ٿيڻ ته ائين گهرجي ها جو اسان کي پنهنجي اندر ۾ انهن سڀني محرومين، ظلم، ڏک ۽ بدحالين جي خلاف هڪڙي غيرت پيدا ڪرڻ کپي، هڪڙي نفرت پيدا ٿيڻ گهرجي. جيڪا طاقت ۾ تبديل ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دشمن ۽ غاصب قوتن سان مهاڏا اٽڪائي وجهي، انهيءَ نفرت سان هن غير منصفاڻي معاشري سان جنگ جوٽڻ گهرجي. هن جبر ۽ ڏاڍ سان وڙهي سگهجي، قوم جي سمورن دشمنن سان وڙهي سگهجي، ويڪائو وڏيرن جو مقابلو ڪري سگهجي. ان ويڙهه مان ئي اسان جي انقلاب ۽ آزاديءَ جي واٽ ڦٽي ٿي، ان ڪانسواءِ اسان وٽ ٻي ڪابه واٽ ڪونهي. ٻي صورت ۾ اهي ئي ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهه وارا مثال ورجائبا رهندا ته پاڻ قوم کي وڏيڪ ذلتون ۽ ڏکون ته ڏئي سگهنداسين پر عزت، آجپو ۽ خوشحالي نه ڏيئي سگهنداسين. ته پاڻ سنڌي چاڪيءَ جي گهاڻي واري ڏاند جيان منزلون طئه ڪرڻ بجاءِ هڪ ئي پٽ تي پيا ڦيراٽيون پائيندا سون. پر جڏهن انهن ڏهن سالن ڪان پوءِ اکيون پٽينداسون. اکين تان ڪوپا لهندا ته ساڳي جاءِ تي بيهڻ بجاءِ اجا به پستيءَ ڏانهن هونداسين. پوءِ جذبات ۾ اچي پارٽي قيادت ۽ قوم کي گاريون ڏينداسين. نظرين ۽ فلسفن کي گاريون ڏينداسين. الزام هڻي وجي پنهنجي روزگار ۽ پين ڌنڌن کي لڳنداسين ۽ هزارين لکين ماڻهن کي ٻڌائينداسين ته انقلاب ۽ آزادي ڪجهه به ناهي. ڊاڪٽر قادر مگسي ڪجهه به ناهي. پارٽي ڪجهه به ناهي. هي نلهو نڳيءَ جو ناهه آهي. بيو ڪجهه به ناهي. هلو ته هلي ڪي پيا ڌنڌا ڪريون. هلو ته هلي چوريون ڦرون ڪريون. پوءِ اها ئي تبليغ ڪندا وتنداسين. نتيجي ۾ نه رڳو انقلابي تنظيم ڪمزور ٿيندي پر عوام ۾ مايوسي پيدا ٿيندي. سياست کان لاتعلقي پيدا ٿيندي ۽ سنڌ وري انهن ڳيجهن ۽ دلالن جي حوالي ٿي ويندي جيئن اجا تائين سنڌين سان ٿيندو رهيو آهي.

قومي تحريڪ جيڪا 1970ع کان باضابطا طور شروع ٿي آهي. سا دراصل شهيد هيمون ڪالاڻي کان شروع ٿئي ٿي. جيڪا ان وقت ڌاري 1947ع کان نهايت چڙواڳ طريقي سان هئي. ون يونٽ جي خاتمي تائين چڙواڳ هئي ۽ 1970ع کان پوءِ باضابطا شروع ٿي. اهي 1970ع وارا قومي ڪارڪن، اڄ قوم ۽ انقلابي تحريڪ جا پنجاب کان وڏيڪ دشمن بڻيل آهن. جيڪي مايوس ڪارڪن، تباهه ٿيل ڪارڪن. نفسياتي طرح ڪمزور ٿيل ڪارڪن سڏجن ٿا. سي اڄ پنجاب جي جنرل کان وڏيڪ سنڌ دشمني ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انقلاب دشمنيءَ وارو ڪردار ادا ڪن پيا، جيڪو ڪردار آهي سنڌين کي مايوس ڪرڻ، انقلاب ۽ آزادي جو انڪار ڪرڻ، سنڌين کي وڏيرن جي غلاميءَ ۾ ڌڪڻ سنڌين کان جبر ۽ ظلم قبول ڪرائڻ. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو سرد لاش وانگر، سنڌ ۾ ٿيندڙ هر ظلم تي خاموش تماشائي بڻيل آهن، جڏهن ووٽ جو وقت اچي ٿو ته هو ووٽ جاگيردارن جي حق ۾ ڏيئي هليا وڃن ٿا ۽ سنڌ جو سفر مسلسل تباهيءَ ڏانهن جاري رهندو پيو اچي، ان ڪري آئون توهان کي ٿي چوان ٿو ته هي سچو بار پاڻ ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن جي ڪلهن تي آهي، سنڌين تي ٻيون جيڪي تڪليفون آهن، انهن تي پاڻ پوءِ تفصيل سان ڳالهائيندا سون، منهنجي نظر ۾ سنڌ ۾ جيڪي سياسي ۽ سماجي تنظيمون آهن، اهي سواءِ پيٽ ڀرڻ جي ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ جي ۽ ٻين خصيص مفادن جي حاصلات کان علاوه ايڏي دور انديش نه ڪنهن جي نگاهه آهي، نه سچائي آهي ۽ نه ئي ڪو ٻيو ايڏو وڏو جوکي جو عمل ڪري سگهي ٿو ان ڪري واحد سنڌ ترقي پسند پارٽي اها پارٽي آهي، جيڪا انقلاب آڻي سگهي ٿي، ان لاءِ اچو ته پاڻ پنهنجين صفن کي طاقتور بڻايون، اچو ته جهر جهنگ جهاڳيون، ڇو ته عوام جي شرڪت ۽ عوام جي حمايت ۽ عوام جي شموليت کان سواءِ انقلاب ناممڪن آهي ۽ عوام جي گڏ ڪرڻ لاءِ اسان کي عوام ڏانهن ئي رخ ڪرڻو پوندو ڪالهه به توهان کي "ضابطي اخلاق" ۾ ٻڌايو ويو آهي ته عوام اسان جو ماءُ پيءُ آهي، اسان جا ڀائر ڀينرون، اسان جو اولاد به عوام ۾ شريڪ آهن، ان ڪري هن مقدس جنگ جي شروعات، هن مقدس شعوري انقلاب جي شروعات اچو ته پاڻ پنهنجي گهرن کان شروعات ڪريون، ڇا توهان اهو عهد ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ته توهان انقلاب ۽ آزادي جي خاطر، پنهنجن گهر ڀاتين، مائرن، ڀينرن، زال اولاد ۽ مائٽن مٽن ۾ اهو انقلابي شعور پيدا ڪندؤ؟ جهڙي طرح انقلابي ڪردارن تي فلم ڏيکاري ويئي آهي، ان ۾ به توهان ڏٺو ته ڪيڏو انقلابي ڪلچرل جڙيل آهي، ماءُ پيءُ ڀاءُ ڀيڻ سمورا انقلابين کي پناهه ڏين ٿا، جنرل جو ذاتي پٽيوالو به انقلابين کي پناهه ڏئي ٿو ۽ انقلابين جي مخبري ڪري رهيو آهي، ته جنرل جو جيڪو ليفٽيننٽ آهي، سو به انقلابين جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مخبر آهي، اها ٻي جنگ عظيم جي سچيءَ ڪهاڻي تي مشتمل فلم هئي، نتيجي ۾ هٽلر جهڙي جابر، جنهن جي نالي وٺڻ سان ئي ماڻهن تي دهشت طاري ٿيندي هئي، چيڪوسلاويڪيا جي گورنر کي انقلابي قتل ڪن ٿا ۽ هٽلر جي جنگ جو وڏي ۾ وڏو جنرل جيڪو آهي تنهن کي ٿي انقلابي ماڻهو مارڻ لاءِ نڪرن ٿا، انهن مان هڪڙو غداري ڪري ٿو وجهي، باقي ٻه ماڻهو ان جنرل کي ماري لکين ڪروڙين ماڻهن جي زندگين تان عذاب لاهين ٿا ۽ ان لاءِ پنهنجيون جانيون به قربان ڪري ڇڏين ٿا، انقلابي ڪارڪن جيڪو پوکيندا آهن، ان جي لڻڻ جي توقع نہ رکندا آهن، اسان پوکيو آهي، انڪري اسين ئي ان کي ڪٽي کائون، اڄ اسين ماڻهن کي جاڳايون پيا يا اڄ اسين جيڪي به قربانيون ڏيون پيا، ان جو اڄ اسان کي ذاتي طرح ڪهڙو فائدو ملندو...؟ انقلابي ڪارڪن اهو ڪڏهن به نہ سوچيندو آهي، اسان کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي مفادن جي حاصلات لاءِ سوچڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ گهرجي، آزادي ۽ انقلاب لاءِ ذاتي حاصلات ڪجهه بہ نہ هوندي آهي.

ماڻهو پنهنجن نسلن لاءِ وڙهندو آهي، ماڻهو پنهنجي قومن جي مستقبل لاءِ وڙهندو آهي، ماڻهو پنهنجن نسلن جي عزت ۽ وقار کي بچائڻ لاءِ وڙهندو آهي، ان ويڙهہ ۾ جي اسان شهيد ٿي وڃون تہ هڪ انقلابي جي حيثيت ۾ اسان جو پختو ايمان آهي تہ ڌرتي لاءِ شهيد ٿيون ٿا، ڌرتي ماءُ جي ماڻهن جي سک ۽ وقار لاءِ شهيد ٿيون ٿا، اسان انقلابي آهيون، ان ڪري اهو اسان کي پڪو پختو يقين آهي تہ جڏهن بہ سنڌ آزاد ٿيندي تہ اسان جون زندگيون اسان جا عمل، اسان جا نالا، اسان جا خاندان، تاريخ جي سنهري بابن ۾ سدائين جيئرا رهندا. اسان کي جسماني طرح ڀي ظالم ختم ڪري سگهن ٿا، پر شعور جي بنياد تي اسان هميشہ زنده رهنداسين، پنهنجيءَ قوم جي خوشحالي عزت ۽ وقار جي حاصلات کان پوءِ اسان جو شعور بہ ان خوشيءَ ۾ شريڪ هوندو. جيڪو ڪل آهي ان جي ڪري آئون توهان سان هي عهد ٿو ڪريان تہ هن انقلابي قافلي جي سرواڻي ڊاڪٽر قادر مگسي ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي، ڊاڪٽر قادر مگسي موجود آهي، جڏهن بہ ڀهرين گولي لڳندي تہ اها ڊاڪٽر قادر مگسي جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سينو چيريندي ۽ پوءِ ڪنهن ڪارڪن ڏي وڌندي اسان کي پيءُ، ماءُ، ڀاءُ ڀيڻ، زال ۽ اولاد کي سهمت بڻائڻ جي ضرورت آهي، انقلاب ۾ شريڪ ٿيڻ جي ضرورت آهي ته ياد رکو ته اهو انقلاب پهرين ڊاڪٽر قادر مگسي کان شروع ٿيندو پوءِ توهان پنهنجن گهرن کان شروع ڪجو.

منهنجا پيارا!

هي ڳالهيون سمجهڻ جون آهن. آزادي جا ٻه نقطئه نظر آهن. هڪڙو جيئن سنڌ ۾ نعري بازي وارو نقطئه نظر رهيو آهي ته اسان نعري بازي ڪندا رهون جيئن ”سنڌو ديش مقدر آ. سائين جي. ايم سيد رهبر آ“، ”پنجاب مرده آباد“، ”نه کپي نه کپي پاڪستان نه کپي“، ”سنڌو ديش زنده آباد“ هڪڙو نقطئه نظر اهو آهي، نعري بازي وارو. جنهن ۾ توهان رڳو گهوڙا گهوڙا ڪندا رهو نعرا هڻندا رهو توهان هر سال ٻه چار نوجوان ڪهائيندا رهو توهان ماڻهن جا گهر برباد ڪرايو پر جڏهن ٻه مزي وٺڻ جو وقت اچي ته توهان فوجي جنرلن سان رهاڻيون ڪري، وقت جي جابرن آمرن، ڄام صادق جهڙن غدارن سان رهاڻيون ڪري ذاتي مفاد حاصل ڪريو پنهنجن پٽن پوٽن لاءِ نوڪريون ۽ اسيمبلين اندر ڪرسيون حاصل ڪريو پنهنجون ملڪيتون ۽ جاگيرون وڌايو ۽ سنڌ جي مسڪين ۽ محروم ماڻهن کي بي رحميءَ جي حوالي ڪري هزارين گهر اجاڙي ڇڏيو!.

ٻيو اهو رويو آهي، جيڪو آزادي ۽ انقلاب ڏانهن وٺي وڃي ٿو ته حقيقي انقلابي ۽ حقيقي ۽ عملي مجاهد نعريبازي جي سمورن روين کي ترڪ ڪري، نعري بازيءَ بجاءِ انقلابي ۽ عملي رويو اختيار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندو آهي، هاڻي توهان ڪارڪن فيصلو ڪري وٺو ته پاڻ کي ڪهڙي واٽ وٺڻي آهي؟ نعري بازي واري واٽ ۾ توهان جا وڏا وڏا اخبارن ۾ بيان ڇپبا، توهان کي ڪجهه وقت لاءِ ماڻهو ”واه واهه“ به چوندا. توهان ته وڏا مڙس ماڻهو هيو ان ذريعي توهان کي پنهنجي ذاتي مقبوليت ملي سگهي ته ماڻي وڃو سنڌ لاءِ انقلاب ۽ آزادي نتا حاصل ڪري سگهو ڇو ته گذريل ٽيهن سالن جي تاريخ اسان کي اهو ٻڌايو آهي، اسان خود پنهنجيون جوانيون جيلن ۾ ڳاريون آهن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر دودي مهيريءَ جهڙو ماڻهو ويهه پنجويهه سال عمر جا ان نعري باز سياست جي ڪري انقلاب ۽ آزادي جي ماڳ ڏانهن پهرين وک به نه وڌائي سگهيو آهي. اهي نعري باز اڃا تائين پنهنجي منزل جو تعين ڪري نه سگهيا آهن. حڪمت عمليون طئه نه ڪري سگهيا آهن ۽ ائين راهن ۾ ڀٽڪندا رهيا آهن. نتيجي ۾ هي ضرور ٿيو آهي ته ٻه چار چور ۽ ٻه چار ڪلاشنڪوفون پيدا ڪيون اٿن. پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ ٻه چار هزار نوجوانن جون زندگيون برباد ڪري چڪا آهن. باقي انقلاب لاءِ ڪجهه ناهي ملي سگهيو ۽ ٻيو آزادي ۽ انقلاب ڏانهن حقيقي رويو آهي. اهو رويو ڇوي ٿو ته پنهنجي سموري تاريخ ان جو شعور پنهنجين ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي شعور جي ڄاڻ. دشمن جي طاقت جو شعور ۽ دشمن سامهون پنهنجي طاقت جو شعور ته مستقبل ۾ ڇا ٿيڻو ٿيو آهي...؟ بين الاقوامي مسئلن ۽ حالتن جي ڄاڻ ته هن وقت ڇا ٿي رهيو آهي..؟ ماضيءَ ۾ ڪيترو نقصان ٿيو ۽ ڪيترو فائدو ٿيو...؟ جيڪڏهن اوهان ۾ اهڙو شعور آهي ته توهان پنهنجي قوم جي بقاءَ آجپي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڪي بنياد طئه ڪندي ان ڏي وکون کڻڻ شروع ڪريو آئون اهو پڇڻ ٿو گهران ته جيئن تجزيي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته فلسطين جي جدوجهد جو ڇا ٿيو...؟ آفريڪن نيشنل ڪانگريس جي جدوجهد جو ڇا ٿيو...؟ ٻيو ته دنيا ۾ جيڪي ڪميونسٽ ۽ هٿياربند مذهبي تحريڪون هلن پيون. انهن جو ڇا ٿيو...؟ اهو اسان توهان کي سياسي تجزيي ۾ ٻڌائي چڪا آهيون. ۽ ان جو بوڪ ليٽ ڇپرائي اوهان جي هٿن ۾ ڏئي چڪا آهيون. هاڻي ڪير اسان کي اهو ٻڌائي ۽ تجزيي کي رد ڪري ته ڪئنيڊا ۾ جيڪي ڪيوبڪ پنهنجي قومي آزادي جي جنگ وڙهي رهيا آهن ۽ اسيمبلين ۾ به ويٺا آهن. ڇا اهي ڪيوبڪ آزادي پسند ناهن...؟ برطانيا ۾ آئر لينڊ کان وٺي ڪري اسڪاٽ ۽ ويلٽس پنهنجي آزادي جي ويڙهه وڙهي رهيا آهن ۽ اسيمبلي جي چونڊن ۾ پڻ حصو وٺن ٿا. ڇا اهي آزادي پسند ناهن...؟ فرانس جي اندر باسڪ پنهنجي آزادي جي جنگ وڙهي رهيا آهن ۽ گڏوگڏ پارلياماني سياست پڻ ڪري رهيا آهن. ڇا اهي آزادي پسند ناهن...؟ اهي سڀ قومون دنيا جي معروضي حالتن پٽاندڙ پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آزادي جي ويڙهه جي لاءِ هڪڙيءَ مضبوط, منظم ۽ ڏگهي ويڙهه واري حڪمت عملي اختيار ڪري, پنهنجي بقا ڪي يقيني بڻائڻ جي لاءِ وڏي رهيون آهن. ته ڇا سنڌ ۾ اسان ان تجزيي ڪي ورجائي نه ٿا سگهون...؟ ڇا اسان سنڌي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ ايڏي سگهه ۽ اعتماد پيدا ڪري نه ٿا سگهون.....؟ جيڪڏهن اسان چئون ته اسان ڪي 1843ع واري سنڌ جي بحالي گهرجي, جي اسان چئون ٿا ته توهان نئون پاڪستان ناهڻ گهرو ٿا ته پوءِ سنڌ جي قومپرستن سان ڳالهيون ڪري پاڪستان جي بنيادن ڪي درست ڪريو, ڇا اها ڳالهه آزادي جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪان هٽيل ڳالهه آهي..؟ جيڪڏهن اسان چئون ٿا ته 1940ع جي قرارداد مطابق سنڌين ڪي آزاد ۽ خودمختيارين واري واٽ ڏيو ته ڇا اها آزادي جي نفيءَ واري ڳالهه آهي...؟؟ جي چئون ٿا ته پارليامينٽ ۾ پهچي ڪري ووٽ حاصل ڪريو صوبائي اسيمبلي ڪان وٺي پارليامينٽ ۽ سينيٽ تائين, سنڌ جي بقا جي جنگ وڙهي سنڌ جي خلاف سمورا ڪارا قانون رد ڪرائي, سنڌين جي آزادي, داخلي آزادي ۽ خودمختياري لاءِ جنگ ڪريون ته ڇا اها آزادي پسندي جي واٽ ناهي...؟ جيڪڏهن اهي واٽون غلط ٿا سمجهو ته مهرباني ڪري توهان انهن تي راءِ ڏيو توهان اسان جي رهنمائي ڪريو ته پاڻ سنڌ جي آزادي بابت واضح چٽو موقف اختيار ڪري سگهون, ڪا واضح حڪمت عملي تيار ڪري سگهون, ته جيئن پاڻ پنهنجي وطن ۽ قوم جي آزادي ڪي يقيني بڻايون.

ڪن ساليانى ڪانگريسن جي سياسي رپورٽن تي ٿيل ورڪشاپ ۾ پارٽي چيئرمين محترم ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب پاران وضاحتون...

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جمهوريت سوشلزم ۽ قومپرستي دنيا جي جديد سوچ جا فڪري بنياد آهن

سڄي سنڌ مان آيل ترقي پسند پارٽي جي ڪانگريس اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙ ساٿين کي پليڪار چئون ٿا.

پيارا ساٿيو!

اڄ جنهن وقت ۾ پنهنجي ساليانو ڪانگريس جو اجلاس منعقد ٿي رهيو آهي، اهو وقت سنڌ جي بقاءَ ۽ فنا جي حوالي کان تمام اهم آهي، پاڪستان جي 52 سالن جي عرصي ۾ سنڌ سان هي پهريون ڀيرو صورتحال لاڳو ٿي آهي جو سنڌ جا سمورا سياسي فيصلا ۽ انتظامي فيصلا پنجاب جو وزيراعليٰ ڪري رهيو آهي. سنڌ مان هر اهو ماڻهو جيڪو اقتداري ڪرسين تي ويهڻ جو خواهشمند آهي، ان کي يا تہ پنجاب جي وزيراعليٰ شهباز شريف يا سندس ڀيءُ ميان شريف برادران جي منظوري ۽ آشيرواد جي ضرورت پوي ٿي، حتمي فيصلن جا اختيار هن ملڪ جي وزيراعظم ميان نواز شريف بدران پنجاب جي وزيراعليٰ وٽ آهن. پنجاب صوبي جي اها خواهش سالن ۽ صدين کان وٺي رهي آهي تہ سنڌ ڪنهن بہ بهاني ۽ حوالي سان پنجابي راڄ جو حصو هجي يا دائمي طرح سندس غلاميءَ هيٺ هجي. هونئن بہ تاريخي اعتبار سان پاڻ معاملن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ خبر پوندي تہ ماضيءَ جي اڌ سنڌ ملتان ۽ بهاولپور وغيره (هاڻ سرائڪستان) پنجاب جي مڪمل والار ۽ قبضي هيٺ آهي، باقي موجوده سنڌ کي بہ ساڳي طرح پنجاب هڙپ ڪرڻ گهري ٿو.

هونئن تہ هر ايندڙ ڏينهن، مهينو ۽ سال سنڌ لاءِ تباهين جا پيغام آڻيندڙ هجي ٿو پر هاڻوڪا ٻہ سال سنڌ لاءِ دوزخ کان بہ بدترين سال ثابت ٿيا آهن. سنڌ کي سياسي، معاشي، معاشرتي، اخلاقي، ثقافتي ۽ روحاني طرح جيڪو ڪمزور ۽ خراب هن عرصي ۾ ڪيو ويو آهي، ان جو ڪاٿو لڳائڻ مشڪل نہ آهي، ان لاءِ ضروري آهي تہ پاڻ پنهنجي سماج جي سموري چند چاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانپوءِ حمتي طرح ڪنهن نتيجي تي پهچي سنڌ جي نجات لاءِ ڪي ٺوس اپاءَ وٺڻ جي واٽ اختيار ڪريون، ڇو تہ سنڌ بقا ۽ فنا جي بہ واٽي تي بيٺل آهي، ٿوري بہ سستي پاڙيائي موقعي پرستي يا مصلحت سنڌ کي فنا ڏي وٺي ويندي ۽ ٿوري بہ سنجيدگي تحريڪ ديانتداري، بهادريءَ ۽ قومي غيرت سان ڀرپور فرض شناسي سنڌ کي دائمي بقا ۽ اصلي ماڳ تي پهچائڻ ۾ پنهنجو بنيادي ڪردار ادا ڪندي، ان لاءِ ضروري آهي تہ ترقي پسند پارٽيءَ جي ڪارڪنن کان وٺي مرڪزي قيادت تائين سمورن ساٿين کان هي وقت سنجيدگي، جان نثاري ۽ ثابت قدمي جي تقاضا ڪري ٿو اميد ڪريون ٿا تہ سمورا دوست تاريخ جي سڏ کي پٺ نہ ڏيندا. پاڻ سنڌي معاشري جو سماجي تجزيو ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ هن وقت سنڌ جنهن فنا جي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل آهي، ان جو ذميوار ٻيو ڪو بہ ڪونهي پر سنڌي ماڻهو خود آهي تہ سنڌي قوم جو اهو بااثر، اهو پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور طبقو ذميوار آهي، جنهن ڪري مصلحت ۽ موقعي پرستي سبب قوم داخلي طرح منتشر ۽ ڪمزور بنجي وئي آهي.

سنڌ طبقاتي طرح ساڳين ٽن طبقن ۾ ورهايل آهي، جنهن ۾ جاگيردار، وچولو طبقو ۽ هيٺيون يا پورهيت طبقو شامل آهي.

(1) **جاگيردار**: سنڌ جو جاگيردار طبقو اهو آهي، جنهن گذريل ٻن ٽن صدين کان وٺي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان وقت جو فائدو وٺندي ڏارين، پرمارن خاص طور تي مغل ۽ انگريز دورن ۾ سامراجي آقائن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ڌرتي ۽ قوم سان غداريون ڪيون! سامراجي آقائن سان ها ۾ ها ملائيندي ڪانئن رعايتون حاصل ڪيون، جن عيوض کين سنڌ ۾ جاگيرون عطا ڪيون ويون. مثال طور: هزارين ايڪڙ تي ٻڌل دريائي علائقن ۾ زرخيز زمينون ۽ شڪارگاهون، خانبهادر خانصاحب ۽ سردار نواب ۽ ارباب جي لقب القابن سان جاگيردارن کي نوازيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهہ پڙهيل ڳڙهيل ۽ چالاڪ ماڻهن کي سياسي اختيار بہ ڏنا ويا. مثال طور: جرڳائي عدالتون لڳائي سزائون ڏيڻ، لوڪل ادارن جون ميمبريون ۽ معاشي موقعا مهيا ڪيا ويا. جنهن ڊوڙ ۾ گهٽ چالاڪ جاگيردار يا عياشين ۾ سياسي ميدان کان ٻاهر بيٺل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاگيردار آهستي آهستي پنهنجي معاشي سگهہ ۽ سياسي قبيلائي اثر وڃائيندا گهٽا خانصاحب ۽ خانبهادر گهراڻا يا ختم ٿي ويا آهن يا ختم ٿيڻ جي ويجهو آهن. مطلب تہ ماضي جا مزار بڻجي ويا آهن.

پر پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ جاگيردارن جي نئين سر صفبندي ٿي آهي، نئين سجاڳپ ۽ نئين سگهہ پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي جديد دنيا جي ترقي ۽ تعمير سان هم آهنگ بڻائيندي سندس نئون ظهور ٿيو آهي، ان ڪري جيڪي پراڻن جاگيردارن مان رهيل ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ نوان جاگيردار آهن. اهي سنڌ ۾ هڪ مستقل سياسي قوت بڻجي قدامت پسندي ۽ رجعت پسندي جا اهڃاڻ بڻجي سنڌ جي سموري ارتقا کي روڪڻ سان گڏ سنڌ جي تعمير ترقيءَ لاءِ ڪوبہ بنيادي ڪردار ادا نہ ڪري سگهيا آهن. جڏهن تہ سموري دنيا جڏهن ارتقائي مرحلي مان گذري جاگيرداري ۽ بادشاهت کان جمهوريت ڏانهن تبديل ٿي رهي هئي تہ اتان جي ترقي ٿي، هو جديد سرمائيدار ۽ صنعتڪار بڻجي ويا ۽ سندن قومون ۽ ملڪ بہ ترقي يافتہ ملڪن جي قطار ۾ بيهي سڄي دنيا تي حڪمراني ڪري رهيا آهن. پر سنڌ جي جاگيردارن سندس طبقاتي ارتقا جي بہ خلاف بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن ڪري هو ساڳئي پوزيشن ۾ آهن. خودمختياريءَ ۽ طاقتور قوم جي نمائندي بڻجڻ بدران هو پنجاب جهڙن حڪمرانن جي خوشامد ۽ دلاليءَ ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن. ان عيوض انهن کي جيڪو ملي سگهيو ان تي قناعت ڪندا رهن ٿا. پوءِ اها صرف هڪ ٽاٽي جي صوبيداري ۽ تعلقي جي مختيارڪاري هجي يا بہ چار ڪروڙ بئنڪ جو قرض يا هڪ اڌ ڪارخاني جي پرمنٽ يا هڪ سفارتڪاري يا وزارت ۽ ناٽو جهڙو ماٽهو تهڙو ناٽو واري حساب سان پنجاب جا حڪمران ۽ آقا سندن قيمت مقرر ڪندا آهن ۽ ان تي سنڌ جا جاگيردار خوشيءَ سان وڪامجي ويندا آهن. پنهنجي قوم ۽ ماڻهن سان بيوفائي ڪرڻ ۾ سنڌ جا جاگيردار مشهور آهن. ظاهري طرح هو الڳ الڳ نظر ايندا آهن. پر سنڌ تي تاحيات سندن طبقي جي حاڪميت برقرار رکڻ لاءِ هو اندروني طرح سمورا متحد هوندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهوئي سبب آهي جو پاڪستان جي 52 سالن جي عرصي ۾ سنڌن حاڪميت کي ڪوبہ (Serious Threat) نہ مليو سگهيو آهي، جمهوريت، سوشلزم ۽ قومپرستي جيڪي دنيا جي جديد سوچ جا فڪري بنياد آهن، انهن ٽنهي نعرن کي سنڌ جا جاگيردار پنهنجي بقا ۽ حاڪميت برقرار رکڻ لاءِ ڀرپور طريقي سان استعمال ڪري سنڌ جي عوام کي پنهنجو غلام بڻائي رکندا پيا اچن. جاگيردار جيتريقدر رياست ۽ آقائن جي سامهون ڪمزور خوشامدڙيا ۽ دلال بڻيل آهن، سنڌي عوام مٿان ان جي ابتڙ انتهائي ظالماڻي ۽ رهزن روش اختيار ڪندڙ آهن، عام ماڻهو جي زمين، گهر عزت ڪجهہ بہ محفوظ ناهي هوندو. پوليس سپاهي کان وٺي اعليٰ آفيسرن تائين، ڪاٽڪو چورن کان وٺي ناليوارن رهزن ڌاڙيلن تائين سيني کي هو سنڌن مفاد جي پوئيواري لاءِ استعمال ڪندا رهن ٿا، جنهن سان سنڌ جي جاگيردار کي اجا ڪوبہ خطرو محسوس نہ ٿو ٿئي. دنيا جي تبديل ٿيندڙ معيارن مطابق سنڌ جي سياسي جاگيردارن جي تعليم ۽ تربيت گذريل ٻن نسلن کان جديد طرز تي ٿي رهي آهي. آمريڪا ۽ يورپ جي بهترين يونيورسٽين ۾ سنڌن اولاد تعليم پرائي ٿو. سياست، معيشت علم ۽ ادب ڪمپيوٽر سمورين ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مصروف رهن ٿا. ايڏي جديد تعليم کان پوءِ بہ سنڌن ذهنيت قدامت پسندي، رجعت ۽ مدي خارج جاگيرداري برقرار رکڻ بنيادي مقصد هوندو آهي، دراصل هو سنڌن طبقي جي بقا جي جنگ ۾ مصروف رهن ٿا. جاگيردار معاشي طرح ڪنگال رهندا هئا، ايوب خان جي ۽ پوءِ ڀٽو جي دؤر ۾ نالي ماتر زرعي سڌارا آندا ويا هئا. پر جاگيردار پاڻ لاءِ Threat محسوس ڪيو اگ جاگيردارن جون جاگيرون ۽ گهر سڀ گروي هوندا هئا. وڏي مشڪل سان هو سنڌن سفيد پوشي ۽ ٺٺ ٺانگر رکي سگهندا هئا، پر هن ملڪ ۾ سياسي رشوت ايڏو عام ٿي وئي آهي جو فنا جي مهڙ تي بيٺل پيپلز پارٽي مرندڙ جاگيرداريءَ کي جمهوريت جو چولو پهرائي نئين انداز سان انهن جاگيردارن کي سياسي سگهہ مهيا ڪري معاشي طرح مستحڪم بڻائڻ ۾ پنهنجو بنيادي ڪردار ادا ڪيو هاڻ جاگيردار ائين محسوس ٿي رهيا آهن ڄڻ تہ هو ناقابل شڪست آهن، ڇو تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رياستي طاقت، بي انتها ناٽو دنيا جو جديد علم ۽ ابوجهه اڻ پڙهيل سنڌي ماڻهو انهن جي قبضي هيٺ آهن، ان ڪري هو ناقابل شڪست آهن، پ پ کان علاوه مسلم ليگ ۽ ٻيون سموريون ننڍيون پارٽيون جيڪي سنڌ جي اشرافيا، جاگيردارن جي نمائندگي ڪن ٿيون، اهي هر حال ۾ بضد آهن ته (Statuesque) اسٽيٽسڪو قائم رهي، انهن جي مد مقابل ڪابه وچولي طبقي يا هيٺين طبقي جي ڪا محب وطن ۽ عوام دوست پارٽي يا قيادت اڀري نه سگهي ان لاءِ هو سمورا هٿ ڪنڊا استعمال ڪندا رهن ٿا، پر شايد هو تاريخ کان اڻواقف آهن. جڏهن برطانيا، فرانس، اسپين جون بادشاهتون جمهوريت سان ٽڪر کائڻ ۾ فنا ٿي ويون ٿيون ته سنڌ جا جاگيردار ڪجهه به نه آهن، رڳو عوام دوست قوتن کي گڏ ٿي هن نڳي جي ٽڪسات کي چئلينج ڪرڻ جي گهر آهي.

اقتدار ۾ رهڻ ۽ حڪومت ڪرڻ هو پنهنجو ڪائناتي حق سمجهن ٿا، سنڌ جو عام ماڻهو به تعليم جي فقدان ۽ ذاتي طرح عدم تحفظ ۾ هجڻ ڪري جاگيردار کي ئي نجات ڏيارينڌڙ سمجهي ٿو ان لاءِ هر حال ۾ لوڪل ڪائونسل کان وٺي صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ تائين ووٽ جاگيردار کي ڏنو وڃي ٿو جنهن ڪري هو پنهنجي قدر ۽ قيمت ڳاهڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو جاگيردارن جي هيچي لالچي ۽ ڪمزور ڪردار جي ڪري پنجاب ۽ ان جا حڪمران ٽولا سنڌ خلاف هر لٽ ڦر، قبضي ۽ غلاميءَ کي قانوني جواز مهيا ڪرڻ ۽ دائمي طرح برقرار رکڻ لاءِ جاگيردارن جو شاٿ وٺن ٿا ۽ هر استحصال کي پارليامينٽ مان بل، قانون ۽ آئين جي شقن ۾ پاس ڪرائي سنڌ جي سموري لٽ ڦر کي جائز قرار ڏنو وڃي ٿو ان لاءِ ضروري آهي ته هاڻ سنڌ جي نمائندگي اها يونين ڪائونسل کان وٺي پارليامينٽ ۾ هجي، عام ماڻهو کان وٺي سفارتي سطح سڄي دنيا تائين هجي، اها هاڻ جاگيردارن کان کسي وٺڻ گهرجي، انلاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ محب وطن، انقلابي ۽ فرض شناس ڪارڪن ۽ عام ماڻهن کي پاڻ ۾ اتحاد، تنظيم ۽ تحريڪ پيدا ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيئن سنڌجي حقيقي نمائندگي لاءِ روشن خيال ترقي پسند، جمهوريت پسند، محب وطن تعميري سوچ جا مالڪ ماڻهو چونڊي سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي بقاءَ لاءِ ويڙهه ۾ ڪاميابي ماڻي سگهجي.

(2) **وچولو طبقو**: هونئن ته وچولي طبقي جي طبقاتي طرح بيهڪ يا مجموعي ڪردار لاءِ مشهور آهي ته اهو طبقو مستقل مزاج نه هوندو آهي، جنهن پاسي سرسي ڏسندو آهي، ان پاسي رخ مٽائيندو آهي. جاگيرداري پنهنجي جاهه ۽ جلال سان جڏهن عمل ۾ هوندي آهي ته وچولي طبقي جو ساٿ هميشه ان سان گڏ هوندو آهي، پر خواهش هوندي آهي ته هو پاڻ ان مقام تي پهچي حڪومت ڪري سگهي، پوءِ جڏهن جاگيرداري يا سرمائيداري ڪي ڍهندي ۽ ڪمزور ٿيندي ڏسندو آهي ته پوءِ هيٺئين طبقي ۽ انقلابي قوتن جو ساٿي بڻجڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته جيئن هو پنهنجي اصلي مقام تي پهچي خواهش جو پورائو ڪري سگهي، ان ڪري عوام ۽ انقلابي قوتون وچولي طبقي کي پنهنجو اتحادي بڻائڻ جون ڪوششون ڪنديون آهن.

سڄي دنيا جي تاريخ ۽ انقلابن جي جدوجهد ۾ اڳواٽي ۾ وچولي طبقي مان پيدا ٿيندڙ فردن پنهنجو شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي، ڇو ته وچولي طبقي جي سڃاڻپ طبقاتي هيچ کي ڇڏي ڪري باقي روشن خيال، لبرل معاشي ترقي ۽ تعمير وارو ڪردار رهندو آيو آهي، معاشي پاڻ پرائپ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو آهي، اهو وچولو طبقو ڪنهن هڪ رات يا چند ڏينهن ۾ پيدا نه ٿيندو آهي، جيڪو دراصل فني ۽ واپاري نوعيت جو گروهه هوندو آهي، جيڪو پنهنجي ڏاهپ، فني مهارت ۽ مستقل محنت ۽ ثابت قدمي سان سندس معاشي رٿابندي سبب پاڻ پرائپ واري صورتحال کي پهچندو آهي، ڪو لوهار، ڪو واڍو ڪو ڪپڙن رنگڻ وارو ڪو بوٽ ٺاهڻ وارو موچي، ڪو جنس جو واپار ڪندڙ ماڻهو جڏهن پنهنجي مصنوعات يا جنس کي هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين يا ٻيڙين لانچن ۽ گاڏين ذريعي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين پهچائي ۽ واپار ڪري ٿو ته هو زندگيءَ جا شاندار تجربا ماڻي ٿو نئين علم، ادب، تاريخ ۽ تبديلين تعمير ۽ ترقيءَ کان واقف ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو پنهنجي قومن ۽ وطن جي ترقيءَ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندا آهن، سڄي دنيا جي انقلابن آمريڪا، يورپ، آفريڪا توڙي ايشيا ۾ فردن جي غلاميءَ کان وٺي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قومن جي غلاميءَ جي خاتمي ۽ آزادي جي تحريڪن ڪي ڪاميابيءَ سان پنهنجي منزل تي پهچائڻ ۾ بنيادي ڪردار اهڙن ئي فردن جو ڪم آهي، اسپارٽيڪس کان وٺي نيلسن منڊيلا تائين سمورا ڪردار ان عمل جي شاهدي ڏئي رهيا آهن، پر بدقسمتيءَ سان سنڌ جي وچولي طبقي جي سجاڳ ۽ طبقاتي ڪردار بلڪل مختلف آهي، وچولي طبقي جو حقيقي ڪردار سنڌ جا اهي هندو هئا، جن کي 1947ع ۾ هتان زوريءَ ڪڍيو ويو. باقي رهيل هڪ عدم تحفظ جي خوف ۾ ويڙهجي صرف ناڻي ڪمائڻ تائين محدود رهجي ويا، باقي سياسي، سماجي ڪردار مڪمل طور تي ختم ٿي ويو جن ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ تعليمي ميدان ۾ شاندار اسڪول ۽ ڪاليج ٺاهيا، جن جو معيار دنيا جي معيار سان مقابلو ڪندڙ هو اسٽيج ڊراما، ناٽڪ منڊليون، موسيقي توڙي فلاحي ۽ خيراتي ڪمن ۾ اسپتالون اسڪول ۽ مسڪينن جي مدد لاءِ مڪمل طرح امدادي مرڪز هلندڙ هئا، اهي هندو هڪ ارتقا مان گذري وچولي طبقي جي طبقاتي بيهڪ ۾ بيٺا هئا، جنهن سبب اهي روشن خيال ۽ تعميري سوچ رکندڙ هئا، انهن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جا شهر ۽ واپاري مرڪز ننڍيون ڪوٺيون ڪارخانا ۽ صنعتن توڙي سرڪاري ملازمتن جا مالڪ ٻاهريان آيل ماڻهو رهيا. جن جو سنڌ سان يا سنڌي قوم سان ڪوبہ روحاني يا ثقافتي ڳانڍاپو نہ رهيو جنهن ڪري انهن ماڻهن نہ سنڌ جي ٻولي، نہ سنڌ جي ثقافت، نہ سماجي ترقي نہ ئي سياسي تحريڪ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪيو جنهن سبب سنڌ جي ارتقا روايتي فطرت جي حوالي رهجي وئي، جيڪا جوڻ جي رفتار سان سفر جاري رکندي اچي پئي، ان شهري ٽولي ارتقائي عمل کي هٿي ڏيڻ بدران مڪمل طور روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سبب سنڌي ماڻهو سياسي، معاشي ميدان مان ڌڪجي جاگيردارن جي بي رحميءَ جي حوالي ٿي ويا ۽ سڄي سنڌ ڌارين، پرمارن ۽ رهزنن جي آماجگاهہ بڻجي وئي، نفسياتي طرح ايترا ويڇا وڌايا ويا جو ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو کي فيصل آباد، مهمدن ايجنسي، بهار ۽ بنگال جي ماڻهو جي رهڻ تي اعتراض ڪونهي پر لاڙڪاڻي، جيڪب آباد ۽ نوابشاهہ جي ماڻهوءَ تي ڪراچي ۾ رهڻ تي اعتراض آهي، پڇو تہ ڇو....؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جواب ملندو تہ اترادي سڄي ڪراچي ڪاٽي ويا. جڏهن تہ 20 لک پٺاڻ، 60 لک مهاجر، 30 لک مختلف ايشيائي ۽ 10 لک پنجابي ڪراچيءَ تي قابض آهن. پر سنڌين کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. دراصل انهي جو بنيادي سبب محب وطن انقلابي قيادت جي مڪمل کوٽ آهي. جيڪا ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين عوام کي سنڌن سياسي تربيت ڪري ۽ دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي پنهنجي بقا جي مزاحمت لاءِ سنڌين جي رهنمائي ڪري. باقي چند واپاري گروپن کي ڇڏي ڪري جيڪو اسان جو وچولو طبقو بچيو آهي. دراصل اهو وچولو طبقو ناهي. ان کي شهري ڪلاس چئي سگهجي ٿو آباديءَ جي وڌاءَ شهري سهوليتون مهيا ٿيڻ. روڊ رستا. اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ٺهڻ سبب ٻهراڙيون شهرن ۾ تبديل ٿين پيون. اتي رهندڙ ماڻهن جي زندگي گذارڻ جو ڍنگ ضرور تبديل ٿيو آهي. پر ذهني اوسر نہ ٿي آهي. ان لاءِ سنڌن سماج ڏانهن رويا ناڪاري آهن. اهوئي سبب آهي جو سنڌي سماج ۽ سنڌ جي بقا خطري ۾ پئجي وئي. اسان جي شهري ڪلاس اهڙو ڪوبہ عمل نہ ڪيو آهي. جنهن سان هو اجتماعي طرح سنڌ کي اڳتي وٺي وڃن. نواز شريف جو پيءُ لوهار هو. هو ارتقائي مرحلن مان گذرندو اڄ جو جديد سرمائيدار بلڪ Tycoon بڻجي چڪو آهي. سنڌن خاندان پنجاب جي تعمير ۽ ترقي ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪري پيو شايد پاڪستان جي 50 سالن ۾ ڪنهن ڪيو هجي. بينظير ڀٽو هڪ جاگيردار آهي. ٻہ ڀيرا وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ بہ سواءِ جاگيردارن کي سياسي رشوت ۾ اربين روپيا ڏيارڻ ۽ پاڻ کي معاشي فائده حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ سنڌ کي دائمي غلامي ۽ تباهيءَ ۾ ڇڏي پاڻ ڪرپشن جي ڪيس ۾ جلاوطن ٿي ويٺي آهي ۽ سڄي سنڌ پنجاب جي جارحيت جو عذاب ڀوڳي رهي آهي. سنڌ جو شهري ڪلاس هڪدم پاڻ کي معاشي طرح ڪروڙپتي ڏسڻ جو خواهشمند آهي. پر هڪ رات ۾ بغير محنت ۽ ارتقائي عمل مان گذرڻ جي روين ۾ هو اصلي جاگيردارن، کهڙن، پٽن، جتوئين ۽ سيدن کان بہ بدترين ماڻهو بڻجي ويو آهي. چوندا آهن تہ ڪانگ مور جي چال هلڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پنهنجي بہ وساري ويٺو. سو اسان جو شهري ڪلاس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪدم جاگيردار ٿيڻ جي ڪوشش ۾ وچولي وارا تعميري لبرل ڪردار بہ وڃائي ويٺو آهي، ڇو تہ ان جي سموري ترقي شارٽ ڪٽ ذريعي ٿي آهي، مثلاً ڪو عام ڳوناٺو پڙهي ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ڪامورو بڻيو تہ رشوت ۾ ملندڙ ڪروڙين روپين سبب ان جو ذهني توازن نہ رهندو هو پاڻ کي دنيا جي سپر مخلوق سمجهڻ شروع ٿي ويندو ان حد تائين بہ مثال آهن جو اهڙن ماڻهن پنهنجن پيئرن ۽ مائرن کي بہ سندن دوستن اڳيان پنهنجي نوڪر ۽ نوڪرياڻي طور متعارف ڪرايو يا سندن شاندار بنگلن ۾ ماءُ پيءُ جي رهائش رڳو سرونٽ ڪوارٽر ٿيندا آهن.

ڪنهن چوري، ڪنهن فراڊ ڪنهن پنگ لاءِ اغوا ڪنهن جوا ۽ سٽي ۾ ۽ ڪنهن رشوت ۾ ڪروڙين روپيا ڪمائي ورتا. شاندار بنگلو ۽ گاڏي جا مالڪ ٿي ويا آهن. شهرن ۾ رهڻ، هوٽلن ۾ وڃڻ سان وچولي طبقي جو بنيادي ڪردار ادا نہ ٿو ٿي سگهي، ان لاءِ اهو سمورو شهري ڪلاس سنڌ جي ترقي ۽ تعمير ۾ ناڪاري ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو محب وطن انقلابي قوتن تي چٽرون ڪندو رهڻ، فلاحي ڪمن کان پري هجڻ، علمي ماحول ۾ ڪاپي ڪلچر جو حامي هجڻ، اخلاقي معيارن کي ڪمزور ڪري ڇُوا. شراب ۽ طوائف بازيءَ کي عام ڪرڻ، خوشامدڙيو هجڻ ۽ سستي کان سستي اگهہ تي وڪامجڻ ۽ وڪامڻ جي وڪالت ڪندو رهڻ، سندن سنڌ لاءِ ڪيل خدمتن جو بار بار ذڪر ڪرڻ، ان کي ڪيش ڪرائڻ، قوم تي لعنت ۽ ڦٽڪار ڪرڻ تہ قوم نہ سڌرندي، اسان قوم لاءِ هي ڪيو هو ڪيو هاڻ اسان کي بہ پنهنجا ٻچا آهن. گهر ٻار آهن. سڄي عمر قوم لاءِ نہ وڃائبي وغيره وغيره جا جواز ٺاهي، هو جاگيردارن ۽ حڪمرانن کان رعايتون حاصل ڪندي، رشوتون وٺن ٿا ۽ قوم جي ۽ سنڌ جي انقلابي هلچل جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻن ٿا. جنهن ڪري محب وطن انقلابي قوتون ڪمزور رهنديون آيون آهن ۽ سڄي سنڌ فڪري رهنمائي نہ هجڻ سبب علمي، فني ۽ جديد تقاضائن کان ٻاهر بيٺل آهي، هڪ گيرج جي هيلپر کان وٺي ڪمپيوٽر جي ترقي واري هن دؤر ۾ سنڌي ٻاهر بيٺل آهي، ان لاءِ ضروري آهي تہ شهري ڪلاس کي هر حال ۾ اپروچ ڪري کين آماده ڪجي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي نسلن جي بقا ۽ شاندار مستقبل ان ۾ لڪل آهي تہ هو محب وطن انقلابي قوتن جا اتحادي ٿي سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪن، ڇو تہ هاڻ پاڪستان خود ڪنگال ٿيندو پيو وڃي، هاڻ نوڪرين ۾ رشوت، چور، ڦر، ٺڳيءَ ۽ ڪروڙين روپيا ڪمائڻ ممڪن ناهي رهيو. هاڻ ڪاپي ڪري ڊگري وٺي ڪا چڱي موچاري نوڪري حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي، هن صلاحيت ۽ ڄاڻ جي دؤر ۾ صرف اهل، محنتي منظم ۽ متحرڪ ماڻهو توڙي قومون جي سگهنديون. انلاءِ شهري ڪلاس کي انفرادي طرح کان وٺي اجتماعي طرح اهي سمورا ڪم سرانجام ڏيڻ کپن، جنهن ۾ سنڌ Morally روحاني، ثقافتي توڙي فني حوالي سان مضبوط قومي ڌارا ۾ داخل ٿي پنهنجي بقاءَ جي ويڙهہ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي، اهو ڪم سولو ناهي پر انقلابي قوتن کي ٽارگيٽ ڪٽي اهو ڪم سرانجام ڏيڻ گهرجي. ڇو تہ اهوئي شهري ڪلاس جڏهن حقيقي وچولي طبقي وچولي طبقي ۾ تبديل ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو اهل بڻجندو تہ انقلابي قوتن جي ۽ پيڙيل مسڪين طبقن جي ذهني تربيت، مالي استحڪام ۽ انقلابي هلچل جو پاڳي پائيوار بڻجندو ۽ صف بندي ۾ جاگيردار اڪيلو رهجي ويندو جنهن کي آسانيءَ سان ڪمزور بڻائي سگهبو.

وچولي طبقي جي نہ هجڻ ۽ شهري ڪلاس جي موقعي پرستي سبب سنڌ ۾ ڪابہ وچولي طبقي جي سياسي جماعت پنهنجا پير ڪوڙي نہ سگهي آهي، اڳواڻن جي شاندار ڪردار، قرباني ۽ عمل ڪانپوءِ بہ اهي جماعتون مستقل ڪاميابيون نہ ماڻي سگهيون، پر آهستي آهستي بي اثر ۽ غير فعال ٿينديون ويون آهن. جنهنڪري اشرافيا ۽ جاگيردارن جي جماعتن لاءِ ڪوبہ خوف خطرو ناهي تہ هو سنڌي ڪردار ۾ تبديلي آڻي عوام دشمني ۽ قومي دلالي جي ڪردار کي ڇڏي قومي بورزوا جو محب وطن ڪردار ادا ڪري.

(3) **هيٺيون طبقو:** سنڌ جو هي طبقو تمام گهٽي وافر مقدار ۾ ائين ڪٽي ڇئجي تہ 90 سيڪڙو سنڌ جو پيڙيل طبقي تي مشتمل آهي ۽ ان ۾ روز بروز واڌارو ٿي رهيو آهي، جيئن زرعي زمينن جي ورهاست ٿيندي وڃي پئي، واپار ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فني دنيا مان ٻاهر هجڻ ڪري سنڌ جو هي طبقو تيزي سان وڌي رهيو آهي، جنهن ۾ هاري پورهيت، ننڍا آبادگار ۽ نوڪري پيشا وائيٽ ڪالر اچي وڃن ٿا. ملڪ ۾ روز وڌندڙ مهانگائي، آباديءَ جي دٻاءَ سبب روز بروز سنڌ ۾ سوڙها ٿيندڙ روزگار جا ذريعا ۽ پنجاب جي استحصال. سنڌ جي هن طبقي کي رحم جوڳي حالت ۾ پهچائي ڇڏيو آهي، جنهنڪري سماج ۾ اخلاقي ڏيوالپڻي جنم ورتو آهي، سماجي برائين ۾ روز بروز واڌارو ٿيندو پيو وڃي، انارڪي تيزيءَ سان وڌي رهي آهي، چورين ڌاڙا، ڦرون، نشي جو استعمال، جُوا، واندڪائي، ڪم چوري، چغلي، اخلاقي بدديانتي، بزدلي، مستقبل ڏانهن غيريقيني جي ڪيفيت جنم ورتو آهي، جنهن سبب عوام سياسي ڪلچر کان بيزار ٿي پيو آهي، هر ماڻهو سياست ۽ سياسي اڳواڻ کي ذاتي مفادن لاءِ وڙهندڙ سمجهي انهن کان ڪنارا ڪشي اختيار ڪري ٿو ڇو جو جاگيردارن انهن سمورن مقدس ۽ عوامي نعرن جو سندن اقتدار لاءِ ڀرپور استعمال ڪندي 50 سال عوام کي گمراھ ڪري ڦريو ۽ لٽيو آهي، جنهن ڪري نانگ جو ڏنگيل نوڙيءَ کان ڊڄڻ واري پهاڪي مطابق سنڌي عوام هر جماعت توڙي قيادت کي شڪ سان ڏسي ٿو ۽ ڪاميابين بابت غيريقيني جي ڪيفيت ۾ مبتلا رهي ٿو سنڌين جي ان صورتحال ۾ اضافو سندن معاشي صورتحال، جاگيرداري جي بربريت ۽ رياستي تشدد سبب وڌيڪ لاتعلقي ۽ غيريقيني پيدا ڪئي آهي، سموري بک، بدحالي، ذلتن، تباهين ۽ غلاميءَ کي پنهنجو مقدر سمجهي قبول ڪري ورتو آهي، ان لاءِ ويجهي ماضيءَ ۾ اهڙي ڪابہ عوامي هلچل نہ ٿي سگهي آهي، جنهن ۾ عوام جي گهڻائي ڀرپور طريقي سان شريڪ ٿي سگهي، ڇو تہ تعليم جي شعور جي ڪمي، معاشي بحران ۽ حقيقي قومي رهنمائي جي کوٽ سبب عوام وهمن جو شڪار بڻجندو آهي، خراب ۽ بدترين صورتحال جو مقابلو ڪرڻ بدران هر ڳالهہ مقدر ۽ قسمت تي ڀاڙي ويهندو آهي، دعائون، تعويزن، نجومين کان مستقبل بابت خوشفهميون ٻڌي وقت ۽ حالتن تبديل ٿيڻ جو انتظار ڪندا آهن، جنهن سبب سنڌ ان تباهيءَ جي ڪناري تي پهتي آهي، جتي وچولو طبقو مضبوط هوندو اتي عوام فني شعبن ۾ اڳڀرو هوندو آهي، معاشي طرح طاقتور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيندو رهندو آهي ۽ سياسي هلچل ۾ بنيادي نوعيت جو ڪردار ادا ڪندو آهي.
سنڌ جون زمينون غلط رٿابندي ۽ حقيقي فنڊ استعمال نہ ٿيڻ سبب سم ۽ ڪلر حوالي ٿي چڪيون آهن. پوچڙ جي زمينن کي آباديءَ لاءِ پاڻي مهيا نہ ٿو ٿئي. پيدا ٿيندڙ زرعي جنسن جو اگهہ گهٽ ملڻ ڪري معاشي طرح آبادگار طبقو روز بروز ڪمزور ٿيندو پيو وڃي ۽ هاري بدحالي جي انتها تي پهچي چڪو آهي. نقلي ٻاڻن ۽ دوائن تہ بلڪل آبادگار ۽ هارين کي قرض ۽ عذابن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. روز بروز هارين جي بي دخلي ٿي رهي آهي جبري پورهئي جو رواج عام ٿي رهيو آهي. عام ماڻهن کي ٿوري معاوضي تي زبردستي ڪم ڪرائي پنهنجي ناڻي کي وڌائڻ جي رواج سنڌ جي هاريءَ ۾ لاتعلقي ۽ عدم دلچسپيءَ کي جنم ڏنو آهي. جنهن ڪري هاڻ زمينن جي پيداوار روز بروز گهٽ ٿيندي پئي وڃي ۽ معاشي بحران وڌي پيو.
سنڌ جي صنعتي ترقي 1947ع کان وٺي سنڌين کان بيگاني رهي آهي. سنڌ ساموندي خطو هجڻ ڪري سڄي ملڪ جي سرمائيدارن ڪارخانا تہ سنڌ ۾ هنيا پر انهن سنڌ ۽ سنڌين لاءِ سماجي ۽ شعوري ارتقا ۾ ڪوبہ ڪردار ادا نہ ڪيو. چو تہ هڪ قليءَ کان وٺي ٽيڪنيڪل هيڊ تائين، ڪلارڪ کان وٺي ايڊمنسٽريٽر، ايگزيڪيوٽو تائين سمورا غير سنڌي رهندا آيا آهن. جنهنڪري ڪراچي پورٽ، قاسم پورٽ، اسٽيل مل، شپنگ ڪارپوريشنون، ٻاڪيارڊ، پي آءِ اي، بئنڪون، انشورنس ڪارپوريشنون، اسٽاڪ مارڪيٽ کان سبزي منڊيءَ تائين ڪنهن بہ ترقيءَ جو لاڀ سنڌ ۽ سنڌين کي نہ مليو نہ انهن ادارن ۾ پيدا ٿيندڙ ناڻو سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ تي خرچ ٿي سگهيو جو سنڌ جون ٻهراڙيون شهري معيار تي ترقي وٺي سگهن نہ ئي پيدا ٿيندڙ روزگار جا ذريعا سنڌي ماڻهن جي ڪتب اچي سگهيا. اڄ اهي سمورا ادارا جنهن ۾ لکين مزدور ڪمائين ٿا ۽ پيدا ٿيندڙ اربين روپيا سنڌ لاءِ اوپرا آهن پر سنڌ لاءِ نوان عذاب ۽ استحصال جا نوان نوان ڏنگ ڪڍي آيا آهن. جنهن سبب سنڌ مڪمل طرح غلام ۽ سنڌي مفلوج بڻجي ويا آهن. ڌارين جون لوڏون سنڌ ۾ نہ رڳو آباد ٿيون آهن پر ملڪ جي لالچي حڪمرانن کي بليڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميل ڪري سنڌين ناجائز گهرن کي قانوني جواز مهيا ڪري سنڌ جي سياسي ۽ معاشي نظام ۾ پنهنجو پنهنجو حصو گهري رهيا آهن. ورهاڱي وقت آيل اردو دان، سنڌ جي شهرن ۾ رهندڙ پنجابي، پشتو، بهاري بنگال، نيپالي، سيلوني ۽ افغاني به سنڌين آبادي جي لحاظ کان سياسي، معاشي، سيٽ اپ ۾ حصو گهري رهيا آهن، اسلام آباد جي حڪمرانن کان وٺي واشنگٽن سنڌين سرمائي ۽ مستقل اقتداري مفادن سبب اهڙن گروهن ۽ ڌرين سان معاملا طئي ڪري رهيا آهن. پر سنڌ جا حقيقي وارث سنڌي ماڻهو سڄي ميدان کان ٻاهر تماشائي بڻيل آهن، اهو ان ڪري آهي جو سنڌي منتشر آهن، ڪمزور آهن، معاشي طرح بدحال آهن، جنهن ڪري سڄي صف بندي ۾ سنڌي ماڻهو ٻاهر آهن، اهڙي صورتحال ۾ انقلابين کي ڪيتري محنت ۽ جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان جو اندازو سيني کي هڄڻ گهرجي. لالچي ۽ وڪائو سياسي جاگيردارن کي جيڪڏهن خيرات ۾ ڪو هڪ اڌ ڪارخانو مليو آهي ته اتي به ان جا رويا جاگيرداراڻا آهن، سنڌ دشمن آهن، ڪنهن به مزدور کي نوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ ته هو اهل ناهي، نان ٽيڪنيڪل آهي وغيره، پر مونکي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته چوڪيدار، پٽيوالو ڪلارڪ، هيلپر يا ڪو جونيئر آفيسر ڀرتي ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ ۾ ڪهڙي ٽريننگ جي گهرج هوندي، ٻه چار ڏينهن جي تربيت ۾ ماڻهو بهتر ڪم ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن ان غير تربيت يافته ماڻهن کي موقعو ئي نه ڏنو ويندو ته هو ڪئان فني ماهر ٿي سگهندا. اڄ به لکين نوجوان ايم. اي. بي. اي، ڪمپيوٽر سائنس جون ڊگريون ۽ ٽيڪنيڪل ڪاليج مان ڊپلوما کڻي پنهنجي قابليت جي آڌار تي ٻين کان بهتر آهن، در در گهمي رهيا آهن، پر انهن لاءِ ڪنهن اينگرو فوجي فرٽيلائيزر، ٽويوٽا موٽرز انڊس موٽرز آءِ.سي.آءِ جهڙن ادارن يا پاور پلانٽس، بجلي گهرن ۾ ڪا به گنجائش ڪونهي، جنهن سبب سنڌي سماج چڙواڳي ۽ انارڪي جي گهيري هيٺ آهي، اخلاقي ڏيوالپڻو روز روز تيز ٿي رهيو آهي، ان ۾ اضافو پيدا ڪرڻ لاءِ هن وقت جي حڪمرانن ماڻهن جي جيئڻ ۽ روزگار جي ذريعي جي مڪمل ناڪابندي ڪري ڇڏي آهي، هزارين نوجوانن کي پرائيوٽائيزيشن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نالي ۾ نوڪرين مان بي دخل ڪيو آهي، عجيب خوف پيدا ڪيو ويو آهي، ته ملڪ مالي ڏيوالپڻي حوالي ٿي چڪو آهي، ان ڪري ملازمن کي پينشن ۽ ٻين رعايتن جو ڪوبه امڪان نه رهندو، ان لاءِ هاڻ گولڊن هينڊ شيڪ وٺو، اهڙي طرح معاشي ميدان مان ٻاهر ڪڍيو ويو، سرڪاري ڪارخانه بند ڪرايا ويا، نجي صنعتن ۽ سرمائيدارن کي تمام گهڻيون رعايتون ڏنيون ويون ته هو سنڌ مان ڪارخانا پٽي پنجاب منتقل ڪن، پنجاب جي تعمير ۽ ترقي کي اوليت ڏني وئي، خشڪ بندر پنجاب ۾ ناهي ٽيڪس وٺڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو، جيئن معاشي طرح سنڌ کي نقصان پهچائجي ۽ سنڌين جي دعويٰ کي رد ڪجي ته ڪو سڄو ملڪ سنڌ جي پئسي تي هلي ٿو ان سموري رٿابنديءَ کان پوءِ اها روز روشن حقيقت آهي ته سنڌ جيڪا سڄي ملڪ جي ساليانو بجيٽ ۾ 70 سيڪڙو روينيو پيدا ڪري ٿي، ان لاءِ پنجاب ۽ حڪمران سنڌ کي سوني جهرڪي سمجهي هر وقت سنڌ کي قيد ۽ غلامي ۾ رکڻ لاءِ هر حربا استعمال ڪندا رهيا آهن. پاڪستان جي آئين، قانون سازي توڙي آرڊيننس جي معرفت سنڌ تي قبضو برقرار رکڻ ۽ ضرورت تي بندوقن ۽ فوجي آپريشن جي شڪل ۾ سنڌ تي رياستي تشدد ۽ خوف مڙهي سنڌ ۽ سنڌين کي پنجاب غلام رکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، 52 سالن کان هو تمام ڪامياب طريقي سان سنڌ جي استحصال ۽ غلاميءَ کي برقرار رکندا اچن پيا، بينڪن جي قرضن ۽ طريقيڪار کان به سنڌ کي محروم رکيو ويو آهي، غير ضروري شرطن ۽ ڏکي پروسيجر ۽ ڳرين ضمانتن سبب سنڌ جو عام شهري يا پڙهيل ڳڙهيل نوجوان بينڪن ۽ قرضن کان ڪوبه فائدو نه ٿو وٺي سگهي، ان ڪري پاڻ پرائپ جو سلسلو ئي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ختم ڪيو ويو آهي، جيئن سنڌ ۽ سنڌي پنجاب جي رحم ڪرم تي هجن، محتاج زندگي گذارڻ تي مجبور ڪري پنجاب طرفان هر ملندڙ خيرات کي انهن جي رضا ۽ ٿوري طور قبول ڪرڻ جا جتن ڪندا رهيا آهن، ٻولڙيا ۽ دلال وڏيرا صبح شام انهن حڪمرانن جا ٿورا ڳائي سنڌن قيمت وڏائڻ ۽ سنڌين کي گمراهه ڪرڻ جي ڏنڌي ۾ مصروف آهن، اهڙي صورتحال سنڌ کي رحم جوڳي حالت ۾ پهچائي ڇڏيو آهي، قدرت جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهربانين ۾ ڪابہ ڪمي نہ رهي آهي، سڄي سنڌ جي زمين سون ورني آهي، تيل، گئس، ڪوئلو ماربل، گرينائٽ، ٻين معدني شين سان گڏ زرعي پيداوار ۾ هر طرح جا اناج، ميوا، ڀاڄيون ۽ مٺو پاڻي عطا ڪيو آهي، پر بدقسمتيءَ سبب سنڌ انهن وسيلن جي مالڪ ناهي.

موجوده بجيٽ مطابق سنڌ جا وسيلا 310 کان 315 ارب روپيا ساليانو پيداوار ڏين ٿا، جيڪي سڀ پنجاب ۽ مرڪز جي پيٽ ۾ هڙپ ٿين ٿا، ان ايڏي ساري پيداواري صوبي جي حالت اها آهي تہ هو ملازمن جون پگهارون اسٽيٽ بئنڪ جي اوور ڊرافٽ ملڻ کان پوءِ ادا ڪري سگهي ٿو مرڪز طرفان اين.ايف.سي ايوارڊ تحت مليل 46 ارب روپيا بہ مختلف چالاڪين ۽ حربن سان ڪٽجي سُنجي مشڪل سان 32 ارب رپيا سنڌ کي ادا ڪيا وڃن ٿا، جنهن جو گهڻو حصو وفاقي حڪومت طرفان موڪليل رينجرز ۽ مليشائين تي لا ائنڊ آرڊر جي مد ۾ خرچ ڪيا وڃن ٿا، ڪجهہ حصو پنجاب کان موڪليل نوڪر شاهي جي رشوت ۽ عياشين تي خرچ ٿئي ٿو گهڻو شهري علائقن ۾ خرچ ڪيو ٿو وڃي، باقي ٻهراڙيءَ جي علائقي ۾ تعليم، صحت، صنعتي ۽ معاشي ترقي لاءِ ڪابہ بجيٽ ناهي، جنهن ڪري سنڌي ماڻهو اڄا رياستي، حڪومتي ۽ سفارتي دنيا کان ٻاهر ويٺو آهي، پر عالمي ۽ سائنسي ترقيءَ کان بي نياز ويٺو آهي، سنڌ ۾ ڪروڙين ماڻهو آهن، جن يا ڪمپيوٽر جو نالو ناهي ٻڌو يا ان جي ڪم ۽ استعمال بابت واقف ناهن.

سنڌ جي زرعي زمينن جي نيلامي ۽ ورهاست هڪ ڪروڙ ايڪڙن جي لڳ غير سنڌي آبادگارن کي ڏني وئي آهي، وري سنڌو درياهہ جو پاڻي روڪڻ لاءِ ڪالاباغ ڊيم، چشما جهلم، تونسا ڪينال ٺاهي پنجاب کي آباد ڪرڻ جا ڪم شروع ڪيا ويا آهن، سڄي سنڌ گذريل ويهن سالن کان تباهہ ۽ برباد ٿي رهي آهي.

سياسي رپورٽ: اٺين ساليانى ڪانگريس 7 ۽ 8 آگسٽ 1999ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن وقت سڄي دنيا هڪ ڳوٺ Global Village بڻجڻ طرف وڌي رهي آهي، اهو سڄو ڪمال ڪمپيوٽر جي ايجاد کان پوءِ ممڪن ٿي سگهيو آهي، جو دنيا جا ڇيڙا منٽن جي دير ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍجي باخبر ٿي سگهن پيا. اهڙي دؤر ۾ به سنڌ اڃا دنيا کان 2 صديون پوئتي آهي، جتي اسان وٽ روڊ، رستا ۽ عام سواري به ميسر ناهي جو اسان هڪ ٻئي جي ڏک ۽ سک ۾ تڪڙا پاڳي پائيوار ٿي سگهون.

ٻئي طرف دنيا جا سپر پاور خود معاشي بحران ۽ اخلاقي ڏيوالپڻي جو شڪار آهن، جنهن ڪري سماج ۾ بيچيني وڌندي رهي ٿي دنيا ۾ هڪ طرف انساني حقن جي حفاظت وٽن، جيتن ۽ ماحوليات جي تحفظ لاءِ هزارين ۽ لکين ماڻهو جاکوڙي رهيا آهن ته ٻئي طرف انسانن جو رت پاڻي کان به سستي اگهه تي وهايو وڃي ٿو ۽ انسانيت جي تذليل لاءِ اهڙيون شرمناڪ حرڪتون ڪيون وڃن ٿيون. سامراجي سياست جي تاريخ تي پاڻ نظر وجهنداسين ته معلوم ٿيندو ته انسان جڏهن غلامي ۽ جاگيرداري واري دور مان گذري سرمائيداري دؤر جي شروعات ۾ داخل ٿيو ته ان وقت سرمائيداري کي پنهنجي واڌ ويجهه ۽ وڏيڪ نفعو ڪمائڻ لاءِ اهڙن علائقن جي گهرج پئي جتان ڪچو مال سستي اگهه ۽ جهجهي مقدار ۾ مهيا ٿي سگهي ۽ جتان سستو پورهيت ميسر ٿي پوي ته جيئن ڪنهن به پيداواري شيءِ تي گهٽ لاڳت ٿئي ۽ وڌ ۾ وڌ نفعو ڪمائي سگهجي گڏوگڏ ڪين پنهنجي تيار ٿيل مال لاءِ انسانن جي وسيع آبادي ۽ مارڪيٽ ڪپندي هئي ته جيئن سندن مال جلد کان جلد وڪرو ٿئي ۽ هو موڙي سميت وڏو نفعو ڪمائي پنهنجي ملڪيت ۾ بي پناهه واڌ ڪري سگهن ، ان لاءِ هنن اهڙن علائقن جي چونڊ ڪئي جتي غلامدراڻو يا جاگيرداراڻو معاشرو هو انهيءَ پس منظر ۾ يورپ جي اسرندڙ سرمائيدارن رياستي طاقت گڏ ڪري آمريڪا، ايشيا آفريڪا ۽ آسٽريليا جي ڪمزور ۽ پٺتي پيل قومن ۽ ملڪن مٿان ڪاهون شروع ڪيون ۽ قبضا ڪيا، جنهن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نتيجي ۾ بيٺڪي راڄ جي شروعات ٿي. ملڪن جا ملڪ ۽ قومن جون قومون طاقتور سامراج جون ڪالونيون بڻجي ويون ۽ غلامي جي نئين دور جي شروعات ٿي، اوائلي غلامي واري دور ۾ صرف ڪمزور ۽ مجبور انسانن جي خريد ۽ وڪرو ٿيندو هو پر بيٺڪي دؤر Colonial Erica ۾ سموريون قومون ۽ وطن ڌارين جي غلامي هيٺ هليا ويا. غلام قومن ۽ انهن جي وطن مان پيدا ٿيندڙ دولت ۽ مالي وسيلي جي ڦرمار ڪري سرمائيدار ملڪ به پنهنجي فوجي تعمير ۽ ترقي تيزي سان ڪرڻ لڳا. جيئن جيئن ڦرلٽ جو ناٽو وڌندو رهيو ۽ سامراجي ملڪ جي فوجي سگهه ۾ واڌ ٿيندي رهي تيئن تيئن دنيا ۾ غلام قومن ۽ بيٺڪي راڄ جي دائري ۾ اضافو ٿيندو رهيو ان حد تائين جو تنهن دور جي سامراجي مهندار برطانيا لاءِ اهو مشهور ٿي ويو تہ ان سلطنت تان سج لهي ئي نہ ٿو . برطانيا، فرانس، جرمني ، جاپان روس ۽ پورچوگيز مکيہ ڪردار ادا ڪيو عالمي جنگ ۾ اڳوڻين بيٺڪي قوتن Colonial Power جونوڏيڪ بيٺڪون Colonics هٿ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهي ڪمزور ٿيڻ بعد آمريڪا نئين عالمي طاقت ۽ سرمائيدار دنيا جي مهندار طور ابريو جيڪو هو ڪردار هيل تائين ادا ڪري رهيو آهي هوئنن تہ بيٺڪي راڄ خلاف محڪوم ملڪن ۾ آزادي جون تحريڪون موجود هيون پر روس ۾ 1917ع جي سوويت انقلاب ۽ سوويت يونين جي وجود ۾ اچڻ بعد ان طرفان غلام قومن جي آزادي جي تحريڪن جي ڀرپور حمايت ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ بيٺڪي طاقتن جي ڪمزور ٿيڻ ڪري بيٺڪي راڄ خلاف آزادي جي تحريڪن کي نئين سگهه ۽ وسعت ڏني نوان رخ ۽ نوان حوصلا ڏنا. آزادي جون تحريڪون هڪ ٻئي پٺيان ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جي انقلاب ڪان پوءِ دنيا ٻن بلاڪن ۾ ورهائجي وئي هڪ سرمائيدار بلاڪ جنهن جي اڳواڻي ٻي عالمي جنگ کان اڳ برطانيا ڪري رهيو هو. جنگ بعد ان جي نتيجي ۾ بيٺڪي راڄ جي شروعات ٿي ان جي اڳواڻي آمريڪا حوالي ٿي وئي ٻيو محڪوم قومن ۽ مظلوم طبقن جو جيڪو بعد ۾ عالمي سوشلسٽ بلاڪ طور مشهور ٿيو جنهن جي اڳواڻي سوويت يونين ڪري رهيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻي عالمي جنگ، جيڪا اصل ۾ سرمائيداري جي اندروني ٽڪراءَ، وڏيڪ بيهڪون قبضي ۾ آڻڻ ۽ وسيع مارڪيٽ هٿ ڪرڻ سبب شروع ٿي هئي ۽ طاقتور سرمائيدار ملڪ يا بيهڪي قوتون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هيون. هڪ طرف فاشسٽ قوتن جرمني، جاپان ۽ اٽلي کي شڪست ملي، دنيا جي نقشي تي نوان آزاد ملڪ نمودار ٿيڻ لڳا. بيهڪي راڄ خلاف آزادي جي اتساھ ۽ امنگ سان ڀريل تحريڪون نہ صرف شدت وٺڻ لڳيون پر نيون سويون ماٿن لڳيون. بيهڪي نظام تيزي سان ٽٽڻ شروع ٿي ويو آمريڪا ۽ سوويت يونين بہ سپر پاور ٿي ايريا ۽ پنهنجي پنهنجي بلاڪن جي اڳواڻي ڪرڻ لڳا. هندستان آزاد ٿيو ۽ پاڪستان کي وجود ۾ آندو ويو چين ۾ انقلاب برپا ٿيو ۽ اهو جاپان مان بادشاهت ۽ قبضيگيري واري سوچ مان آزاد ٿي عوامي قوتن جي حڪمراني هيٺ آيو ايشيا ۾ چين وڏي طاقت ٿي ابريو اوير يورپ سوويت يونين جي اثر ۽ قبضي هيٺ آيو. هن نئين صورتحال دنيا ۾ طاقت جي توازن کي تبديل ڪرڻ شروع ڪيو هاڻ بيهڪي نظام جو خاتمو ۽ محڪوم قومن جو آزاد ٿيڻ اٽتر هو ان وقت قومن جي تمام وڏي گهڻائي بيهڪي راڄ مان جند آجي ڪرائي چڪي آهي، باقي ڪجهہ محڪوم قومون آهن، جن جي آزادي جو عمل جاري آهي، ڏکڻ آفريڪا ۽ تازو انڊونيشيا ۾ اوير تيمور جي آزادي ان جا مثال آهن. ٻي عالمي جنگ بعد ايشيا ۾ ڪجهہ نوان تضاد ۽ ٽڪراءُ پيدا ٿيا، جنهن ۾ وڏو ٽڪراءُ عرب ۽ اسرائيل ٽڪراءُ آهي، جيڪو اڃا تائين هلندو اچي يهودي سرمائيدار دنيا ۾ معاشي اعتبار کان تمام وڏي سگهہ ۽ طاقت رکندڙ آهن. پر قومي اعتبار کان سڄي دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل ۽ مذهبي اقليت رهيا آهن. دراصل مذهبي حوالي سان يهودي تمام گهڻا بنياد پرست رهيا آهن. ان ڪري پهرين عالمي جنگ کان پوءِ يهودين شعوري طور پنهنجو رخ بيت المقدس (جيڪا سندن بہ تاريخي عبادت گاھ رهي آهي)، ڏانهن رکيو تہ جيئن سڄي دنيا جا يهودي اتي گڏ ڪري يهودي رياست ناهي سگهن. ٻي عالمي جنگ ۾ جرمن ۽ فاشسٽ فوجن هٿان لکين يهودين جي قتل عام کان پوءِ سرمائيدار دنيا همدردي جي بنياد تي يهودين کي فلسطين جي سرزمين تي آباد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ ۾ تمام وڏي مدد ڪئي ۽ ساڳي وقت تيل جي وسيلن سان مالا مال وچ اوڀر جي عالمي اهميت رکندڙ خطي ۾ پنهنجي پير ماري مفادن لاءِ 1948ع ۾ يهودي رياست اسرائيل جو بنياد رکيو جنهن سبب هزارين بيگناهه فلسطينين جو ڪوس ٿيو ۽ هزارين بي گهر ۽ بي وطن ٿي پرپاسي جي عرب ملڪن جي پناهگير ڪئمپن ۾ رهڻ تي مجبور ٿيا. نتيجي ۾ وچ اوڀر ۾ عرب يهودي تضاد ۽ ٽڪراءُ شروع ٿيو اسرائيل جي جارحيت ۽ قبضي گيري سبب عرب قومپرستي (Arab Nationalism) جنم ورتو جمال عبدالناصر، شاهه اسد، معمر قذافي ، ياسر عرفات ۽ پي ايل او ان جو اظهار آهن. ٻه ٽيرا عرب اسرائيل جنگيون لڳيون جن ۾ آمريڪا سميت سڄي مغربي دنيا طرفان اسرائيل جي جنگي توڙي مالي مدد ۽ هر طرح جي امداد سبب عربن کي شڪست آئي، اسرائيل جي جارحيت ۽ توسيع پسندي کي ويتر هٿي ملي ۽ هو وڌيڪ عرب علائقا پنهنجي قبضي ۾ آڻيندو ۽ اتي مختلف ملڪن کان يهودي گهرائي آباد ڪندو رهيو. پر ان سڄي صورتحال جي پويان صرف سرمائيدار مغربي ملڪن جي يهودين سان همدردي ناهي پر بي رحم معاشي جاگرافيائي حڪمت عملي وارا مفاد (Geo Strategic Interest) لڳاپيل آهن. تيل عالمي معيشت ۾ بنيادي اهميت جي جاءِ والاري ٿو ۽ سڄو وچ اوڀر خليج فارس (Persian Gult) سميت تيل جي بي پناهه ذخيرن سان مالامال آهن، جن تي مغربي ملڪن جون نظرون کتل آهن. ايڏي وڏي اهميت واري علائقي تي پنهنجي تسلط رکڻ لاءِ سرمائيدار ملڪن جي مهندار آمريڪا ان سڄي علائقي ۾ اسرائيل کي چوڪيدار طور طاقتور رياست بڻائي ڇڏيو آهي ته جيئن آمريڪي فوجن ۽ تيل جي سپلاءِ لاءِ سامونڊي رستو محفوظ رهي. تيل جي ذخيرن تائين پهچ آسان رهي ۽ تيل انهن جي ڊالرن ۾ اضافو ڪندو رهي. انهيءَ پس منظر ۾ آمريڪا سميت مغربي ملڪن طرفان اسرائيل جي هر جائز ناجائز فوجي، مالي، سياسي ۽ سفارتي امداد ٿيندي رهي آهي، جنهن اسرائيل کي علائقي اندر هڪ مدهوش بدمست ۽ طاقت جي غرور ۾ ورتل صوبيدار بنائي ڇڏيو آهي، هو بنا روڪ، جهل پل ۽ عالمي اخلاقيات جي پرواهه ڪرڻ جي عرب علائقن تي قبضا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندو شهري آبادي تي وحشياڻي بمباري ڪندو ۽ بي هٿيار فلسطيني ماڻهن جو قتل عام ڪندو رهيو آهي. هڪ فلسطيني خودمختيار علائقي تي ٽينڪون چاڙهي موڪلڻ علائقي ۾ تباهي ۽ بربادي ڦهلائڻ ۽ بيگناهه فلسطيني شهرين کي قتل ڪرڻ ان جو تازو مثال آهي. انهيءَ صورتحال سبب وچ اوڀر ۾ خوني ٽڪراءَ جاري رهندو اچي جنهن جو فائدو وٺندي اڄ اساما بن لادن عرب ۽ فلسطيني عام آبادي جي حمايت ڪرڻ پنهنجي جنوني دهشتگردي کي جواز (Justification) ڏيڻ لاءِ پاڻ کي ان ٽڪراءَ سان ڳنڍڻ ۽ عرب فلسطيني ڪاز جو چئمپين طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جنهن جي حقيقت سان هن نه ماضي ۾ فلسطيني ڪاز لاءِ ويڙهه ڪئي آهي نه هن وقت ان تحريڪ ۾ سندس ڪو ڪردار آهي. خود فلسطيني سندس دعوائن ۽ اعلانن کي غلط ۽ بي بنياد قرار ڏئي رهيا آهن. عالمي جنگ جو ماحول تڏهن ٺهندو آهي. جڏهن سرمائيدار دنيا جي ڪارخانن ۾ تيار ٿيندڙ مال جو وڪرو سست ٿي ويندو آهي. مالي خسارو ۽ معاشي بحران شديد ٿيندو آهي. وڏيڪ منڊيون مارڪيٽ. ڪچو مال. قدرتي وسيلا ۽ سستو پورهيت (Cheap Labor) هٿ ڪرڻ لاءِ سرمائيدار ملڪ مقابلي جي ڊوڙ شروع ڪندا آهن. اهو مقابلو هڪ حد تي اچي ٽڪراءَ جي ڪيفيت اختيار ڪندو آهي ۽ جنگ ڇڙي پوندي آهي پر بي عالمي جنگ کان پوءِ اقوام متحده جي ٺهڻ هڪ کان وڌيڪ ائٽمي طاقتن جي وجود ۾ اچڻ. ائٽمي هٿيارن جي خطرناڪ حد تائين ذخيرن جي هجڻ ۽ ويٽنام جهڙي ڪمزور ملڪ کان آمريڪا کي شڪست ملڻ کان پوءِ سرمائيدار دنيا جنگ طرف محتاط رويو اختيار ڪيو آهي ته جيئن ڪابه اهڙي صورتحال پيدا نه ٿئي جو هي سرمائيدار ملڪ وري پاڻ ۾ ٽڪر جي پون ۽ سڀ ڪجهه برباد ڪري ويهي رهن. ان ڪري هنن ٽرلٽ جي مال ۾ حصا پتيون ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڀائيواري جي ڪوشش ڪئي آهي محڪوم قومن جي آزادي ۽ بينڪي نظام (Colonial System) جي خاتمي کان پوءِ آمريڪا ۽ سرمائيدار دنيا قومن جي ٽرلٽ لاءِ نئون نظام جوڙي ورتو آهي. جيڪو جديد بينڪي نظام (New Colonial System) سڏجي ٿو جنهن ۾ سامراج ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرمائيدار ملڪن جون ڦرجون چڙهائي ۽ ڪاهون ڪري بندوق جي زور تي ملڪن تي قبضا ڪري قومن کي غلام ناهن بنائيندين پر سندن مالياتي سرمايو ملڪن جون حدون اورانگهي ساڳيا مقصد پورا ڪندو آهي، پئسن جي سيڙپ، معدني وسيلن جي ڳولا، فني ماهر موڪلڻ ۽ ڳرن شرطن تي قرض ڏيڻ وسيلي پنتي پيل ملڪن جو معاشي ڏيوالو ڪڍي قرضي بنائي انهن کي ترقي يافته سرمائيدار ملڪن جي رحم ڪرم تي جيئڻ تي مجبور بنايو ويندو آهي ڪانئن حقيقي سياسي خودمختياري کسي ويندي آهي، جنهن سبب ظاهري طور تي جديد بينڪي نظام ۾ جڪڙيل ملڪ آزاد نظر ايندا آهن، سندن پنهنجون حڪومتون، پارليامينٽ، عدليا، فوج ۽ آئين هوندا آهن ۽ اهي سڀ آزاد نظر ايندا آهن، پر عملي طرح اهڙا ملڪ هر سياسي ۽ معاشي طرح پرڏيهي ملڪن ڪان (Dictate) ٿيندا آهن، جنهن سبب اهي ملڪ پنهنجو سياسي اختيار ۽ آزادي وڃائي ويهندا آهن ۽ جديد بينڪي نظام هيٺ غلامي جي نئين شڪل اختيار ڪندا آهن. پاڪستان ان جديد بينڪي نظام جي بهترين شڪل ۽ مثال آهي.

بينڪي توڙي جديد بينڪي نظام خلاف سرمائيدار بلاڪ جي عالمي طاقت ۽ دائره اثر کي ڪمزور بنائڻ ۽ طاقت جو توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ سوويت يونين ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي پرڏيهي پاليسي جو اهم جز ۽ مقصد رهيو آهي، جيڪو سرمائيدار بلاڪ جي مفادن خلاف هيو جنهن ڪري ٻنهي ملڪن انهن جي مهندار سپر پاور س، آمريڪا ۽ سوويت يونين ۾ تضاد ۽ ٽڪراءُ رهڻ فطري ڳالهه آهي، جنهن جو اظهار سرد جنگ ۾ ٿيندو رهيو. آمريڪا ۽ سرمائيدار بلاڪ سوشلزم ۽ سوويت يونين جي وڌندڙ اثرن کي روڪڻ سوشلسٽ بلاڪ ۽ سوويت يونين کي ڪمزور بڻائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ فوجي (جنگي) محاذ کان ويندي پروپيگنڊا جي محاذ تائين مڙني هٿيارن سان سيني ائٽمي هٿيارن جي موجودگي ۾ فوجي طاقت جي توازن لڳ ڀڳ برابر هئڻ ۽ جنگ جي صورت ۾ ڪنهن جي به سوڀاري ٿيڻ بدران سڄي دنيا جي تباهي يقيني هئڻ سبب ٻنهي طاقتن ۾ سڌي جنگ ته ڪانه لڳي، پر پوءِ به آمريڪا

سموري سرمائيداري بلاڪ جي ٽيڪنالاجي پروپيگنبڊا جي جديد ذريعن پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي بي پناهه سگهه سان سوويت يونين کي مات ڏيڻ ۾ ڪامياب رهيو ۽ سوويت يونين پنهنجي داخلي ڪمزورين، فوجي طاقت جي توازن قائم رکڻ لاءِ هٿيارن جي ڊوڙ تي بي پناهه پئسو خرچ ڪرڻ مختلف ملڪن جي انقلابي تحريڪن جي فوجي ۽ مالي مدد ۽ مختلف ملڪن کي سرمائيداري بلاڪ جي اثر کان ٻاهر رکڻ لاءِ انهن جي امداد تي تمام گهڻو پئسو صرف ڪرڻ سبب معاشي دٻاءُ جو بار نه سهي ٽٽي پيو ۽ سوشلسٽ بلاڪ به قائم رهي نه سگهيو ۽ ائين آمريڪا دنيا جي اڪيلي عالمي طاقت (Solo Super Power) تي ايريو آهي، سوويت يونين ۽ سوشلسٽ نظام خلاف ويڙهه دوران آمريڪا سميت سمورين مغربي طاقتن مغرب ۾ جمهوري آزادين ۽ انساني آزادين ۽ فرد جي حقن کي هٿيار بنايو ۽ فلاحي رياستن ناهڻ جي رٿابندي ڪئي، جنهن سبب انهن سرمائيدار ملڪن ۾ عوام کي وڏيڪ جمهوري آزاديون ۽ انساني حق ڏنا پر ٻئي طرف سوشلسٽ ڪئمپ خلاف ڪافر ۽ بي دين هجڻ جي پروپيگينڊا ڪنديون رهيون، سوويت يونين جي افغانستان ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ افغانستان جي سڄي ويڙهه کي ايمان ۽ ڪفر جي جنگ قرار ڏنو عيسائيت ۽ اسلام کي خدائي دين ۽ ڪميونسٽن کي بي دين سڏي ان جنگ کي مذهبي رنگ ڏئي مذهبي انتها پسند قوتن/ بنياد پرست قوتن جي کلئي عام فوجي (سکيا کان وٺندي جديد هٿيار ڏيڻ تائين) امداد ڪئي وئي، ڇو ته پاڪستان واحد اهڙو ملڪ آهي، جيڪو هندستان جي پيٽ مان مذهب جي بنياد تي تازو ڄاول هو جنهن کي سرمائيدار دنيا سندن مفادن جي پورائي لاءِ استعمال ڪيو ۽ پاڪستان خوشي سان سوشلسٽ بلاڪ خلاف فرنٽ اسٽيٽ طور پنهنجو ڪردار قبول ڪيو ڇو ته هن گهڻ قومي ملڪن پاڪستان جي رياستي اختيارن ۽ ادارن تي قابض پنجاب کي پنهنجي پر ماري مفادن جو پورائو ان ۾ نظر آيو پاڪستان جي حڪمران پنجابي اسٽيبلشميٽ قومن جي وجود، حقن ۽ تاريخي وطن کان انڪار، مظلوم قومن بنگالي، سنڌي بلوچ پختون ۽ سرائيڪي جي استحصال ۽ وسيلن تي والار لاءِ مذهب کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مسلسل هٿيار طور استعمال ڪيو ۽ ملڪ کي سيڪيولر ۽ جمهوري بنيادن تي هلائڻ بدران ان کي تنگ نظر، مذهبي رياست بڻائڻ پنهنجي استعماري مفادن ۾ سمجهيو ملڪ جي اهڙي جوڙ جڪ ۽ آمريڪا لاءِ سوشلزم خلاف مضبوط هٿيار اهوئي سبب آهي تہ هي ملڪ سدائين مارشل لائن ۽ فوجي آمريتن جي حوالي رهيو آهي، پر اڄ ان 54 سالن کان هلندڙ غلط پاليسي جو (Back Fire) ٿيو آهي، پاڪستان ۾ بنياد پرستي، مذهبي جنونيت، فرقيواريت قتل غارتگري، مقدس عبادتگاهن، مسجدن، امام بارگاهن ۽ گرجائن ۾ بم ڌماڪا، مذهب ۽ جهاد جي نالي ۾ هٿيارن جو کلئي عام استعمال دهشتگردي لاءِ مدرسن جو استعمال ڪرڻ هيروئن ۽ هٿيارن، عدم تحفظ ۽ خوف هن ملڪ جي پاڙن کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي، حڪمرانن طرفان سياست ۾ مذهب جي لاڳيتي استعمال مظلوم قومن جي قومپرست قوتن ۽ قومي تحريڪن کي ٽوڙڻ لاءِ مذهبي جماعتن ۽ بنياد پرستن (Fundamelists) تي رياستي سرپرستي ڪرڻ ۽ فرقيواريت (Sectarianisms) کي هٿي ڏيڻ جو منطقي نتيجو آهي، جن قوتن کي جهاد جي نالي ۾ افغانستان ڪشمير، بوسنيا، چيچنيا ۾ تيار ڪري موڪليو ويندو رهيو آهي ۽ جن کي ٽئنڪن تي چاڙهي افغانستان تي مسلط ڪيو ويو اڄ انهن ئي جنوني قوتن طرفان آمريڪا خلاف ڪفر ۽ خود پاڪستان جي حڪمرانن خلاف ڪفر جو ساٿ ڏيڻ جون فتوائون جاري ڪري جهاد جا اعلان ٿي رهيا آهن. هي اهي ئي قوتون آهن. جيڪي آمريڪي ڊالر تي ڪالهہ تائين پلبيون رهيون اهي بنياد پرست ڌريون پاڪستاني حڪمرانن جي مڪمل آشيرواد سان منظم ۽ سگهاريون ٿينديون رهيون، بينظير ڀٽو کان نصيرالله بابر تائين اڄ اهو اعتراف ڪري رهيا آهن تہ افغانستان تي طالبان حڪومت مسلط ڪرڻ سندن ئي ڪارنامو آهي.

11 سيپٽمبر 2001ع تي آمريڪا تي ٿيل آپگهاتي حملن آمريڪي دفاعي هيڊ ڪوارٽر پينٽاگون جي هڪ حصي جي تباهي، نيويارڪ ۾ قائم عالمي تجارتي مرڪز (World Trade Center) جي مڪمل تباهي ۽ 4 هزار بيگناهہ انسانن جي قتل آمريڪا سميت سمورن مغربي ملڪن کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇرڪائي وڌو آهي، ان خوفناڪ جنوني دهشتگردي ۽ جنوني قوتن (Fanatic Foresee) طرفان جهاد جي اعلانن سبب نہ صرف انهن ملڪن جا شهري توڙي حڪومتون نفسياتي ۽ ذهني دٻاءَ هيٺ آهن، پر سڄي دنيا ۾ عدم سلامتي ۽ خوف جي لهر ڊوڙيل آهي. هن بنياد پرست دهشتگردي آمريڪا کي هڪ نئين ڏبڻ ۾ ڦاسائي وڌو آهي، اولهہ جا سمورا ملڪ بدترين معاشي بحران کي منهن ڏئي رهيا آهن، جنهن جا اثر سڄي دنيا تي پئجي رهيا آهن، اهڙن بحرانن سبب عالمي جنگيون لڳنديون آهن، پر دنيا جي ائٽمي هٿيارن جي ڍير تي ويٺل هئڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي ڪري دهشتگردن جي آسان عالمي رسائي سبب صورتحال انتهائي حساس ۽ نازڪ آهي، فوري رد عمل ۾ اچي آمريڪا ڪا بہ اپهرائي ڪري ها تہ هر طرف باهيون ۽ بربادين ڦهلائيندڙ عالمي جنگ ڇڙي پوي ها ۽ اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هن وقت عالمي جنگ لڳي تہ هڪ يا بہ ڪروڙ انسانن جي مرڻ جو خدشو ناهي پر 6 ارب انسانن، وڻن، جيتن جانورن بلڪ سڄي حياتي جي خاتمي جا امڪان آهن، ان ڪري 11 سيپٽمبر جي دهشتگرد حملن کان پوءِ آمريڪا اڪيلي سر فوري انتقامي رد عمل ڪرڻ بدران صورتحال جو سنجيدگي سان جائزو وٺندي صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي بنياد پرستي ۽ دهشتگردي جي دنيا کي ان نئين خطري خلاف مڙني ملڪن کي گڏ ڪرڻ لاءِ سفارتي ويڙهہ تي سڀ کان پهريان ۽ وڌيڪ ڌيان ڏنو ۽ ان لاءِ پنهنجون سڀ توانائيون صرف ڪيون ڇو تہ دهشتگردي ۽ بنياد پرستي جي هي لهر نہ ايتري سادي ۽ معمولي آهي نہ ئي ڪا ايڏي ڪمزور جنهن کي هضم ڪرڻ ايڏو آسان سمجهيو وڃي، آمريڪي ۽ برطانوي سفارتي ڪوششن جي نتيجي ۾ چين، روس، ڪيوبا ۽ ايران جهڙن حريف ملڪن سميت سڄي دنيا ان دهشتگردي جي مذمت ڪندي ان خلاف ڪارروائي جي حمايت ڪري ڇڏي آهي، سنڌ ترقي پسند پارٽي 11 سيپٽمبر تي آمريڪا تي ٿيل آپگهاتي حملن کي خالص دهشتگردي سمجهندي ان جي سختي سان مذمت ڪري ٿي ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي تباهي ۽ 6 هزار بيگناهہ انسانن جي قتل تي متاثر خاندانن آمريڪي عوام ۽ حڪومت سان سنڌ، سنڌي قوم ۽ پارٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاران گهري ڏک ۽ صدمي جو اظهار ڪري ٿي، پارٽي ان بنياد پرست دهشتگردي کي جنوني قوتن جي انسانيت خلاف مجرماني حرڪت سمجهي ٿي ۽ ان راءِ جي آهي تہ مذهبي بنياد پرستي، دهشتگردي ۽ جنونيت انساني آزادين، وقار جمهوري قدرن قوم جي وجود ۽ آزادي، ماڻهپي، عالمي امن ۽ هيل تائين حاصل ڪيل تهذيبي ترقي لاءِ سنگين خطرو ۽ انهن تي حملو آهي، جنهن خلاف سڄي دنيا جي جمهوريت پسند، انسانيت پسند، قومپرست، اعليٰ انساني قدرن ۽ انسانيت لاءِ خطرو سمجهندي ان جي مخالف آهي، پوءِ اها اسلام جي نالي ۾ افغانستان، پاڪستان، مصر، الجزائر ۽ سوڊان سميت ڪهڙي بہ ملڪ ۽ خطي ۾ هجي، يهودي بنياد پرستي هجي يا هندو بنياد پرستي، بنياد پرست دهشتگردي خلاف هلندڙ ويڙهہ ۾ جيڪڏهن افغانستان ۾ بنياد پرستي مظلوميت جو ويس پائي، ميڊيا جي پنهنجي حق ۾ ڀرپور استعمال ۽ پئسي توڙي سڄي عالم انسان مهذب دنيا ۽ ترقي پسند سوچ لاءِ زهر قاتل ثابت ٿيندي مذهبي جنونيت ۽ انتها پسندي کي نئين طاقت سان اڀاري هر هنڌ مذهبي جنگيون ڪرڙيون ڪري سڄي دنيا کي تباهہ ڪندڙ نئين عالمي جنگ ڏانهن ڌڪڻ کان نہ مڙندي، جيئن اڄ بہ اسامہ بن لادن ۽ سندس ساٿاري موجود افغانستان جي جنگ کي ڪفر ۽ اسلام عيسائيت ۽ اسلام جي جنگ سڏي سڄي دنيا جي مسلمانن کي هٿيار کڻڻ ۽ جهاد جا سڏ ڏئي رهيا آهن. ان ڪري ضروري آهي تہ افغان عوام خود هن جنونيت ۽ دهشتگردي خلاف اٿي پئي ۽ پنهنجي ملڪ کي دائمي امن ۽ آشتي جو مرڪز بڻائي ترقي جي نون رستن ڏانهن وٺي وڃي ۽ ساڳئي وقت عالم انسانيت کي بربادي کان بچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري

ايس ٽي پي اسامہ بن لادن کي نہ افغانستان جو شهري سمجهي ٿي نہ مسلم عوام يا عالم اسلام جو نمائندو ۽ نہ ئي وري سندس دهشتگردي کي اسلام جي جنگ يا جهاد سمجهي ٿي هو اڄ جن قوتن خلاف ڪفر جون فتوائون جاري ڪري جهاد جا اعلان ڪري رهيو آهي، ڪالهہ تائين انهن ئي قوتن کان تربيت وٺندو انهن جي پئسي ۽ هٿيار وسيلي ۽ انهن سان گڏجي سوويت يونين خلاف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڙهندو رهيو آهي. اڄ هو آمريڪا ۽ اسرائيل کي اسلام جو پهريون نمبر دشمن سڏي رهيو آهي، پر القاعده تنظيم جي بنياد کان وٺي 11 سيپٽمبر جي واقعي تائين هن ڪڏهن به نه اسرائيلي جارحيت جي مذمت ڪئي ۽ نه فلسطين جي آزادي جي جدوجهد ۾ ڪو ڪردار ادا ڪيو ڪالهه تائين جڏهن ڪيس آمريڪا طرفان ڊالر ملي رهيا هئا ته آمريڪا اسلام جو دشمن نظر نه پئي آيو تنهن ڪري نه سندس فتوائن ۾ عقلي سگهه آهي ۽ نه سندس ويڙهه خالص اسلامي ۽ قرآني هدايتن موجب آهي، سندس جنگ مخصوص گروهي مفادن جي جنگن ۽ جنونيت جو منطقي اظهار آهي، ان جو هر شعور رکندڙ مسلمان پڇڻ گهري ٿو ته هي ڪهڙو اسلام آهي، جيڪو فرقيواريت ۽ جنونيت کي وڌائي هڪ ٻئي جي مقدس مذهبي عبادتگاهن تي حملا ڪرڻ ۽ اتي عبادت ڪندڙ بي گناهه انسانن کي قتل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو؟ اسلام ته مسجد ۾ هر پناهه وٺندڙ کي معاف ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿو ۽ هر عبادتگاهه جي احترام جو سبق ڏئي ٿو اهو ڪهڙو اسلام آهي، جيڪو عورت کي غلام بڻائڻ ۽ انسان کان سندس آزاديون کسي پابند بنائڻ جي تربيت ڏئي ٿو جڏهن ته اصل اسلام غلام ۽ آقا جي رشتي کي ختم ڪرڻ ۽ آزاد انسانن جي برابري وارو معاشرو قائم ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. هي ڪهڙو اسلام آهي جيڪو ٽي وي ۽ انٽرنيٽ کان ماڻهن کي روڪي ڪين جهالت ۽ اونداهي ۾ رکڻ جي اجازت ڏئي ٿو جڏهن ته حقيقي اسلامي تعليم وڌ ۾ وڌ علم پرائڻ، ڪائنات جي اسرارن کي سمجهڻ لاءِ تحقيق ۽ کوجنا ڪرڻ جو درس ڏئي ٿي، اسلام ٻنهي معيارن جي خلاف آهي، پر طالبان جي اڳواڻن کان ويندي القاعده تنظيم جي سربراهه اسامه بن لادن تائين سڀ پاڻ ٽي وي ڏسن ٿا، انٽرنيٽ استعمال ڪن ٿا پر باقي ماڻهن لاءِ ان تي بندش آهي ته اهو غير شرعي آهي، اسان پڇڻ چاهيون ٿا ته جنگ جي ميدان ۾ بمن ۽ بارود هيٺان لڪين بي گناهه انسانن کي ڇڏي پنهنجي حياتي بچائڻ لاءِ ڪنهن غار ۾ لڪي ويهي رهڻ ڇا اسلامي آهي؟ لڪين ماڻهن کي بک، بدحالي ۽ موت جي راڪاس کان گهر ڇڏڻ تي مجبور ڪرڻ ڇا اسلامي آهي؟ اهڙي نازڪ دور ۾ جڏهن سڄي دنيا بارود جي ڍير تي ويٺل آهي، اسلام جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقدس نالي جي آڙ ۾ 5. 10 هزار ماڻهن جو برين واش ڪري انهن ۾ جنونيت پري کين آپگهاتي حملن لاءِ تيار ڪري 6 هزار بيگناهہ انسانن کي بي رحمي سان قتل ڪرڻ. سڄي دنيا کي تباهين ۽ بربادين جي منهن ۾ ڌڪڻ ۽ سموري انسانذات جي حياتي سان کيڏڻ ڇا اسلام جي عين روح مطابق آهي؟ يقينن نہ اهو سڀ اسلام جي امن ۽ سلامتي واري پيغام جي خلاف آهي، تنهن ڪري ان جنونيت کي ڪنهن بہ نالي ۾ قبول نہ تو ڪري سگهجي ۽ نہ ڪنهن خود پرست ماڻهن کي پنهنجي جنوني ذهنيت جي تسڪين ۽ ذاتي شهرت لاءِ اها اجازت ڏئي ٿي سگهجي تہ هو سڄي عالم انسان جو سڪون تباهہ ڪري دنيا کي عالمي جنگ ۽ نيٺ بربادي ڏانهن ڌڪي ڇڏي ۽ 6 ارب انسانن جي موت جو سبب بڻجي.

ان نازڪ صورتحال ۾ سڄي عالمي برادري جو فرض بڻجي ٿو تہ :

1. ڪجهہ جنوني قوتن طرفان سڄي انسان ذات ۽ دنيا جي بربادي جي جيڪا جنوني جنگ افغانستان کان شروع ڪئي وئي آهي ان کي روڪيو وڃي.
2. افغان عوام سميت سموري انسان ذات کي امن جي يقين دهاني ڪرائي وڃي.
3. دهشتگردي خلاف شروع ڪيل جنگ ۾ عام بيگناهہ شهرين.جي موت تي ڏک جو اظهار ڪندي ايس ٽي پي ان راءِ جي آهي تہ عام افغان شهرين جي موت ۽ مصيبتن ۾ اضافي کي روڪڻ لاءِ شهري آبادين تي بمباري روڪي وڃي.
4. آمريڪا ۽ برطانيا بمقابلا اسلام يا عيسائيت بمقابلا اسلام واري پروپئگينڊا کان بچڻ لاءِ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ شروع ڪيل جنگ اقوام متحده جي جهنڊي هيٺ وڙهي وڃي.
5. افغانستان تي ٻاهرين قوتن جي مدد سان مڙهيل تنگ نظر ۽ دهشتگردي جي پالنا ڪندڙ حڪومت جي خاتمي بعد افغانستان ۾ وڌيڪ رتوڇاڻ کي روڪڻ لاءِ فوري طور اقوام متحده جي امن فوج افغانستان موڪلي وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6. افغانستان ۾ پائيدار امن لاءِ ٻاهرين مداخلت جي خاتمي ڪي يقيني بڻايو وڃي ۽ افغان لويا جرڳي (Afghan Grand Assembly) وسيلي وسيع بنياد حڪومت (.Broad Based Govt) قائم ڪئي وڃي جنهن ۾ افغانستان جي مڙني قومن قوميتن لساني ۽ ثقافتي گروهن کي شريڪ ڪيو وڃي ۽ لويا جرڳي جي فيصلن کي اقوام متحده تسليم ڪري.

7. ان وچ ۾ 22 سالن جي جنگ ۽ تباهين سبب پنهنجو ملڪ ڇڏي ٻين ملڪن ۾ آباد ٿيل افغان پناهگيرن جي سندن ملڪ ۾ آبادڪاري يقيني بڻائي وڃي.

8. عالمي برادري، دهشتگردي ۽ بنياد پرستي کي هٿي ڏيندڙ ۽ پاليندڙ حالتن جي خاتمي کي يقيني بنائي، مختلف خطن ۾ ڏگهي عرصي کان جنگ ۽ دهشتگردي جو سبب بڻيل تڪرارن کي حل ڪرڻ لاءِ فوري ڌيان ڏئي، خاص طرح وچ اوڀر ۾ پائيدار امن ۽ عرب اسرائيل تڪرار جي پائيدار نبيري لاءِ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جي قيام کي يقيني بنائي ۽ ڪشمير مسئلي کي ڪشميري عوام جي خواهش پٽاندڙ حل ڪري.

9. آمريڪا ۽ ٻيون عالمي قوتون پنهنجي پاليسين ۾ گهربل تبديليون آڻي فوجي آمريتن جي ڪنهن به بهاني سان ڪتي به حمايت نه ڪئي وڃي ۽ سنڌ سميت دنيا جي اجا به محڪوم بڻيل قومن جي قومي تحريڪن ڏانهن درست پاليسي اختيار ڪئي وڃي.

10. دنيا کي ڪنهن به نئين عالمي جنگ جي ڀيانڪ تباهين کان بچائڻ ۽ عالمي امن کي يقيني بنائڻ لاءِ ائٽمي هٿيارن جي ڊوڙ ۽ وڌيڪ تياري تي مڪمل پابندي لاڳو ڪئي وڃي، ائٽمي ۽ ڪيميائي هٿيارن جا ذخيرا زيان ڪيا وڃن، اهڙو ناهه مڙني ائٽمي طاقت رکندڙ ملڪن وچ ۾ ڪيو وڃي ۽ اقوام متحده کي ان عمل جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نگراني ڏني وڃي. گڏيل قومن جي تنظيم (يو اين او) جو رول وڌايو وڃي.

11. دنيا کي انصاف ۽ برابري جي اصولن تي ٻڌل نئون عالمي نظام ڏنو وڃي. ان طريقي سان 11 سيپٽمبر جهڙن المناڪ واقعن جي ورجاءَ کي روڪي سگهجي ٿو. افغانستان ۾ پائيدار امن قائم ڪري سگهجي ٿو دهشتگردي ۽ بنياد پرستي جي پاڙ پٽي سگهجي ٿي ۽ عالمي امن ۽ انسانيت جي بقا کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

11 سيپٽمبر جي واقعن سڄي عالمي وايو منڊل کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي، عالمي سياست جا رخ ۽ ترجيحون تبديل ٿي ويون آهن. اڄ دهشتگردي (جيڪا جديد ٽيڪنالاجي سبب عالمي بڻجي پئي آهي) جو خاتمو ۽ بنياد پرست جنونيت جي روڪ، اولين ترجيحون بڻجي چڪيون آهن. عالمي امن انساني آزادين، اعليٰ انساني قدرن ماڻهپي ۽ مهذب پڻي جو بچاءُ اڳ کان وڌيڪ عالمگير اهميت اختيار ڪري عالمي گهرج بڻجي چڪو آهي. اڄ دنيا جا دانشور، مفڪر، ڏاها، تاريخ ۽ عمرانيات جا ماهر دهشتگردي ۽ بنياد پرست جنونيت جي اصلي سببن (Roll Causes) تي بحث ڪري رهيا آهن. انهن جي سدباب لاءِ حل تجويز ۽ تلاش ڪرڻ ۾ مصروف آهن ۽ گهڻين تهذيبن جي گڏجي ميٺ محبت سان رهڻ جا رستا جانچي رهيا آهن. ان صورتحال جا دنيا تي ڏاڍا گهرا اثر (ڪجهه فوري ۽ ڪجهه دير بعد) پوندا، جنهن کان ڪو به خطو ۽ ملڪ بچي نہ سگهندو. عالمي سطح تي هڪ نئون ماحول جڙندو ۽ عالمي برادري جو تصور مضبوط ٿيندو ان جو فوري اظهار دهشتگردي خلاف جنگ تي هڪ ٻئي حريف عالمي طاقتن ۽ ملڪن اتفاق گڏجي ويهڻ مان ڏسي سگهي ٿو. موجوده افغان جنگ جي نتيجي ۾ افغانستان ۾ طالبان حڪومت جو خاتمو اٽل آهي ۽ اتي وسيع بنياد حڪومت وجود ۾ ايندي القاعده تنظيم ۽ ان جو اڳواڻ اسامه بن لادن جو انجام تي پڄڻ يقيني بڻجي ويو آهي، جنگ جي خاتمي بعد انصاف تي ٻڌل نئين عالمي نظام جو مطالبو مضبوط ٿيندو ۽ عالمي نظام ۾ هڪ توازن پيدا ٿيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آمريڪا اڪيلي سرهاڻ شايد سڄي دنيا جي نئين عالمي نظام جو مهندار نہ رهي ان ڪي دنيا جي ٻين عالمي طاقن سان پنهنجا تعلقات هاڻي نئين سر جوڙڻا پوندا. خاص طور تي روس جيڪو ائٽمي طاقت تہ اڳ ئي آهي سپر پاور پڻ رهيو آهي، پر سوويت يونين جي ٽٽڻ بعد زوال ۽ معاشي ڊيوالپڻي جي ور چڙهي ويو هو، پنهنجي معاشي ۽ سياسي بحران تي تيزي سان ضابطو آڻي بيهر عالمي قوت طور اڀري رهيو آهي. دهشتگردي خلاف هلندڙ جنگ ۾ سندس ڪردار ڪيس آمريڪا ۽ يورپ جي وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏيو آهي.

2. چين جيڪو ائٽمي طاقت هئڻ سان گڏ دنيا جو وڏي ۾ وڏو آبادي رکندڙ ملڪ آهي، جنهن ڪري وٽس وسيع ڪاپي جي منڊي (Consumer Market) سستي ۽ بي پناهہ افرادي طاقت (Main Power) موجود آهي، اهي عنصر ۽ جديد سرمائيڪاري رکندڙ هانگ ڪانگ جي واپسي چين کي نئين عالمي معاشي طاقت بنائي رهيا آهن. چين عالمي سياست ۾ پنهنجي لاءِ جڳهہ ناهڻ ۽ ايشيا ۾ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تائيوان تنازئو ۽ هندستان سان سرحدي تڪرار نبيرڻ لاءِ ڪوشش ۾ آهي، جنهن ۾ پيش رفت تي رهي آهي، جنهن ڪري اندازو آهي تہ چين ايندڙ 25 سالن ۾ دنيا جي هڪ تمام وڏي طاقت تي اڀري.

3 (يورپ) جيڪو يورپي يونين جي ڪامياب تجربي ۽ گڏيل سڪي يورو ڪرنسي متعارف ڪرائڻ بعد تيزي سان سرحدي حدون (يورپي ملڪن جون) ٽوڙي مجموعي طور هڪ ئي طاقت جي شڪل ۾ مضبوطي سان اڀري رهيو آهي ۽ جنهن وٽ بي پناهہ سرمائي جي سگهہ جديد صنعت ۽ ٽيڪنالاجي آهي، امڪان آهي تہ يورپ ايندڙ وقت ۾ عالمي سياست جو اهم ترين مرڪز بڻجي.

چين هندستان ٽڪراءُ هندستان پاڪستان ٽڪراءُ ۽ وچ اوڀر ۾ عرب اسرائيل ٽڪراءُ جي خاتمي جي نتيجي ۾ ايشيائي ملڪن ۾ وڌيڪ ويجهڙائي پئدا ٿيندي ترقي جي راهہ ۾ تيز وکون کڻندا ۽ ايشيا بحيثيت هڪ کنڊ جي طاقت جو نئون مرڪز بڻجي اڀري سگهي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

11 سيپٽمبر جي پس منظر ۾ يورپ، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جا مفڪر، دانشور، حڪمت عملي جا ماهر، تجزئي نگار انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙ ۽ عالمي راءِ عائم ٺاهيندڙ (World Opinion) آمريڪا ۽ يورپي ملڪن تي مسلسل دٻاءُ وجهي رهيا آهن تہ آمريڪا ۽ يورپي ملڪ پڻ پنهنجي پاليسين ۽ عالمي سياست ۾ ٻٽا معيار ختم ڪن پنهنجي عوام جي انساني آزادين ۽ جمهوري حقن جي حفاظت سان گڏ اسرندڙ يا غريب ملڪن جي عوام جي انساني آزاديون وقار ۽ جمهوري حقن کي يقيني بنائڻ لاءِ قومي مفادن جا بهانا بڻائي فوجي آمريتن جي حمايت ترڪ ڪن، طاقت جي زور ۽ نسلي برتري جي بنياد تي مختلف خطن ۽ ملڪن ۾ مظلوم قومن تي ٿيندڙ ظلم خلاف محڪوم قومن جي تحريڪن جي مدد ڪن ۽ وچ اوڀر ۾ امن جي راهہ ۾ رياستي جبر رڪاوٽ بڻيل اسرائيل جي رياستي دهشتگردي جارحيت ۽ توسيع پسندي کي ٻنجو ڏئي آزاد ۽ خودمختيار، فلسطيني رياست جي قيام کي يقيني بڻايو وڃي تہ جيئن خطي ۾ پائيدار امن قائم ٿي سگهي. آمريڪا جو هن جنگ ۾ وڏو اتحادي برطانيا پڻ موجوده فلسطيني رياست جي قيام جي نہ صرف حمايت ڪري رهيو آهي، پر آمريڪا تي ان سلسلي ۾ دٻاءُ پڻ وجهي رهيو آهي، ان وڌندڙ عالمي دٻاءُ عالمي دهشتگردي ۽ بنياد پرست جنونيت جي خطرن کي دور ڪرڻ وارين گهرجن سبب آمريڪا ۽ يورپ کي وچ اوڀر ۾ پنهنجي پاليسي تبديل ڪرڻي پوندي ۽ فلسطين آزاد ۽ خودمختيار رياست طور عالمي نقشي تي ابرندو فوجي آمريتن جي گنجائش نہ رهندي اُهي ختم ٿينديون ۽ پنهنجي پيل ملڪن (جتي فوجي آمريتون مڙهيل رهيون آهن ۽ بادشاهتون قائم آهن) جو عوام آزاد جمهوري فضا ۾ ساهہ کڻندو ڪشمير سميت ٻين مظلوم قومن جا معاملا حل طرف ويندا، دنيا ۾ خاص طور ڏکڻ ايشيا ۾ جاگرافيائي تبديليون ايندڙ جنهن ۾ 10 کان 15 سال لڳي سگهن ٿا، وچ اوڀر ۾ فلسطيني مسئلي حل ٿيڻ بعد امڪان آهي تہ شام لبيا، ايران ۽ عراق اولهہ جي ملڪن لاءِ نرم رويو اختيار ڪن ۽ سندن وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ ختم ٿئي ۽ وچ اوڀر ۾ جٽادار امن قائم ٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڄي دنيا جون طاقتون ۽ باشعور ماڻهو ڄاڻن ٿا تہ پاڪستان اسلامي بنياد پرستي جي نرسري رهيو آهي ۽ گذريل 22 سالن کان بنياد پرست دهشتگردن جي تربيت ۽ پالنا جو اهم مرڪز رهيو آهي. افغانستان تي طالبان حڪومت مسلط ڪرڻ هن ملڪ جي حاڪمن جو ڪارنامو رهيو آهي، ڪشمير، چيچنيا ۽ بوسنيا سميت مختلف سرزمين استعمال ٿيندي رهي آهي، آمريڪا ۾ 11 سيپٽمبر جي دهشتگردي تائين پاڪستان جا طالبان حڪومت ۾ اتي موجود غير ملڪي دهشتگردن سان ويجها لاڳاپا رهيا آهن. اهوئي سبب آهي تہ 11 سيپٽمبر جي واقعن بعد آمريڪا پاڪستان جي حڪمرانن کان سوال ڪيو تہ دوست آهيو يا دشمن (Either Friend or Foe) جيڪڏهن دشمن آهيو تہ سامهون ٿي بيهو پاڪستان جي حڪمرانن وٽ پنهنجي داخلي ڪمزورين، معاشي ڏيوالپڻي سياسي بحرانن ۽ آمريڪا طرفان دهشتگردين خلاف جنگ جي اٽل ارادن ۽ اعلانن سبب سواءِ آمريڪا ۽ عالمي برادري جي ساٿ ڏيڻ جي ٻيو ڪو بہ رستو بچيل نہ هو. جنهن ڪري انهن آمريڪا جي ساٿ ڏيڻ جو فيصلو ڪري پاڻ کي وڏي تباهي کان بچائي ورتو. پاڪستان جي هن علائقي ۾ جاگرافيائي اهميت ائٽمي طاقت ۽ اسلامي ملڪ هئڻ ۽ جنگ ۾ ساٿ ڏيڻ واري فيصلي سبب سندس دهشتگردي خلاف هلندڙ جنگ ۾ اهم جاءِ جڙي آهي، جنهن ڪري اولهہ ملڪن، قرض ڏيندڙ ادارن کان ويندي جاپان تائين قرض جي واپسي ۾ سهولتون ڏيڻ ڪجهہ قرض معاف ڪرڻ ڪروڙين ڊالرن جون امدادون ڏيڻ ۽ بنا وياج نوان قرض ڏيڻ جي اعلانن جو سلسلو جاري آهي پر اهو سڀ ڪجهہ تيستائين آهي، جيستائين بنياد پرست دهشتگردي خلاف جنگ آهي، جيئن ئي موجوده جنگ ۾ آمريڪا کي ڀرپور نتيجا مليا حالتون ڦيرو کائينديون.

آمريڪا ۽ مغربي طاقتون پاڪستان جي حڪمرانن تي دٻاءُ وڌائينديون تہ رياست جو قبلو درست ڪريو پاڪستان جي مذهبي رياست (Theoeratic State) واري حيثيت تبديل ڪيو بنياد پرستي جي سرپرستي بند ڪريو داخلي پاليسين ۾ بنيادي تبديلي آڻيندي ملڪ جي نون بنيادن تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تشڪيل ڪيو ۽ ان کي جمهوري ۽ سيڪيولر بنايو هندستان سان دشمني ۽ ٽڪراءُ واري روش ترڪ ڪري دوستاڻا لاڳاپا پيدا ڪريو فوج جو تعداد گھٽايو سي ٽي پي بي ٽي صحيحون ڪريو جيڪڏهن پنجابي اسٽيبلشمينٽ پنجاب جي استعماري مفادن سبب موجوده پاليسين تي هوڏ ٻڌي بيٺي ته اهو فارمولا حرڪت ۾ ايندو جيڪو آمريڪي ٿنڪ ٽئنڪس پنهنجي (Doctrine) (ذڪر ايشيا متعلق) ۾ پيش ڪري چڪا آهن. ٻنهي مان صورتحال جيڪا ٻه ٽئي هتان جي مظلوم قوم جي قومپرستن جي آواز کي اهميت ملندي ۽ مظلوم قومن جي تحريڪن کي سگهه ملندي ۽ نيون سوڀون حاصل ٿينديون. تنهن ڪري موجوده عالمي صورتحال ۽ ان جي سنڌ تي پوندڙ اثر اثرن جو سنڌ جي قومپرستن کي گهري ويچار ۽ تدبر سان جائزو وٺڻو پوندو پنهنجي سياست جي طريقن ۽ ڍنگ کي نين حالتن سان هم آهنگ ڪري تحريڪ کي سگهارو بنائي نئين حوصلي ۽ اتساهه سان سوين طرف پيش قدميون ڪرڻيون پونديون. فوري طور تي موجوده جنگ جا سنڌ تي ٻه منفي اثر پئجي رهيا آهن. هڪ هي ته بنياد پرستن پنهنجي احتجاج جو مرڪز ڇاٽي واٽي سنڌ کي بڻايو آهي ته جيئن عالمي سطح تي سنڌ جو تعارف بگاڙي ان کي مذهبي انتها پسند ڪري پيش ڪن. جڏهن ته بنياد پرستي ۽ سنڌ جي صوفي مزاج ۽ رواداري واري ڪلچر جو پاڻ ۾ ڪو به ميل ناهي ٻيو هي ته افغانن جون نيون لوڏون سنڌ ۾ ڪاهينديون اچن. جتي اڳ ئي 8 لک کان ٻه مٿي افغان پناهگير آباد آهن. جن سنڌ کي گهڻ طرفو نقصان پهچايو آهي. مثال طور هٿيارن جو غير قانوني واپار. ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن کي خطرناڪ هٿيار مهيا ڪرڻ جنهن سبب هتي بدامني فرقيوارانه قتل غارت گيري ۽ دهشتگردي وڌي آهي. جن وري سنڌ جي معاشي سماجي ترقي تي منفي اثر وڌا آهن. هيروئن ۽ ٻي منشيات جا اڏا هر شهر ۾ قائم ڪري نوجوان نسل کي تباهه ڪرڻ. وياج تي قرض جي لعنت کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ جنهن ڪري سنڌ جا ماڻهو وڏيڪ معاشي ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي رهيا آهن. سنڌ تي آبادي جي دٻاءُ جو وڌڻ سنڌ جا ٻيلا وڍي سڄو ڪاٺ وڪڻي ڇڏڻ. جنهن سبب ماحوليات ۽ موسمن تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منفي اثر پئجي رهيا آهن. ٻئي نمبر ڪاروبار مان حاصل ٿيندڙ ناڻي وسيلي سنڌ جي وسيلن ۽ ڪاروبار تي والار ڪرڻ، سڀ ڪان ڏڪوئيندڙ پاسو آهي ته سنڌ جي سيڪيولر ۽ صوفياڻي مزاج کي مذهبي جنونيت ۽ فرقيوارانڻي خونريزين کي هٿي ڏئي نقصان پهچائڻ. ان صورتحال ۾ جڪيڏهن افغان پناهگيرن جا نوان ڪٽڪ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا ته نه صرف سنڌ کي نين سياسي سماجي ۽ معاشي تباهين کي منهن ڏيڻو پوندو انارڪي ۽ دهشتگردي وڌندي پر سنڌ ۾ ڌارين جي مسلسل آبادڪاري سبب آبادي جي توازن ۾ پئدا ٿيل بگاڙ (Demographic Disbelieve) اجا خراب شڪل اختيار ڪندو. ممڪن آهي ته عالمي برادري ۽ اقوام متحده لاءِ هي مسئلو صرف انساني هجي پر اسان سنڌين لاءِ پناهگيرن جو معاملو گهڻو مختلف ۽ تباهيون ڪٺي ايندڙ آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ سنڌ جي ماضي ۽ حال تي نظر وجهڻي پوندي، سنڌ پرامن سرسبز ۽ خوشحال هئڻ سبب ڌارين ماڻهن لاءِ موهيندڙ وطن رهيو آهي، جنهن ڪري ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو واپار ڪاروبار ۽ روزگار سبب سنڌ ۾ ايندا ۽ پوءِ هتي آباد ٿيندا رهيا آهن. پاڪستان کان اڳ جيڪي به ڌاريا (پناهگير) سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن اهي تقريبن سنڌ جي قومي ڌارا ۾ ضم ٿي سنڌي قوم جو حصو بڻجي ويا آهن. جيئن گجرات، ڪاٺياواڙ مارواڙ سينٽرل ايشيا، پنجاب، افغانستان بلوچستان کان آيل ماڻهو سنڌي ڪلچر ۽ زبان اختيار ڪري ذهني ۽ روحاني طور سنڌ جي وجود جو حصو ٿي ويا آهن ۽ اڄ اهي سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ اسان سان گڏ آهن. ٻي منظم ۽ وڏي پناهگير کيپ هندستان جي ورهاڱي وقت پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ آئي آهي، جنهن ۾ سڀ کان وڏو حصو هندستان کان منظم شڪل ۾ ايندڙ هندستاني مهاجرن جو هو. جيڪو اڳ 1950ع تائين 16 لک هو پر اڄ اهو تعداد 75 کان 80 لک بڻجي چڪو آهي جو ته هندستان کان ايندڙ پناهگيرن جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي، اهي پناهگير ثقافتي برتري واري ذهنيت، حاڪماڻي سوچ ۽ سياسي مقصد ساڻ کڻي آيا ۽ رياستي سرپرستي هيٺ منظم شڪل ۾ سنڌ جي واپار صنعت ۽ روزگار جي شهري مرڪزن تي منظم صورت ۾ اچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آباد ٿيا. جنهن ڪري ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ سنڌ تي حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رهندا آيا آهن. سنڌي ڪلچر ٻولي ۽ ڌرتي ڌڻين کي حقير سمجهي انهن کان نفرتون ڪندا رهيا آهن ۽ هميشه سنڌ جي مجموعي مفادن کان لاتعلق ٿي پنهنجي گروهي مفادن جي حاصلات لاءِ سنڌ دشمن قوتن جا اتحادي ۽ حامي رهيا آهن. رياستي اقتدار تي قابض قوت پنجاب سان اقتدار ۽ ڦرلٽ ۾ حصيداري ۽ سنڌ کان اوپرائپ واري ذهنيت ڪري هو قومن جي وجود حقن ۽ تاريخي مادر وطنن کان انڪار تي ٻڌل نام نهاد نظريه پاڪستان جا وڏا پرچارڪ ۽ مڪروهه سياسي مقصدن لاءِ مذهب کي هٿيار طور ڪتب آڻيندڙن ۾ اڳيان رهيا آهن. سنڌ جي قومي حقن لاءِ اٿندڙ هر آواز کي پنجاب طرفان رياستي جبر ۽ تشدد ذريعي دٻائڻ جا حامي رهيا آهن. سنڌن اهڙن روين ۽ ڪردار سبب سنڌ ۾ انهن پناهگيرن خلاف هڪ رد عمل رهيو آهي. هو ابتدائي شڪل ۾ مسلم ليگ بعد جماعت اسلامي جي.يو.پي ۽ مهاجر پنجابي پٺاڻ اتحاد جهڙين رجعتي جماعتن ۾ رهيا آهن ۽ اڄ نسل پرست سياست ڪندڙ ايم ڪيو ايم سان گڏ آهن. هو پهريان پاڪستان جي حقدار ۽ مظلوم قومن جي لٽ مار ۾ حصيداري لاءِ وڙهندا رهيا آهن ۽ گذريل تقريبن 16 سالن کان ايم ڪيو ايم جي پليٽ فارم تان سمورن پناهگيرن لاءِ هڪ علحده رياست جي قيام لاءِ ڪوشان آهن. هو سمجهن ٿا ته گڏيل هندستان کي جڏهن صرف مذهب جي غير فطري بنياد تي ٽوڙي پاڪستان ناهي سگهجي ٿو ته موجوده پاڪستان ۾ به مهاجرن لاءِ چوڻ نسلي بنيادن تي غير فطري علحده رياست جو بنياد وڌو وڃي. ڪالهه ۽ اڄ جي سنڌن نعرن ۾ ڪا ڦيرو هجي پليٽ فارم مٽيل هجن. پر سنڌن حاڪماڻي سوچ برتري واري روش ۽ مهاجر ذهنيت (جيڪا هميشه وطن کان ڌاريائپ جي بنياد تي بيٺل هوندي آهي) ۾ بنيادي تبديلي ناهي آئي. سنڌي ماڻهو ان سوچ ۽ ذهنيت جي مزاحمت 1948ع ۾ ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق حوالي ڪرڻ واري وقت کان وٺي ايم ڪيو ايم طرفان سنڌين جي شهرن تي قبضن ۽ قتل عام تائين ڪندا آيا آهن پر اها به حقيقت آهي ته سنڌي ماڻهن ڪڏهن به هنن خلاف ڪا اڳرائي ناهي ڪئي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ نفرتون ڪيون آهن. 1947ع کان وٺي التو سمورين ڏنل محبتن ۽ سڀ ڪجهه حوالي ڪرڻ واري ڪشاده دلي جي موٽ ۾ ڪين نفرتون، حقارتون ۽ تنگ نظريون چٽ ۽ جاهل هئڻ جا طعنا، گولين سان پروڻ ٽيل لاش ۽ وطن کي ورهائڻ جون سازشون ملنديون رهيون آهن، سنڌي ماڻهو سنڌ جي وسيع تر مفادن خاطر ٻيو سڀ ڪجهه وساري هنن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهي ڀڪلي لڳائڻ لاءِ تيار آهن، پر مڪاري ۽ چالبازي سان پنهنجي وطن جو ورهاڱو برداشت ڪرڻ لاءِ هرگز تيار ناهن، جيئن ايم ڪيو ايم هن وقت ڏيکاءُ ۽ نعريبازي جي طور تي سنڌ دوستي ۽ ڀائپي جا نعرا هڻي ڪرڻ چاهي ٿي، حقيقي ڀائپي ۽ ڀائيچاري لاءِ مهاجر ذهنيت ۽ ڌار مهاجر قوميت تان هٿ کڻڻ ۽ سنڌ جي ورهاست جون سازشون بند ڪرڻ اولين شرط آهن، هندستان پناهگيرن بعد ٻيون پناهگيرن ۽ ڌارين ماڻهن جون منظم لوڏون هر مارشلائي دور ۾ سنڌ ۾ اينديون ۽ آباد ٿينديون رهيون آهن، جنرل ايوب خان پنهنجي 10 سالا آمراڻي دور ۾ ون يونٽ هڻي سنڌ جي قومي سڃاڻپ ختم ڪري لکين پٺاڻن سان گڏ پنجابين کي اچي ڪراچي سميت سنڌ جي شهرن ۾ آباد ڪيو، پٺاڻن کي هتان جي ٽرانسپورٽ تي قبضي جا سڀ موقعا مهيا ڪيا ۽ پنجابين کي سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون انعام ۽ نيلام وسيلي حوالي ڪيون هي سلسلو بعد ۾ ڪڏهن بہ بند نہ ٿيو ۽ هيل تائين جاري آهي، ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر ۽ سنڌين جي ويري ۽ قاتل جنرل ضياءُ پنهنجي 11 سالا ظويل آمريت دوران لکين پنجابي لکين افغاني، بنگالي، برمي، سيلوني ۽ بهاري ، منظم سازش هيٺ اچي سنڌ ۾ آباد ڪيا، جنهن جا گهڻ طرفا نقصان تباهيون ۽ عذاب هيل تائين سنڌ ڀوڳيندي اچي، جيئن تہ سڄي ملڪ جي معاشي گادي جو هنڌ ڪراچي آهي، مالي وسيلا ۽ روزگار جا موقعا ڪراچي ۾ تمام گهڻا آهن، ان ڪري هن سموري ڌارين آبادي جو رخ ڪراچي طرف گهڻو رهيو آهي، پاڪستان ٺهڻ وقت ڪراچي جي آبادي پنج لک هئي ۽ اڄ ڪراچي ۾ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ 10 لک آبادي جو شهر آهي، جنهن ۾ سنڌي بلوچ قديمي آباديون 23 لک آهن تقريبن 10 لک ڪاٺياواڙي ۽ گجراتي ميمڻ آهن، باقي 75 لک هي ڌاريون آباديون آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن ڪراچي جي شڪل کي بدلائي ڇڏيو آهي، انهن ۾ 10 لک پناڻ، 10 لک پنجابي، 5لک برمي، بنگالي سيلوني بهاري ايراني ۽ وچ ايشيا سان تعلق رکندڙ ڏاريا ماڻهو آهن. سنڌين ۽ بلوچن جي 25 لک آبادي جي باوجود ڪراچي ۾ سنڌين سياست ۽ معيشت ۾ عمل دخل گهٽ آهي جنهن جو هڪ سبب قديم سنڌي بلوچ آبادين جو منتشر ۽ غير منظم هئڻ آهي پر اهم ڪارڻ حڪمرانن جون سازشون ۽ سنڌ دشمن پاليسيون آهن.

هن وقت وري جنرل پرويز مشرف جي اڻ اعلانيل مارشلائي دور ۾ لکين افغانين جا رخ سنڌ طرف آهن. اڳ آيل افغان پناهگيرن سبب سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو اڳ ئي گهڻين تباهين ۽ نقصانن جا منهن ڏسي چڪا آهن. جن جو اسان پهريان ذڪر ڪري آيا آهيون هاڻ وري نين لوڏن اچڻ سبب سنڌ وڏيڪ معاشي تباهي وسيلن تي والار منشيات، سماجي پيچ ڏاهه سياسي افراتفري دهشتگردي بدامني، انارڪي ۽ فرقيوارانا قتل غارتگري جي ور چڙهي ويندي. تنهن ڪري سنڌ ۾ افغان پناهگيرن جي نئين آبادڪاري کي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ برداشت ڪري نه ٿي سگهي سڌ ترقي پسند پارٽي جنگ جي نتيجي ۾ انساني بنيادن تي افغانين پناهگيرن جي صرف ايتري حمايت ڪري سگهي ٿي ته انهن کي اقوام متحده طرفان افغان سرحد تي ڪئمپون هٽي رهايو وڃي، سندن رجسٽريشن ڪري ڪئمپن تائين محدود رکيو وڃي ۽ اتي سندن بنيادي انساني ضرورتون پوريون ڪيون وڃن. جلد کان جلد افغانستان ۾ امن قائم ڪري اڳ توڙي هاڻوڪي آيل سنڌ ۾ آباد افغانين سميت مڙني افغان پناهگيرن کي سندن ملڪ موڪليو وڃي ته جيئن هو پنهنجي وطن جي تعمير ۽ ترقي ۾ وڃي حصو وٺن. سنڌ وڌيڪ پناهگيرن جو بار کڻڻ جي پوزيشن ۾ ناهي.

هاڻي پاڪستان جي تناظر ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حالت ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ جو جائزو وٺنداسين ته جيئن پاڻ سنڌ کي غلامي کان نجات ڏياري سنڌ جي قومي بقا ۽ سلامتي کي يقيني بڻائي مستقبل جي سنڌ اڏڻ لاءِ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري سگهون. جديد بينڪيتي دور ۾ پاڪستان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ظهور ۾ اچڻ پاڪستان ڪان سندس اصلي سڃاڻپ کسي جيڪا 1940ع جي قرارداد جو روح هئي، نئين مذهبي سڃاڻپ ڏني وئي، قومن جي تاريخي مادر وطنن کان انڪار ڪيو ويو جنهن ڏينهن کان قومن جي مادر وطنن جي حيثيت کان انڪار ڪيو ويو ان ڏينهن کان هن ملڪ قائم ڪرڻ جا مقصد تبديل ٿي ويا، پاڪستان صرف پنجابي قوم لاءِ جنت بڻجي ويو باقي سڄي ملڪ جي سمورين قومن بشمول بنگالي اڪثريت کي بہ نظرانداز ڪري استعماري سامراجيت جا بنياد وڌا ويا جيئن پنجاب عالمي سامراج ۽ سرمائيدار دنيا جو ڳيجهو بڻجي، پاڪستان جي محڪوم قومن کي غلام بڻائي اتان جي مالي وسيلن تي قبضو ڪري عالمي سامراجي مفادن جو پورائو ڪري سگهي، هر عقل جي ڳالهہ هر تاريخي دليل ۽ هر قومپرستي ۽ حب الوطني جي مطالبي کي ملڪ دشمني سمجهي بدترين رياستي تشدد ڪيو ويو ڪراچي جي بندر ۽ عربي سمنڊ جي فوجي اهميت ۽ ڪراچي جي مالياتي استحڪام سبب پنجاب هميشہ ڪوشش ڪئي تہ ڪراچي کي سنڌ کان ڪٽي ڌار ڪري وفاقي علائقو قرار ڏنو وڃي، ان سازش جي ناڪامي کان پوءِ ون يونٽ مڙهي بنگالي اڪثريت 54 سيڪڙو کي 46 سيڪڙو جي برابر ڪرڻ لاءِ سنڌي، سرائڪي، بلوچ ۽ پشتون قومن جي تاريخي حيثيت کي ختم ڪري اولهہ پاڪستان بڻايو ويو ون يونٽ سبب سنڌ جا سمورا وسيلا سنڌ جي بئراجن جون زمينون سنڌ جا هاءِ وي سنڌجي ريلن جا رستا ڪراچي پورٽ سميت سمورن معدني وسيلن تي قبضو ڪيو ويو سنڌ جي بچت ۾ هلندڙ بجيٽ سڄي ملڪ جي خساري سان ملائي سنڌ کي بہ قرضي بڻايو ويو سنڌ جي ٻولي سنڌي ٻولي کي بہ ختم ڪرڻ لاءِ زبردستي اردو مڙهڻ جي سازش ڪئي وئي سنڌ ۾ سنڌي لکڻ غداري جو ڏوهہ قرار ڏنو ويو ان سموري جارحيت ۽ جبر جو مقصد صرف ۽ صرف اهو هو تہ جيئن سنڌين کي ڪمزور ڪري ڏيڇاري هميشہ لاءِ پنجابي حاڪميت قائم ڪئي وڃي، بنگال جي سٽي جي ڦرلٽ خلاف جڏهن بنگال پنهنجي ٻولي، قومي سڃاڻپ ، خودمختياري ۽ معيشت لاءِ عوام عوامي ليگ جي ڇهن نڪتن جي حمايت ۾ ڪڙو تي بيٺو تہ پوءِ سڄي دنيا شاهد آهي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

4 فوٽن جي بنگالين جيڪا تاريخي ويڙهه پنجابي جارحيت خلاف وڙهي اها اڄ بہ مثال آهي، انهن واقعن کي ياد ڪري پنجابي فوجي جرنيل اڄ بہ ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي پوندا آهن. اوير پاڪستان جي بنگلاديش ٿي وڃڻ کان پوءِ ظاهري طرح بچيل ملڪ جي حڪومت ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏيئي سنڌ تي مضبوط قبضو ڪرڻ لاءِ پنجاب 1973ع جي آئين جي ذريعي آبادي جي بنياد تي ورهاست جو فارمولا ٺاهي سڄي سنڌ کي پنجاب جي نو آبادي بڻائڻ لاءِ لڏ پلاڻ شروع ڪئي وئي، جنهن ڪري سازش ۾ لٽ ڦر جو نئون مرڪز سنڌ کي ٺاهيو ويو سنڌ کي سنڌين جو مادر وطن سڏڻ بجاءِ سڄي سنڌ کي باب الاسلام سان تشبيهه ڏئي سنڌ کي عالمي يتيم خانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڪراچي کي مني پاڪستان بڻائڻ جي سازش تي عمل ڪيو ويو مني پاڪستان جو مقصد ئي اهو آهي تہ ڪراچي ظاهري طرح تہ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هجي پر عملي طرح اهو شهر گهڻ نسلي ۽ گهڻ قومي شهر بڻجي بين الاقوامي دهشتگردن جو آماجگاهه بڻجي پوي، جنهن ڪري ڪراچي جي شهري زندگي مان قديم سنڌي ۽ بلوچن جو عمل دخل ختم ٿي وڃي. پورٽ جي ڪم ڪندڙ قلي کان وٺي ايئر پورٽ جي لوڊر تائين ريلوي اسٽيشن جي قلي کان وٺي سبزي منڊي ۾ همالي ڪندڙ تائين اسٽاڪ مارڪيٽ جي بروڪر کان وٺي ريلوي جي چيڪنگ ڪلرڪ تائين زندگي جي سمورن شعبن مان سنڌين کي ٻاهر رکيو ويو غير محسوساتي طور تي سنڌين جو وجود ڪراچي مان تحليل ٿيندو رهيو آهي، حاڪم ڏاڍ جبر ۽ سازشن سان سمورين سنڌ دشمن حرڪتن تي عمل ڪندا رهيا آهن ۽ سنڌ جا سڄاڻ نوجوان ۽ سنڌ دوست ڌريون سموري تباهي اکين سان ڏسي رهيون آهن. پر ان کي روڪڻ ۾ مزاحمت کان بلڪل لاتعلق آهن. ڪراچي اڄ حقيقت ۾ سنڌ جو حصو تہ آهي پر عملي طرح سنڌي ماڻهو ۽ سنڌ جي سياست جو محور ناهي جيڪا سنڌ جي وڏي تاريخي شڪست آهي جيڪا قبول ڪرڻ گهرجي اهڙي طرح ڪراچي تي قبضي قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ جاگيردارن ڌاڙيلن کي مضبوط ڪري سنڌ جي وچولي طبقي جي ترقي جون واهون بند ڪيون آهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زرخيز زمينن جي نيلامي ڏارين کي الاٽمينٽ، ڪارپوريٽ فارمنگ ڪرڻ، سرڪاري زمينون غريب ۽ بي زمين هارين ۾ ورهائڻ بجاءِ جاگيردارن جي ناجائز قبضن جو تحفظ ڪرڻ سان سنڌي عوام جي سماجي ۽ معاشي اوسر رڪجي وئي آهي، جڏهن قومن جي معاشي سماجي اوسر رڪجي ويندي آهي ته ان وقت يقينن قومن جو قومي ڪردار به محدود ٿيندو آهي ۽ قومي تحريڪون ڇڙواڳي ۽ (Isolation) ويڳاڻپ جون شڪار بڻجي پونديون آهن تعليمي ادارن جي اهميت ختم ٿي ويندي آهي تعليمي رجحان ختم ٿي ويندو آهي ڪرپشن سستي، خوشامد ۽ دلالي جهڙا لاڙا جنم وٺندا آهن جنهن ڪري سڄو سماج کوکلو بڻجي پوندو آهي، جيئن جيئن قوم جو قومي ڪردار ۽ قومي شعور ڪمزور ٿيندو آهي تيئن تيئن حاڪم قوم غلامي جي شدت ۽ لٽ ڦر کي وڌيڪ تيز ڪندي آهي نتيجي ۾ حاڪم بغير مزاحمت جي سڀ ڪجھ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن، سنڌ بلڪل اهڙي ڪيفيت ۾ مبتلا آهي اڄ سنڌ جي سياسي منظر نامي تي نگاهه وجهنداسين ته معلوم ٿيندو ته سنڌ جي اڪثريتي طبقي هاري ۽ زميندار جي زندگي جو واحد ذريعو پاڻي آهي ۽ مجموعي طرح سڄي سنڌ جي معيشت جو ڪرنگهو زراعت آهي ۽ زراعت لاءِ پاڻي جي وسيلي سنڌو درياءَ جي پاڻي کي لنڪ ڪئنالن ۽ ڊيمن ذريعي پنجاب روڪي ڇڏي سڄي سنڌ ۾ ڏڪار جهڙو راڪاس ڦرندو رهي سنڌي صرف ميارون ڏيڻ ۾ پورا هجن اهڙي وقت ۾ سنڌ جي قومي پارٽي، سنڌ ترقي پسند پارٽي کي اهو ڪريڊٽ آهي ته پارٽي هميشه سنڌ جي نازڪ مسئلي تي رياستي جبر کي چئلينج ڪيو آهي ڪالاباغ ڊيم خلاف تحريڪ کان وٺي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻي ۾ سنڌو بچايو ڪميٽي طرفان شاندار جدوجهد ۽ مزاحمت موجوده دور ۾ سنڌ جي سڄاڳي جي شاهدي ڏئي ٿي پر اها تحريڪ ايڏي عوامي ايار پئدا ڪرڻ ۾ ناڪام وئي ۽ پنجاب کي فيصلاڪن مرحلي ۾ داخل ڪرڻ واري تحريڪ لاءِ ناڪافي هئي اهوئي سبب آهي جو پاڻيءَ جو مسئلو اڃا تائين سنڌ جو بنيادي مسئلو بڻيل آهي ۽ پنجاب پنهنجي هوڏ تي قائم آهي ته هو گريٽر ٿل ڪئنال سميت ننڍا وڏا گهٽائي ڊيم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناهي سنڌو جو پاڻي ڪٽيندو رهندو نتيجي ۾ سنڌ پلي ويران ٿي وڃي پر پنجاب سندس ريگستان کي آباد ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو اهڙي وقت ۾ سنڌي ماڻهن کي وڏيڪ تدبر، دانائي ۽ جرئتمندي سان پنجاب جي جارحيت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ کپي، جڏهن سڀي قوم گڏجي جدوجهد ڪندي، تڏهن ئي سنڌ جو پاڻي سنڌ کي ملي سگهندو.

ان سان گڏوگڏ ٻيو اهم مسئلو ضلعي حڪومتون قائم ڪرڻ جو فارمولا آهي، دراصل اهو فارمولا سڄي ملڪ سان لاڳو ڪيو ويو آهي، پر ان جو اصل ۾ سياسي مقصد صرف ۽ صرف سنڌ سان لاڳو آهي، ڇو ته سڄي ملڪ ۾ ڪو به شهر مني پاڪستان ناهي ضلعي حڪومتن قائم ڪرڻ جو فارمولا جنرل ضياءَ جي وقت شروع ڪيو ويو هو ان وقت سڄي ملڪ جي 22 ڊويزنن کي 22 صوبن ۾ ورهائي اختيارن جي منتقلي ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ويو هو يعني ان جو مقصد دراصل قومي وحدتن ۽ قومن جي تاريخي مادر وطنن جي حيثيت کان انڪار ڪرڻ هو جيئن قومي تحريڪن جا بنياد ئي ختم ٿي سگهن.

پنجاب ۽ ان جي آقائن سمجهي ورتو هو ته هاڻ مذهب جي نالي ۾ گهڻو وقت وطن جو انڪار نه هلي سگهندو سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ مذهبي بنيادن جو ورجاءُ هن خطي ۾ عالمي مفادن لاءِ بيڪ فائر جو خطرو پيدا ڪري رهيو هو ان ڪري قومي حيثيت جي تحليل لاءِ اختيار جي منتقلي جي نالي ۾ هي نظام متعارف ڪرايو ويو. پ پ 1993ع جي چونڊن ۾ نيو سوشل ڪانٽريڪٽ جي بنيادن تي ضلعي گورنر ۽ ضلعي حڪومتن جو فارمولا پيش ڪيو هو جيڪو دراصل سنڌ جي مهاجر ذهنيت رکندڙ لابي پاران عالمي ادارن جي معاونت سان آندو ويو هو. مهاجر ذهنيت جو اهو محبوب مشغلو رهيو آهي ته هو تاريخي وطن جي حيثيت جو انڪار ڪن. ترقي پسند پارٽي ان شيطاني منصوبي جو ان وقت خطرو محسوس ڪندي سڄي سنڌ ۾ ضلعي حڪومتن خلاف ڀرپور مهم هلائي جنهن کان پوءِ بينظير ڀٽو ان منصوبي تان هٿ ڪڻڻ تي مجبور ٿي اهوئي ساڳيو منصوبو نئين رنگ روغن سان ضلعي گورنر بجاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضلعي ناظم ۾ شهري حڪومتن جي نالي ۾ وارد ڪيو ويو آهي ڪيڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ، سنڌي قوم ۾ سنڌ جي سياسي قيادت ضلعي حڪومتن جي تباهه ڪارين کي محسوس ڪندي به ان سازش ۾ حصيدار رهي آهي، صرف حڪومت ۾ اختيار منتقل ڪرڻ جي سرڪار ايڏي وڏي پروپئگينڊا ڪرائي جو هر ماڻهو سمجهيو پئي ته هو ناظم ٿيڻ ڪان پوءِ اڇي ڪاري جو مالڪ ٿي ويندو ان آسري تي پنهنجي قومي وجود خلاف هر ماڻهو خود حصيدار بڻيو. ترقي پسندپارٽي ان سڄي اليڪشني مهم ۾ ضلعي حڪومتن جي تصور جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو جنهن سبب عام ماڻهو جو اليڪشن ۾ ٽرن آئوٽ گهٽ رهيو جن به ڪارڪنن ۾ اڳواڻن ان جي پيچڪڙي ڪئي انهن تي تنظيمي قدم کنيو ويو باقي اها ڪوتاهي پارٽي کي قبول ڪرڻ گهرجي ته بائيڪاٽ ڪان وڌيڪ حڪمرانن جي ان ناپاڪ سازش خلاف پارٽي ڀرپور مزاحمت نه ڪري سگهي، جيڪا ڪوتاهي ليکڻ گهرجي باقي اصولي طرح ان جي نتيجن بابت جيڪو تجزيو ۾ موقف ترقي پسند پارٽي پيش ڪيو اهو سچ ثابت ٿيو آهي، پارٽي جو موقف هو ته ضلعي حڪومتن جو فارمولا اختيار جي ورهائڻ جو نه پر مرڪز کي اڃا وڌيڪ اختيار ڏيڻ جو فارمولا آهي، جنهن سان بدترين مرڪزيت قائم ٿيندي اڳ صوبائي سطح تي مرڪز مداخلت ڪندو هو هاڻ وفاق سڌي طرح 20 گريڊ جي ڪاموري معرفت ضلعي ڪان يونين ڪائونسل سطح تائين مداخلت ڪري سگهندو جنهن سان وفاقي قبضو ۾ غلامي بدترين شڪل اختيار ڪندا. مضبوط مرڪز جنم وٺندو بيو اعتراض هو ته هي سنڌ جي قومي وحدت ٽوڙڻ جي سازش آهي سڄي ملڪ ۾ هر هنڌ ضلعي سطح جي اسيمبلي ۾ ناظم آهن پر صرف ڪراچي ۾ 5 ضلعن کي گڏي هڪ شهري حڪومت ٺاهي وئي آهي، ان جو ناظم، ناظم اعليٰ سڏائيندو ڪراچي کي انتظامي سطح تي ڌار ڪرڻ لاءِ ڪراچي پوليس الڳ ڪري ڪراچي بنياد تي پوليس فورس ٺاهي پئي وڃي، سنڌ جي ٻين ضلعن جا ڊوميسائيل رکندڙ ماڻهن کي سرڪاري نوڪرين مان سندن ضلعن ڏانهن بدلي ڪيو پيو وڃي جيئن هي شهر خالص ڌارين ۾ پناهگيرن جو بڻجي پوي، اها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهه ثابت ڪري ٿي تہ ڪراچي کي انتظامي طرح سڄي سنڌ کان ڪٽي ڌار انتظامي يونٽ ٺاهيو پيو وڃي، اصلي مالڪن سنڌين کانسواءِ جيڪو بہ هن شهر جو مالڪ بڻجندو اهو سستي اگهہ تي سڄي ڪراچي ، بندر ۽ سمنڊ عالمي قوتن حوالي ڪري ڇڏيندو جيئن تيل، ڪوئلي، گئس ۽ ٻين وسيلن جي ڪمائي هڙپ ڪري سگهجي، حڪومت جي ان طريقيڪار مان ثابت ٿيو آهي تہ سنڌ جي قومي وحدت کي ٽوڙي سنڌ جي تاريخي حيثيت ختم ڪئي پئي وڃي، ٽيون اعتراض اهو هو تہ سنڌ جيئن تہ زرعي معاشرو آهي، ان ڪري سنڌ جون ٻهراڙيون جاگيردارن جي قبضي هيٺ آهن ۽ شهر ڌارين دهشتگردن وٽ يرغمال ٿيل آهن، جڏهن ضلعي ۽ شهري حڪومتن تي عمل ٿيندو تہ ٻهراڙيون جاگيردارن جي دائمي قبضي هيٺ هليون وينديون اتي مڊل ڪلاس جي سماجي ۽ معاشرتي اوسر ٿي نہ سگهندي، سڄو سماج رجعت پسندي ۽ قدامت پسندي ۾ ڦاسي پوندو شهرن ۾ دهشتگرد راڄ قائم ٿيندو جنهن سان سنڌ جي حقيقي وارثن لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري وڏا شهر سنڌين لاءِ اوپرا ڪيا ويندا، جنهن جو تازو مثال جمع ڳوٺ جو واقعو آهي، جتي بلڊوزرن سان سنڌين جا گهر ڊاهي ٻن نوجوانن کي قتل ڪري ڪراچي مان بي دخل ڪرڻ تي عمل ڪيو ويو آهي، اليڪشن تي چوٿون اعتراض هي هو تہ هي نظام جمهوري آزادين بجاءِ سنڌ ۾ گروهي ۽ قبيلائي جهيڙن ۽ جنگين جو بنياد وجهندو جنهن سان ختم نہ ٿيندڙ قبيلائي جنگيون شروع ٿينديون، سماج ۾ انارڪي وڌندي چو تہ ناظم حڪومتن کان ڊلون ٽيڪس جي اوڳاڙي ۽ مقامي سطح تي پوليس لاءِ مخبري کانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪم نہ ورتو ويندو ان لاءِ مٿيون سموريون حقيقتون سچ ثابت ٿي رهيون آهن، سماج ۾ انارڪي، بک، بدحالي ڇڙواڳي ۽ ڌاڙيوالي وڌي رهي آهي، جنهن سبب غريب ۽ وچولي طبقي جي زندگي عذاب بڻجي پئي آهي، زرعي ٽيڪس، سيلز ٽيڪس پراپرٽي ٽيڪس، ڊلون ۽ آبيانا لاڳو ڪري سڄي عوام کي بي سهارا ۽ منتشر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، زرعي جنسن جا اگهہ روز روز گهٽ ٿي رهيا آهن، ضرورت زندگي جون شيون روز بروز مهانگيون ٿي رهيون آهن، تيل پيٽرول پاڻ ۽ دوائون ايتريون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهانگيون تي رهيون آهن. جو ماڻهو مرڻ کي ترجيح ڏين ٿا پر زندگي بچائڻ لاءِ دوا واپرائڻ کان قاصر آهن. اهڙي وقت ۾ جڏهن سڄي سنڌ ۾ تيل، ڪوئلي ۽ معدنيات جا ذخيرا روزانو دريافت ٿين پيا. بين الاقوامي ڪمپنيون معدني ذخيرن جي ڳولا ۾ مصروف عمل آهن. پر سنڌي نوجوانن لاءِ ڪٿي به ڪا به نوڪري ۽ گذر معاش جو بندوبست ناهي نوجوان خودڪشيون ڪن ٿا منشيات جو سهارو وٺن ٿا ڏوهاري ڪلچر جو حصو بڻجي پنهنجي خوابن ۽ زندگين جو ٻليدان ڏين ٿا. اهڙي وقت ڪنهن به سنڌ گير تحريڪ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. جيڪا پنجاب ۽ اسلام آباد جي وفاقي سرڪار جي پنجوڙ مان سنڌ کي نجات ڏياري سنڌين کي سنڌ جو مالڪ بڻائي پنهنجو مقدر پاڻ لکڻ جو قوم کي لائق بڻائي. پنجابي جارحيت استحصال ۽ عالمي استحصال کي ٻنجو ڏئي سنڌ جي وسيلن جي مالڪي سنڌ کي ڏياري ڌارين جي لوڌن کي روڪي سنڌ ۾ عدم توازن پئدا ڪندڙ سمورن ڌارين کي نيڪالي ڏئي، سنڌين کي سنڌ جو حقيقي حڪمران بڻائڻ ۾ قوم جي اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪري اهڙي سنگين وقت ۾ جڏهن سنڌ ۾ مايوسي انارڪي ڇڙواڳي ۽ غير سياسي فضا پيدا ڪري سياسي پارٽين ۽ سياسي اڳواڻن کي ناڪاره بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته اهڙي وقت ۾ حقيقي محب وطن انقلابي ۽ صحيح سياسي ڪارڪنن جي بنيادي ذميواري آهي ته هو هن سڄي پيڙاءَ مايوسي بي وسي واري سماج کي چئلينج سمجهي ان کي تبديل ڪرڻ لاءِ مقابلي لاءِ تيار ٿئي، جو ته اڄ سڄي سنڌ قومپرست اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي طعنو ڏئي رهي آهي ته اهڙي تباهه ڪن وقت ۾ حقيقي سياسي محب وطن انقلابي ۽ سائنسي قيادت ڪٿي آهي؟ جيڪا هن بحران جو حل پيش ڪري ۽ بحران مان سنڌ کي ڪيڍڻ لاءِ عمل ۾ اڳواڻي ڪري. جيئن ته مٿي بحث ڪري آيا آهيون ته عالمي سرمائيدارن ۽ منافع خورن جي نظر ۾ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ اهڙا فلسفا ناهيا وڃن جيئن حقيقي قومون گمراهي جي ڪن ۾ غرق هجن. ديسي لالن ذريعي هلڪي ۽ سستي اگهه تي ٽين دنيا جا مالي وسيلا لٽيندا شاهوڪار ٿيندا رهن. هاڻ جڏهن مذهب جو هٿيار مڏو ٿي چڪو آهي بلڪ الٽو عالمي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

2. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ غير سنڌين جي تمام گهڻي آبادڪاري سبب سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خدشو آهي، ان لاءِ سنڌ تي حاڪميت جو حق صرف سنڌين جو قبول ڪرائڻ گهري ٿي.
3. سنڌ جي سمورن مالياتي وسيلن ۽ سنڌو درياءَ جي پاڻي تي سنڌ جو دائمي حق قبول ڪرائڻ گهري ٿي.
4. سنڌي ٻولي کي سنڌ جي واحد سرڪاري ٻولي ۽ قومي ٻولي قبول ڪرائڻ گهري ٿي.
5. وفاقي سرڪار کي صرف ٽي کاتا حوالي ڪرڻ جي حامي آهي، دفاع، ڪرنسي ۽ خارجا پاليسي، سمورين قومن کي برابري جي بنياد تي وفاقي کاتن ۾ نمائندگي ڏيارڻ گهري ٿي.
6. سنڌي ماڻهن تي مشتمل سنڌي پيرا ملٽري فورس سنڌ لاءِ ٺهرائي امن امان قائم ڪرائڻ گهري ٿي.
7. پر امن بقاءَ باهمي جي اصول تي آزاد خارجا پاليسي جوڙڻ جي حامي آهي، جنهن ۾ پاڪستان جي سمورين قومن جي رضامندي شامل ڪرڻ لازمي هوندي.

اميد ته ان مٿين پروگرام تي عمل ڪندي پنجابي جارحيت ۽ قبضي گيري خلاف جدوجهد جاري رکندا سين هڪ ڏينهن ضرور پنهنجي منزل مقصود ماڻيندا سين.

25 آڪٽوبر 2001ع قومي ڪانگريس

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قومون پنهنجا تاريخي پلوَ حساب
ڪتاب ڪانسواءِ نہ چڏينديون آهن

پيارا ساٿيو!

جيئي سنڌ!

جيئن تہ پارٽ گذريل ساليانی ڪانگريس ۾ افغانستان جي مخصوص صورتحال ۽ مجموعي طور عالمي صورتحال تي تفصيلي بحث ڪيو هو جنهن ۾ پارٽ ان نتيجي تي پهتا هئاسين تہ سڄي دنيا کي گڏجي هر قسم جي دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ اقوام متحده جي جهنڊي هيٺ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. پوءِ چاهي اها دهشتگردي گروهي هجي، مذهبي ۽ نسلي هجي يا ڪوبہ طاقتور ملڪ پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ سڄي دنيا کي يرغمال بڻائي ٻين ملڪن ۾ فوجي مداخلت ڪري پنهنجي مرضي ۽ منشا کي سڄي دنيا جي راءِ بڻائڻ جي زوريءَ ڪوشش ڪري تہ اها بہ دهشتگردي آهي. ان ڪري هي بنيادي اصول آهي تہ اقوام متحده سڄي دنيا جي سمورن ملڪن جو گڏيل ادارو آهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ اهو ادارو بہ عالمي طاقتن وٽ يرغمال آهي. سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن کي ويٽو جو اختيار آهي. انهن ئي عالمي طاقتن جي مفادن جي تحفظ لاءِ يو اين او کي استعمال ڪيو ويندو رهيو آهي. پر وري بہ جنرل اسيمبلي ۾ سڄي دنيا جا نمائندا ويهي بحث مباحثو ڪري سگهندا. ان لاءِ ضروري آهي تہ هر عالمي سياسي عمل اقوام متحده جي منظوري ۽ اڳواڻي ۾ ٿيڻ کپي.

ان لاءِ گذريل سال ترقي پسند پارٽي افغانستان ۾ اڪيلي سر آمريڪي توڙي اولهہ جي اتحاد طرفان آپريشن جي مخالفت ڪئي هئي، جنهنڪري آپريشن جا مثبت نتيجا اڃا تائين نہ اچي سگهيا آهن. جو تہ اسامہ بن لادن ۽ ملا عمر کي نہ رڳو آمريڪا گرفتار نہ ڪري سگهيو آهي، پر القاعده ۽ طالبان جي عالمي نيٽ ورڪ کي بہ ختم ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. باقي افغانستان ۾ لويا جرڳي معرفت سياسي نظام آڻڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي وئي آهي، اها مثبت آهي پر افغانستان ۾ مزاحمت ۽ ويڙهہ جو خاتمو ناممڪن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظر اچي پيو. چو تہ اولهہ جي ملڪن جا افغانستان ۾ سياسي ۽ معاشي مفاد هجڻ سبب افغانستان ۾ مداخلت جاري رهڻ سبب افغانستان ۾ هر وقت جنگ ۽ دهشتگردي جو امڪان رهندو.

افغانستان ۾ آمريڪا کي کلي ڇوٽ ملڻ جا بدترين نتيجا هاڻ وچ اوڀر جي صورتحال تي پئجي رهيا آهن. آمريڪا طرفان 3 نقاطي فارمولي جو ورجاءُ ۽ ان کي بنياد بڻائي ٻين ملڪن ۾ فوجون موڪلي قبضا ڪرڻ ۽ حڪومتن کي تبديل ڪرڻ جي حرڪت اصل آمريڪا انهن ملڪن جي معدني ذخيرن، تيل گئس ۽ يورينيم تي قبضا ڪري سندس ڪرنڌڙ معيشت کي سگهہ ڏيڻ گهري ٿو. هينئين ٽنهي نقطن کي بنياد بڻائي آمريڪا سڄي لاطيني آمريڪا جي ڪمزور ملڪن تي مداخلت ۽ مڪمل قبضو ڪيو وينو آهي.

1. دهشتگردي جي نيٽ ورڪ جو خاتمو.
2. منشيات جو واهپو روڪڻ.
3. موتمار هٿيار

وچ اوڀر ۾ اسرائيل معرفت عرب ملڪن سان جيڪا لٽ ڦر ۽ قبضي گيري ڪئي وئي آهي، اڄ صدي جي تاريخ ان جبر ۽ ظلم جي شاهد آهي، خاص طور تي فلسطين، صيحوني جارحيت ۽ آمريڪا جي سرد مهري جو وڏو مثال آهي، گذريل ڪانگريس رپورٽ ۾ پاڻ ذڪر ڪيو هو تہ ايندڙ 5 سالن ۾ فلسطين آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جي حيثيت ۾ دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيندو پر هلندڙ سال ۾ اسرائيل سرڪار فلسطيني شهري آبادي تي جيڪي موتمار حملا ڪيا آهن، انسانيت جي ان تذليل تي سڄي دنيا جا باضمير ماڻهو شرمندا آهن، پر آمريڪا خودڪش حملن جو بهانو بڻائي هزارين بيگناهہ فلسطينين جي قتل عام تي مجرماڻي خاموشي اختيار ڪري وينو آهي. ويتر اسرائيلي جارحيت جي حمايت ڪندي فلسطين ۽ ياسر عرفات کي سڄي صورتحال جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي تہ امن قائم ڪرڻ ياسر عرفات جي ذميواري آهي. فلسطين جي رهائشي علائقن رملا، بيت اللحم ۽ حنين ۾ بلڊوزرن ۽ بڪتر بند

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گاڏين، هيلي ڪاپٽرن ۽ ميزائلن سان حملا ڪري هزارين بيگناهه فلسطيني شهيد ڪيا ويا آهن. ياسر عرفات سميت سڄي فلسطين جي سياسي قيادت گهيري ۾ موت جي خطري هيٺ آهي. اهڙي صورتحال ۾ به فلسطين طرفان ثابت قدمي جو مظاهرو نه صرف ان ڳالهه کي پختو ڪري رهيو آهي ته فلسطين جلد ئي آزاد ۽ خودمختيار رياست جي حيثيت اختيار ڪندو پر سڄي دنيا ۾ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي آزاديءَ جي تحريڪ کي حوصلو ۽ اعتماد به ملي رهيو آهي. فلسطينين جي ثابت قدم مزاحمت ان حقيقت کي هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪري رهي آهي ته قومن جي آزاديءَ جي عزم کي ٽينڪن سان چيپاٽي نه ٿو سگهجي.

هاڻ آمريڪا جو سڄو ڌيان عراق جي تيل تي قبضو قائم ڪرڻ تي آهي، ان ڪري آمريڪا بنياد ٺاهيو آهي ته عراق انساني تباهي جا موتمار هٿيار ٺاهي رهيو آهي، دهشتگردي جي عالمي نيٽ ورڪ جو حمايتي آهي ۽ عراقي صدر صدام حسين ملڪ ۾ جمهوريت قائم نه ٿو ڪري، ان لاءِ ضروري آهي ته عراق تي فوجي ڪارروائي ڪئي وڃي. برطانيا به آمريڪا جو همنوا بڻيل آهي، جرمني، فرانس ۽ روس سڌي فوجي ڪارروائي جا مخالف آهن ۽ سياسي حل لاءِ آمريڪا تي زور ڀريندا رهيا آهن ۽ سڄي ڪارروائي جي منظوري اقوام متحده جي منظوريءَ سان مشروط ڪئي اٿن. جنهنڪري آمريڪا اڪيلي سر حملو ڪرڻ کان محتاط ٿي ويو آهي ۽ عالمي راءِ عامه ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ آهي. جيئن سلامتي ڪائونسل سندس مرضيءَ جي قرارداد قبول ڪري ۽ آمريڪا کي عراق تي فوجي چڙهائي جو اختيار ملي. دراصل اها سڄي راند عراق جي تيل تي قبضو ڄمائڻ لاءِ آهي. ڇو ته گذريل 11 سيپٽمبر تي ٽريڊ ٽاور تي ٿيل حملن کان پوءِ آمريڪا جي سڄي معيشت تباهي جي ڪنڌيءَ تي آهي. بيروزگاري، عدم تحفظ ۽ ذهني مايوسي ۽ خوف آمريڪا جي هر شهري کي وڪوڙي ويو آهي. ان لاءِ آمريڪا تاريخ جي وڏي ۾ وڏي دفاعي بجيٽ منظور ڪئي آهي. 350 ارب ڊالرن جي منظوري ڏني وئي آهي. ته جيئن عالمي مارڪيٽ تي قبضو ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي معدني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذخيرن جي لٽ ڦر لاءِ پنهنجي فوج کي تحرڪ ۾ آپريشن ۾ رکي سگهي. ان لاءِ آمريڪا سموريون اٽڪلون استعمال ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف آمريڪا خلاف القاعده ۽ بنياد پرست دهشتگرد گروپ سڄي دنيا ۾ خوف جي فضا قائم ڪرڻ ۽ آمريڪي معاشي مفادن کي ڇيهو رسائڻ لاءِ سرگرم آهن. جنهنڪري قوي امڪان آهي ته آمريڪا کي اڪيلي سر دنيا کي پنهنجي ڊائريڪشن تي هلائڻ ڏکيو ٿي پوندو. جيئن سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ (Uni polar) هڪ رخي اصطلاح جو وجود آندو ويو هو ۽ سڄي دنيا کي آمريڪي خواهش ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ هڪ ئي رخ ۾ هلڻ جا سانباها ڪيا ويا هئا. پر هاڻ دنيا بلڪل مختلف رخن ۾ ۽ مختلف انداز سان سوچي ۽ اڳتي وڌي رهي آهي، جيئن پاڻ ان نتيجي تي پهتا آهيون ته هاڻ دنيا جا ملڪ صرف ملڪي مفادن کان ٻاهر نڪري ڪنڊن جي مفادن لاءِ سوچيندي، نئين صف بندي ۾ داخل ٿي ويندا. جيڪڏهن آمريڪا ٻين ملڪن جي اعتراضن کي رد ڪندي اڪيلي سر عراق ۾ فوجي ڪارروائي ڪئي ۽ صدام کي هٽائي ڪوبہ ڪٺ پتلي حڪمران ويهاريو ته وچ اوڀر ۾ امن جي ڪوشش کي ڪافي نقصان پهچندو ۽ انتهاپسند لاڙا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. آمريڪا جي هوڏ ۽ ضد ان ڳالهہ جو اشارو ڏين پيا ته هو عراق ۾ ضرور مداخلت ڪندي صدام کي اقتدار کان هٽائيندا. پوءِ اهو عمل صرف نفسياتي جنگ ۾ دٻاءَ سبب ممڪن ٿي سگهيو تہ بہ ٺيڪ. نہ تہ فوجي ڪارروائي ڪري بہ هر صورت ۾ صدام کي هٽايو ويندو. ڇو تہ آمريڪا کي عراق جي تيل تي قبضو ڄمائڻو آهي. ٻيو صدر بُش جي ۽ ريپبليڪن پارٽي جو مفاد بہ انهيءَ ۾ آهي ۽ هو ايندڙ اليڪشن کٽڻ لاءِ هر صورت ۾ عراق تي حملو ڪري صدام کان اقتدار کسي پنهنجو ڪٺ پتلي حڪمران ويهاري آمريڪي عوام جو اعتماد بحال ڪن. ڇو تہ گذريل هڪ سال کان هو مسلسل صدام کي انساني تباهي جا هٿيار ناهي دنيا تباهہ ڪندڙ فرد طور مشهور ڪري آمريڪي عوام کي نفسياتي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ آمريڪا ٻين ملڪن ۾ بہ مداخلت ڪري سڄي دنيا کي عالمي جنگ ۾ ڌڪيندو. ان لاءِ ضروري آهي تہ عالمي برداري آمريڪا تي اهو دٻاءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيدا ڪري تہ ملڪن جي سرحدن جو احترام ڪري هر ملڪ جي آزادي ۽ خودمختياري يقيني بڻائي وڃي. نہ تہ عراق ڪان پوءِ ايران ۽ ايران ڪان پوءِ اتر ڪوريا ۽ اتر ڪوريا ڪان پوءِ پاڪستان ۽ پوءِ چين. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو تہ پوءِ دنيا ٽين عالمي جنگ جو شڪار ٿيندي ۽ اها ٽين عالمي جنگ سڄي دنيا لاءِ قيامت جو سبب بڻجندي. ڇو تہ ايٽمي طاقتون جڏهن هڪٻئي سامهون ٿينديون، عقل ۽ رواداري جو خاتمو آيو تہ سواءِ تباهي جي ٻيو ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندو. ان لاءِ عالمي برادريءَ کي گهرجي تہ هو دنيا ۾ هلندڙ قومي، نسلي، گروهي ۽ مذهبي تنازعہ ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو سرگرم ڪردار ادا ڪري، اقوام متحده جي ڪردار کي سگهارو بڻائي. ان جي مالي ۽ فوجي طاقت ۾ اضافو ڪيو وڃي تہ جيئن اقوام متحده پراعتماد طريقي سان سمورن مسئلن جو نبيرو ڪري سگهي. پوءِ چاهي آفريڪا ۾ نسلي ڦڏا هجن، لاطيني آمريڪا ۾ هٿيارن ۽ منشيات جو مسئلو هجي، افغانستان ۽ اسلامي ملڪن ۾ بنياد پرست دهشتگردي جو مسئلو هجي يا وچ اوڀر ۾ تيل ۽ هٿيارن جو يا ٽين دنيا ۾ جمهوري نظام آڻڻ، ڪرپشن جي خاتمي جو مسئلو هجي، هر عالمي مسئلي ۾ آمريڪا نہ پر اقوام متحده کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ترقي پسند پارٽي سمجهي ٿي تہ تنگ نظري، نسلي ۽ مذهبي نفرتون توڙي ڪرپشن ۽ فوجي آمريتون وڏي خرابي ۽ بزبادي جو سبب آهن. پر هر ملڪ ۽ ان جي عوام کي اهو اختيار آهي تہ هو پنهنجي بنيادي حقن جي پاڻ جنگ وڙهن، پنهنجي ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ پنهنجي حڪمرانن کي توڙي جنوني گروپن کي دنيا جي امن ۽ پائيچاري کي تباهہ ڪرڻ واري روش ڪان روڪين. ائين معاشرن ۾ رواداري، استحڪام، خوشحالي ۽ مستقل امن قائم ٿي سگهندو.

هاڻ پاڻ پاڪستان جي مجموعي صورتحال جو جائزو وٺنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ پاڪستان خود هڪ وڏي تبديلي جي دؤر مان گذري رهيو آهي. قدامت پسند ۽ رجعت پسند ڌرين جو ٽڪراءُ ملڪ جي لبرل ۽ جمهوري قوتن سان شروع ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ في الحال ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قدامت پسند ڌرين جو قبضو مضبوط آهي، ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ تي اڄ اهي پراڻيون روايت پسند ڌريون قابض آهن. جيئن هن ملڪ کي گذريل 55 سالن ۾ مذهبي بنيادن تي تنگ نظري ۽ جارحيت جي بنياد تي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن سبب پارلياماني نظام هوندي به مضبوط مرڪز قائم رکڻ، گهڻ قومي ملڪ هوندي هڪ قوم مسلمان قوم جي بنياد تي ملڪ کي هلائڻ، سيڪيولر ۽ جمهوري ملڪ بڻائڻ بجاءِ ٿيوڪريٽڪ (مذهبي رياست بڻائڻ) فلاحي ۽ معاشي مساوات قائم ڪرڻ بجاءِ معاشي استحصال جي بنياد تي غير هموار معيشت قائم ڪرڻ سبب ملڪ 2 ڀاڱا ٿي چڪو آهي. باقي ملڪ به ڪنهن چڱي پوزيشن ۾ ناهي. گذريل 11 سيپٽمبر جي آمريڪي واقعي کان پوءِ پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ خود وڏي يونچال هيٺ رهي آهي، اهڙي قدامت پسند اسٽيبلشمينٽ جنهن کي شيخ مجيب الرحمان جا 6 نقطا قبول نه هئا، پر ملڪ ٽوڙڻ منظور هو جن کي ذوالفقار علي ڀٽي جي جمهوريت ۽ اسلامي سوشلزم قبول نه هو پر 35 سال مارشل لا قبول آهي، جن کي لبرل قيادت بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف قبول ناهن، پر باربار آئين جي معطلي، اسيمبليون ٽوڙڻ ۽ جمهوريت جو جنازو ڪڍڻ قبول آهي، ڇو ته انهن جون پاڙون عوام طرف پختيون ٿي رهيون هيون. جنهن آڌار تي عوامي طاقت جو نشو نواز شريف کي پتلي وزيراعظم کان بااختيار وزيراعظم بڻجڻ ڏانهن وٺي پئي ويو. ان ڪري پرويز مشرف جي نواز شريف سرڪار خلاف فوجي بغاوت کي اسٽيبلشمينٽ مڪمل حمايت ڏئي مضبوط ڪيو.

ٽريڊ ٽاور واقعي کان پوءِ جڏهن عالمي صورتحال تبديل ٿي ته خود هن ملڪ جي حڪمرانن ۽ اسٽيبلشمينٽ ۾ سرد جنگ جي شروعات ٿي چڪي آهي، عالمي دٻاءَ ۽ ملڪ جي معاشي صورتحال سبب آمريڪي ڌمڪي قبول ڪندي آمريڪا جو حڪمرانن سان ڏنو پر اسٽيبلشمينٽ مڪمل طور تي بنياد پرستي خلاف ڪوبه سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ڇو ته هتان جي اسٽيبلشمينٽ اهو سمجهي ٿي ته جيڪڏهن بنياد پرستي ۽ مذهبي سجاڳپ پاڪستان جي تشريح مان ختم ٿي ويندي ته پوءِ هي ملڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيڪيولر ۽ جمهوري بڻجي پوندو. صوبن ۽ قومن کي خودمختياري ملندي. هڪ صوبي پنجاب جي قبضي گيري لٽ ڦر جو خاتمو ايندو ۽ خونخوار اسٽيبلشمينٽ خود پنهنجي موت پاڻ مري ويندي. ان لاءِ شايد قدامت پسندن اهو طئي ڪيو آهي ته موجوده پاڪستان رهندو ته اسٽيبلشمينٽ به رهندي ۽ اسٽيبلشمينٽ جو جنهن ڏينهن خاتمو ٿيندو، ان ڏينهن پلي پاڪستان ئي ختم ٿي ويجي. ان اسٽيبلشمينٽ جي رويي کي ڏسي محسوس ٿئي ٿو ته انهن کي گروهي. ذاتي مفاد ملڪ جي مجموعي مفادن کان به عزيز آهن. ان لاءِ هو ڪوبه ناهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اهوئي سبب آهي جو افغانستان ۾ آمريڪا کي مڪمل ڪاميابي نه ملي. القاعده ۽ طالبان جا مکيه اڳواڻ گرفتارين کان بچي ويا ۽ انهن جو نيٽ ورڪ اڄ به جاري آهي. باقي پرويز مشرف فوجي نمائندي هجڻ سبب ان کي ايتري رعايت ڏني وئي آهي ته هو عالمي ليول تي پاڪستان جي حق ۾ راءِ عامه ناهي ۽ پاڪستان کي نام نهاد جمهوري ملڪ بڻائڻ جو ڍنڍورو ڪندو رهي. ملڪ جي سياسي ۽ لبرل قوتن کي سڄي دنيا ۾ خوار و خراب ڪندو رهي ته جيئن اسٽيبلشمينٽ پنهنجو قبضو مضبوط ڪري سگهي. ان لاءِ بينظير ۽ نواز شريف کي سڄي سياسي راند مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ڪيو ويو آهي. پرويز مشرف ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ٽڪراءَ کي به ليپا پوتي ڪري ٺڏو ڪيو ويو آهي ته جيئن فوجي طاقت ۾ ڏار نه پوڻ ڇو ته فوجي قوت ئي واحد ادارو آهي، جيڪو اسٽيبلشمينٽ جي سمورن ڪڌن ڪمن ۽ رهزني جي محافظ آهي. ان ڪري هر حال ۾ فوج اندر ڌڙابندي کي روڪيو ويندو آهي. پرويز مشرف سرڪار 2 آڪٽوبر 1999ع تي اقتدار تي قبضو ڪيو هو. ترقي پسند پارٽي پهرين ڏينهن کان اصولي مؤقف اختيار ڪيو ته پرويز مشرف جو اقتدار تي قبضو جارحيت ۽ غير آئيني عمل آهي. ان لاءِ 6 مهينن ۾ اليڪشن جي لاءِ اعلان ٿيڻ گهرجي ۽ 3 سالن کان وڌيڪ جيڪڏهن موجوده نظام هلندو ته هن ملڪ ۾ انارڪي وڌندي. ان جو نتيجو پاڻ گذريل ٻن سالن کان ڏسي رهيا آهيون. سڄي ملڪ ۾ جيتري بدامني، دهشتگردي، خوف، بک، بيروزگاري ۽ مهانگائي گذريل ٽن سالن ۾ ٿي آهي، اوتري گذريل 20 سالن ۾ به نه ٿي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڄي ملڪ جا 40 سيڪڙو ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارين پيا. سنڌ جا 54 سيڪڙو ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن. پيٽرول، ڪاڏي جو سامان، دوائون، ڪرايا هن دؤر ۾ جيترا مهانگا ٿيا آهن، ان جو ڪوبہ مثال نہ ٿو ملي. دهشتگردي، ڏاڙيل، بم ڌماڪا ۽ قتل جا روز روز جا واقعا معمول بڻجي چڪا آهن. پر حڪمران پنهنجي رٽ تي قائم آهن تہ انهن ملڪ کي تمام مضبوط ڪيو آهي. سياسي، معاشي ۽ سماجي طرح ملڪ ترقي ڪئي آهي، پر عوام جي حالت تباهي جي ڪنڌيءَ تي پهتل آهي، گذريل ٽن سالن کان سنڌ کي پاڻي جي هترادو کوٽ ڏيئي جهڙيءَ طرح سنڌ جي معيشت کي تباهہ ڪيو ويو آهي، ان جو مثال پاڪستان جي 55 سالن ۾ ملڻ مشڪل آهي.

پرويز مشرف اچڻ سان جيڪا 7 نقاطي ايجنڊا ڏني هئي، ان ۾ جمهوريت جي بحالي، اختيارن جي ورهاست، ملڪ جي معيشت جو استحڪام، صوبن وچ ۾ ناانصافي جو خاتمو مکيہ ايجنڊائون هيون. ان وقت ملڪ جي وڏين سياسي پارٽين بشمول پ پ ۽ مذهبي جماعتن جي پرويز مشرف کي پليڪار ڪندي ان ست نقاطي فارمولي کي پنهنجو منشور سڏيو. ملڪ جون اين جي او، ٽيڪنوڪريٽ، انساني حقن، عورتن ۽ مردن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن پڻ سرڪار جي تمام گهٽي حمايت ڪئي. ڪجهہ ننڍين پارٽين ملت پارٽي، تحريڪ انصاف، تحريڪ استقلال سميت اين جي او وزارتن لاءِ پنهنجا ماڻهو سرڪار کي مهيا ڪيا. جنهن سبب پرويز مشرف سرڪار پاڻ کي لبرل ۽ جمهوري حڪومت سڏائيندي 3 سال عوام جو رت ست ڪيڻ ۾ مصروف رهي. ننڍن صوبن ۽ محڪوم قومن سان جارحيت وارو ورتاءُ روا رکندي محڪوم قومن جا تاريخي حق غضب ڪندي معاشي لٽ ڦر ۾ اضافو ڪيو ويو.

سنڌ ۾ هلندڙ پاڻيءَ جي تحريڪ کي رهزني ۽ جارحيت سان ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ جيئن گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌي عوام جي جدوجهد ختم ڪري پنجاب جا مفاد پورا ڪيا وڃن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيستائين سرڪاري عتاب صرف نواز ليگ خلاف هو تہ ٻيون سياسي جماعتون پرويز مشرف جون حامي رهيون ۽ پرويز مشرف ملڪ جي سڀني سياستدانن کي ڪرپٽ، چور ۽ نااهل سڏيندي واري واري سان هر هڪ سياسي پارٽي کي علحده ڪندو رهيو نواز ليگ، پ پ ۽ پوءِ مذهبي جماعتون ۽ آخر ۾ عمران خان ۽ طاهر القادري بہ ان جي لپيٽ کان نہ بچيا. نواز ليگ کي ٽوڙي قائداعظم مسلم ليگ ٺاهي وئي. ٻچيل ماڻهن کي گرينڊ نيشنل الائينس ۾ شامل ڪيو ويو. سنڌ ۾ متحده قومي موومينٽ ۽ ايس ڊي اي کي اڳتي ڪري پ پ ۽ ٻين جمهوري قوتن جي رستا روڪ جي حڪمت عملي تي ڪم ڪيو ويو سڀ ڪجهہ ويجائڻ کان پوءِ آخر ۾ سڀئي سياسي ۽ مذهبي جماعتون ان نتيجي تي پهتيون تہ پرويز مشرف سرڪار جهڙي طرح آئين جي تقدس پائمال ڪري رهي آهي، جهڙيءَ طرح سياسي پارٽين جي اڳواڻن ۽ سياست جي تذليل ڪئي وئي، جهڙي طرح شخصي آمريت ۽ حاڪميت مڙهڻ لاءِ سرڪار رستو هموار ڪري رهي آهي، اها ملڪ کي مستقل طور آئيني فوجي آمريت قائم ڪرڻ جي ڪوشش آهي.

اسٽيبلشمينٽ کي نئين سر منظم ڪري سياسي ۽ جمهوري قوتن کي ملڪ جي سياست مان نيڪالي ڏيڻ تي عمل پيرا آهي، جنهن ڪري سياسي پارٽين جي دٻاءَ سبب مشرف سرڪار کي آخر ٽن سالن جي عرصي اندر اليڪشن ڪرائڻ جو سپريم ڪورٽ کان فيصلو وٺڻو پيو ۽ 3 سال پورا ٿيڻ کان 2 ڏينهن اڳ 10 آڪٽوبر 2002ع تي اليڪشن جو ڊرامو رچايو ويو تہ جيئن جمهوري دنياجي پريشر کي ماٺ ڪري سندس حڪومت تسلسل سان جاري رکي سگهي. في الحال ان لاءِ ڪنگز پارٽيون مسلم ليگ (ق)، ايس ڊي اي نيشنل الائينس ۽ متحده قومي موومينٽ کي سرڪاري مشنري ڏيئي اليڪشن ۾ کٽرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پرويز مشرف سرڪار جي سمورن وزيرن کي سينيٽر چونڊرائڻ لاءِ (ق) ليگ کي هدايتون ڏنيون ويون آهن، جنهنڪري وڌو امڪان آهي تہ مشرف سرڪار اقتدار تي هر صورت ۾ پنهنجو قبضو ۽ تسلسل جاري رکڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. اهڙيءَ طرح پرويز مشرف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرڪار پنھنجي باقيات کي ملڪ تي مڙھڻ گھري ٿي. رد عمل ۾ حڪومت مخالف سياسي قوتون اي. آر.ڊي، ايم ايم اي ۽ ننڍيا وڏا جمھوريت پسند ۽ قومپرست پارلياماني نمائندا وسيع نظري جو مظاهرو ڪندي حڪومت مخالف مضبوط محاذ ناھڻ ۾ ناڪام وڃي رھيا آھن. جنھن جو فائدو مشرف سرڪار ۽ اسٽيبلشمينٽ کي ٿيندو. ان لاءِ ضروري آھي تہ آئيني ۽ جمھوري حڪومت جي بحالي لاءِ سياسي قوتن کي ننڍين وڏن ذاتي ۽ پارٽي مفادن کي قربان ڪري مضبوط جمھوري محاذ ناھي پرويز مشرف جي ايل ايف او (ليگل فريم ورڪ آرڊر) سلامتي ڪائونسل ۾ 2 عھدا رکي صدر ۽ آرمي چيف ٿيڻ خلاف گڏجي مضبوط ڪردار ادا ڪرڻ گھرجي. في الحال پرويز مشرف سرڪار جي سرسي نظر اچي رھي آھي. مشرف سرڪار جي اختيارن جي ورھاست واري فارمولي کي ترقي پسند پارٽي دوکو قرار ڏئي چڪي آھي ۽ ضلعي حڪومت جي فارمولا کي سنڌ جي قومي وحدت خلاف ھڪ سازش قرار ڏيندي ضلعي حڪومت جي چونڊن جو پاڻ بائيڪاٽ ڪيو ھو. ضلعي حڪومت کي عمل ۾ آئي تقريبن ڏيڍ سال گذري چڪو آھي پر ڪامورا ۽ ناظم اختيارين جي ورھاست تي پاڻ ۾ وڙھيل آھن ۽ پوليس ھڪ بااختيار قوت طور عوام جي زندگين جي مالڪ بڻجي وئي آھي، ٻھراڙين ۾ جاگيردارن ۽ شھرن ۾ دھشتگردن کي ڇوٽ ڏني وئي آھي، جنھن جو اظھار تازو عام چونڊن ۾ ٿي چڪو آھي تہ جتي پ پ جا جاگيردار ضلعي حڪومت جا وارث ھئا، اتي پ پ کٽيو آھي ۽ جتي پ پ مخالف جاگيردار ھئا اتي سرڪار ڪنگز پارٽي کٽيو آھي، وچولي طبقي جي نمائندن جو اڳتي اچڻ ۽ کٽڻ ھاڻي ناممڪن ٿيندو پيو وڃي.

معاشرو سياسي نعري ۽ سياسي پروگرام بجاءِ ذاتيات، خانداني ۽ قبائلي بنيادن تي ورھائجي چڪو آھي، جيڪو مستقبل ۾ تمام گھڻا خطرناڪ نتيجا آڻيندو اسٽيبلشمينٽ جي مرضي آھي تہ عوام سياست کان بيزار ٿي انفراديت پسندي ۽ قبائلي رشتن ڏانھن ڏڪجي وڃي تہ اسٽيبلشمينٽ پنھنجي حاڪميت ۽ قبضو برقرار رکي، غيرسياسي ماحول ۾ عوام چڙواڳ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غير منظم ورهايل ۽ اڪيلائپ جو شڪار هوندو آهي، جنهنڪري ڪابہ ملڪ گير سياسي تحريڪ هلائڻ جي لائق عوام نہ رهندو آهي، اهڙيءَ طرح حڪمران ۽ اسٽيبلشمينٽ عوام جي بنيادي حقن کي سلب ڪندا رهندا آهن. اختيارن جي منتقلي واري ڊرامي مان حڪمرانن جي بديانتي ظاهر ٿي چڪي آهي، سڄو ملڪ ڄاڻي چڪو آهي تہ اختيارن جي منتقلي جي نالي ۾ دراصل صوبن کان اختيار کسي مرڪز ڏي وڌيڪ اختيار منتقل ڪري مضبوط مرڪزيت مڙهڻ جي سازش ڪئي وئي آهي. دراصل هن ملڪ ۾ اصل بحران مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ اختيارن ۽ توازن قائم ڪرڻ جو آهي. حڪمرانن وڏي چالاڪي سان صوبن کي (By pass) ڪري اختيار ضلعن کي منتقل ڪرڻ جو راڳ شروع ڪيو آهي، پر ضلعن جا اختيار بہ نامڪمل ۽ اڻ پورا آهن، جنهن ڪري سماجي بحران جنم ورتو آهي. هن ملڪ جو بنياد ئي پاڪستان ۾ موجود قومي رياستن وڏو هو جيڪڏهن صوبن ۽ قومن جي حيثيت کي تسليم نہ ڪيو ويندو تہ سمجهبو تہ هن ملڪ جي وجود جي ڪابہ حيثيت نہ رهندي، اسٽيبلشمينٽ محڪوم قومن جي عوام جي شعوري طرح ملڪي معاملن ۾ شرڪت ڪرائڻ بجاءِ صوبن ۽ قومن جي وجود کان انڪار جو ڪم پهرين ڏينهن کان جاري رکيو اچي ۽ هن ملڪ کي صرف بندوق ۽ توپ جي زور تي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، مرڪز جي يونين ڪائونسل تائين مداخلت، فنڊن جي مرڪز کان ضلعن ڏانهن سڌي منتقلي خود اختيارن جي منتقلي جي نفي آهي.

سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي کي اڪثريت سان سنڌين کان کسي مني پاڪستان بڻائي غير سنڌين جي حوالي ڪرڻ جي جيڪا انجنيئرنگ ڪئي وئي آهي ان تي سنڌ مٿان قبضو ڪندڙ سموريون ڌريون تہ خوش آهن پر سنڌ جا حقيقي وارث سنڌي ذهني عذاب ۽ غيريقيني ۾ ڌڪيا ويا آهن، سنڌين جي قومي وحدت ٽوڙڻ جو بنياد رکيو ويو آهي، اهو عمل سنڌ ۾ بدامني، نسلي فساد ۽ بربادي ڪٺي ايندو پر حڪمرانن کي ڪابہ ڳڻتي ناهي.

اڄ ڪراچي شهر عملي طرح ڌارين جي قبضي هيٺ آهي ۽ پاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي اتي اوپرا آهيون. ان لاءِ ترقي پسند پارٽي ضلعي حڪومتن کي اختيارن جي ورهاست نہ پر اختيارن جي مرڪزيت قرار ڏئي اليڪشن ۾ حصو نہ ورتو. ٻئي طرف صوبن جي تاريخي ۽ آئيني حقن جي جيڪا لتاڙ ۽ ڦر لٽ ڪئي، جنهن سان سنڌ جي مجموعي سماجي ۽ معاشي صورتحال تي منفي اثر پيا آهن. سنڌ جي معيشت سان جيڪا ويڌن ڪئي وئي آهي ان جو مثال ئي نہ ٿو ملي. اڄ بہ مرڪزي بجيٽ ۾ سنڌ 70 سيڪڙو روينيو ادا ڪري ٿي. اڄ بہ سڄي سنڌ مان تيل، گئس ۽ ڪوئلي وغيره جا نوان ذخيرا روز لڀجي رهيا آهن. پر ان هوندي بہ سنڌ ۾ اڄ بہ نوجوان بيروزگاري سبب خودڪشيون ڪن پيا. بک، بدحالي ۽ بيروزگاري ڪري سنڌ ۾ بدامني ۽ ڌاڙيل ڪلچر عام ٿي چڪو آهي. زراعت سان جيڪا ويڌن پاڻي جي هٽرادو کوٽ ۽ زرعي جنسن جا اگهہ مناسب نہ ملڻ سبب سنڌي زميندارن، آبادگارن ۽ هارين سان ٿي آهي، ان سنڌ جي مجموعي معاشي ترقي کي روڪي ڇڏيو آهي. سنڌ کي ٻي جان ٻوتو بڻايو ويو آهي، ان ڪري سڄي سنڌ نفسياتي طرح ذهني مرض جي وبا ۾ ورتل آهي. حڪمران روزانو خوشحالي جا نوان گيت ڳائي رهيا آهن. سڄي سنڌو درياءَ جو پاڻي ڪئنال ذريعي پنجاب جي زمين ڏي موڙيو ويو آهي، جنهنڪري ٺٽي ضلعي جا ڪاروڇاڻ، ڪيٽي بندر ۽ جاتي تعلقا، بدين جا گولاڙچي ۽ ٽنڊو باگو، ميرپورخاص جو عمرڪوٽ، سانگهڙ جا کپرو ۽ ڄام نواز علي تعلقا، خيرپور جو نارو ۽ فيض گنج، لاڙڪاڻي جو وارهہ ۽ دادو جا جوهي ۽ ڪوٽڙي تعلقا بدترين تباهي ۽ ڏڪار جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. ڪوهستان ۽ ٿر ۾ برسات نہ پوڻ سبب خطرناڪ ڏڪار منهن ڪڍيو آهي. اڳ ۾ ٿر، ڪاڇو ۽ ڪوهستان جا ماڻهو بيراجي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري جانور ۽ انساني زندگيون بچائي سگهندا هئا. پر هاڻ بيراجي علائقا خود بدترين سوڪهڙي ۽ ڏڪار جو شڪار آهن. اهڙي صورتحال ۾ پاڻ سنڌ جي ماڻهن کي گهرجي تہ ڪنڊ ۾ روئڻ، قسمت جو لکيو ۽ مقدر سمجهي عذابن ۽ پيڙاءَ تي چپ ڪرڻ، پنهنجي پالتو چوپائي مال ۽ ابهم ٻارن کي مرندو ڏسي رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ بجاءِ سنڌو درياءَ جي پاڻي لاءِ باقاعده سنجيده جنگ شروع ڪرڻ گهرجي. حڪمرانن جي سنڌي ماڻهن سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جارحيت ۽ مذاق تي سڄي سنڌ کي متحد تي هڪ نعري هيٺ گڏ تي جدوجهد ڪرڻ گهرجي، ڇا اها حڪمرانن جي مزاق ناهي ته سنڌ پاڻي جي کوٽ سبب برباد ٿي رهي آهي، پر حڪمران گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم ذريعي سنڌ کي خوشحال بڻائڻ جا مڪارانا ترانا ڳائي رهيا آهن. سنڌ ۾ موجود بيراجن ۽ ڪئنالن ۾ پاڻي موجود ڪونهي، پر سنڌ سان وڏيڪ مذاق طور ريڻي ڪئنال جي کوٽائي شروع ڪرائي وئي آهي، دراصل ريڻي ڪئنال سنڌين لاءِ ناهي پر فوجي جنرل ۽ ڪرنلن کي سنڌ جون اهي ريگستاني زمينون الاٽ ڪري سنڌ جو باقي بچيل پاڻي به بند ڪري انهن فوجين جي فارمن کي آباد ڪيو ويندو. نتيجي ۾ سنڌ جي سموري ڌرتي ٿر، سحرا ۽ ريگستان بڻجي پوندي، اهو سڀ ڪجهه ننڍين صوبن سان ناانصافي ختم ڪرڻ جي راڳ ۾ ٿي رهيو آهي. اين. ايف. سي ايوارڊ ۾ سنڌ ۽ ٻين صوبن جون سفارشون رد ڪري صرف پنجاب جي مرضي ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ آبادي جي بنياد تي ورهاست جو فارمولو منظور ڪيو ويو آهي. سنڌ 70 سيڪڙو روينيو کي مهيا ڪري ٿي ۽ واپسي ۾ 15 سيڪڙو سنڌ کي ڏنو ويندو آهي، باقي سڀ پاڪستان ۽ وفاق جي نالي ۾ هڙپ ڪيو ويندو آهي، جنهن سان اسٽيبلشمينٽ انساني تباهي جا هٿيار ۽ برباديون خريد ڪندي آهي.

باب الاسلام جي بهاني سان سنڌ کي عالمي يتيم خانو بڻائي سڄي ڏکڻ ايشيا جا رولاڪ سنڌ ۾ آباد ڪيا ويندا آهن. پاڪستان جي ٻين صوبن مان سنڌ ڏانهن مسلسل لڏپلاڻ ۽ غير سنڌين جي آبادڪاري هڪ تسلسل سان جاري رکي وئي آهي. جنهن سان سنڌ ۾ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش تي عمل ٿي رهيو آهي. ان سازش ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ سنڌ ۾ موجود نسلي ٽولا ايم ڪيو ايم، پنجابي پختون اتحاد، بنگالي ۽ برمي تنظيمون ۽ انٽيليجنس ايجنسيون پلاننگ سان سنڌ ۾ ڌارين آبادڪارين کي منظم طريقي سان آباد ڪري رهيا آهن. خاص طور ڪراچي ۾ جتي ڪچين آبادين ۾ رهائڻ ڪانپوءِ انهن کي سموريون شهري سهوليتون مهيا ڪري ڪين شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ جاري ڪيا وڃن ٿا. اهو صرف ان ڪري ڪيو وڃي ٿو ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن سنڌين جي ڪراچي ۾ آبادڪاري روڪجي، روزگار جي سمورن ننڍن وڏن وسيلن تي اهو ڌاريو سستو ليبر مڙهيو وڃي ۽ ڪراچي جي مالياتي سگهه ۽ بين الاقوامي اهميت جو فائدو سنڌ کي نه رسي. ان لاءِ پاڻ گڏريل ڪانگريس ۾ ڌاري آبادڪاري جي سنڌ مان نيڪالي جي گهر ڪري چڪا آهيون ۽ بين صوبن مان ايندڙ ماڻهن کي ورڪ پرمٽ ڏئي انهن کي ڊوميسائيل ۽ ووٽ جو سنڌ ۾ حق نه ڏنو وڃي، ان لاءِ ضروري آهي ته سرڪار سمورن ڌارين جي رجسٽريشن ڪري ۽ انهن کي ظاهر ڪري، ان مسئلي کي به سنڌين جي قومپرست تحريڪن جو بنياد بڻائڻ گهرجي، جو ته مثال پنهنجي سامهون آهي، اڄ ڪراچي جو شهر غيرسنڌين جي آبادڪاري سبب سنڌين جي هٿ مان عملي طرح نڪري چڪو آهي، ڪراچي جو ناظم اعليٰ ڪراچي جا ايم اين اي ۽ ايم پي اي ڪراچي جي ڪاروبار ۽ شهري زندگي ۾ سنڌين جو حصو اٽي ۾ لوڻ برابر آهي، جيڪڏهن سياڻي سڄي سنڌ اندر ڀهراڙين ۾ افغان پناهگير، بنگالي، برمي ۽ هندستان کان مسلسل ايندڙ ماڻهن ۽ ملڪ جي ٻين صوبن مان ايندڙ پنجابي پناڻ مستقل آباد ٿيندا رهندا ڊوميسائيل ۽ ووٽ جو حق استعمال ڪندا رهندا ته سڄي سنڌ پاڻ لاءِ ڪراچي وانگر اوپري بڻجي پوندي اهو ڪائنات جو اصول اهي ته جيڪا قوم پنهنجي تاريخ ۽ بقا جي خود محافظ نه ٿي بڻجي اُها قوم خود مٽي ۾ دفن ٿي ويندي، ان لاءِ سنڌين کي ماضي جي قوم بڻجڻ کان بچائڻ لاءِ ترقي پسند پارٽي کي پاڻي جي جدوجهد سان گڏ ڌارين جي آبادڪاري خلاف به عملي جدوجهد شروع ڪرڻ گهرجي. سنڌين لاءِ زندگي جي سمورن شعبن ۾ مشڪلاتون پئدا ٿي پيون آهن ۽ سنڌين جي سنڌ تي مالڪي ۽ حاڪميت جي دعوي به ڌارين جي آلودگي ۾ ڏنڌلي ٿيندي پئي وڃي. اهڙي سڄي صورتحال ۾ 10 آڪٽوبر تي ملڪ ۾ جنرل اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو هو اليڪشن کان پرويز مشرف پاڻ کي نام نهاد ريفرنڊم ذريعي ملڪ جو صدر چونڊرائي چڪو هو ۽ اهو اعلان ڪيو ويو ته جنرل پرويز مشرف صدر سان گڏوگڏ بحيثيت چيف آف آرمي اسٽاف جو عهدو به برقرار رکندو ته جيئن سمورا اختيار صدر جي هٿ هيٺ هجن. ان سان گڏوگڏ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليگل فريم ورڪ آرڊر متعارف ڪرايو ويو جنهن ۾ صدر جا 58 (2) بي جا اختيار ڏنا ويا، جنهن ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جا اختيار صدر وٽ هوندا. سلامتي ڪائونسل جي مقرري جيڪو دراصل پارليامينٽ کان بہ بالاتر ادارو هوندو ۽ آئيني ادارن جا سربراه مقرر ڪرڻ جا اختيار صدر صاحب وٽ رهندا، جنهن ڪري پارليامينٽ کي صرف ربڙ اسٽيمپ جي حيثيت هوندي. ان کانپوءِ مسلسل آرڊيننس جاري ٿيندا رهيا. پوليٽيڪل پارٽيز آرڊر گريجوئيشن جا شرط ۽ ٽيون ڀيرو وزيراعظم نہ ٿيڻ جا ڪارا قانون ٺاهيا ويا آهن تہ جيئن سياسي عوامي حمايت رکندڙ پارٽين کي اقتدار ۾ اچڻ کان روڪي سگهجي. سرڪار جي اهڙن قانونن جي شرطن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي چالاڪين جي وڪڙ ۾ پاڻ کي ڦاسائيندي ان حد تائين پهتيون جو ملڪ جي وڏي سياسي پارٽي پ پ کي پنهنجو نالو قيادت ۽ سياسي پروگرام تبديل ڪرڻو پيو. نواز شريف کي مسلم ليگ جي قيادت تان هٽ ڪٽڻو پيو. ايتري مصلحت کان پوءِ بہ بينظير ۽ نواز شريف پاڻ اليڪشن ۾ حصي وٺڻ جي اهل ٿي نہ سگهيا. بنهي اڳواڻن کي اليڪشن کان ٻاهر رکڻ جي لاءِ سرڪار سمورا قانون ٺاهيا ۽ سرڪار ان عمل ۾ ڪامياب وئي پر سياسي پارٽيون سرڪار کي ڪجھ بہ رد ڏئي نہ سگهيون. دراصل اها سڄي اليڪشن راند حڪمرانن سندن ضابطن ۽ مرضيءَ مطابق ڪيڏي ۽ نتيجا بہ پنهنجي مرضيءَ جا آندا ويا. ترقي پسند پارٽي جو ليگل فريم ورڪ آرڊر ۽ ڪارن قانونن آڏو ڪان اڳئي اهو مؤقف هو تہ پونم کي ملڪ جي سيني قومپرستن جو گڏيل اليڪشن اتحاد طور اليڪشن ۾ حصو وٺڻ گهرجي تہ جيئن ملڪ جي سمورن قومپرست سوچ رکندڙ عوام جي ووٽ کي گڏ ڪري اليڪشن ۾ نئون محاذ متعارف ڪرايو وڃي.

اي آر ڊي متحده مجلس عمل سان گڏوگڏ پونم کي ٽين سياسي قوت طور ميدان ۾ آندو وڃي، پر سنڌ مان ٻن نمائندن جلال محمود شاھ ۽ ممتاز ڀٽو جي پارٽي جي نمائندگي ڪندڙ گل محمد جکراڻي هميشہ پونم گڏجاڻين ۾ ان مؤقف جي مخالفت ڪئي تہ پونم کي قومپرستن جي گڏيل ڪاز طور اليڪشن ۾ حصو نہ وٺڻ گهرجي ۽ هر پارٽي کي آزاد ڇڏيو وڃي تہ هو مقامي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صورتحال مطابق پنهنجو ڪردار ادا ڪن. ٻنهي صاحبن کي شايد حڪمرانن طرفان پڪ هئي تہ هو ڪنگز پارٽي جو حصو بڻجندا تہ نہ صرف کين ڪٽرايو ويندو پر اليڪشن کان پوءِ کين سنڌ حڪومت يا مرڪز ۾ ڪي خاص ذميواريون بہ ملنديون پر شايد سرڪار ۽ ايجنسين جو بنيادي مقصد پونم کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ هو جنهن ۾ هو ڪامياب ٿيا. پر فرنٽ ۽ جلال شاهہ ويچارا اليڪشن ۾ هارائي ويا. پونم جي روايت ۾ شامل آهي تہ هر فيصلو متفقہ بنيادن تي ڪيو ويندو آهي. اختلافي مسئلن کي ڊراپ ڪيو ويندو آهي. جنهنڪري اليڪشن ۾ پونم پليٽ فارم تان اليڪشن وڙهڻ جو فيصلو ٿي نہ سگهيو. "ايل ايف او" اعلان ٿيڻ کان پوءِ ترقي پسند پارٽي جو مؤقف هو تہ هي سرڪارءِ اسٽيبلشمينٽ اليڪشن جي نالي ۾ جمهوريت سان مذاق ڪرڻ گهرن ٿيون, ان ڪري سرڪار جي بدترين شرطن تي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ خود جمهوري جدوجهد جي نفي آهي. ان لاءِ پونم کي اها مهم هلائڻ گهرجي. تہ اي آر ڊي متحده مجلس عمل ۽ پونم اهڙي نام نهاد اليڪشن جو ايڪتو بائيڪاٽ ڪري پرويز مشرف سرڪار خلاف جدوجهد شروع ڪجي, ڪنهن بہ صورت ۾ نام نهاد اليڪشن ٿيڻ نہ ڏجي. جيستائين هي سرڪار ڪارا قانون ۽ شرط واپس وٺي سياسي ڌرين جي شرطن ۽ موجوده آئيني تقاضائن جي مطابق غيرجانبدار انتظاميا ذريعي غيرجانبدارانا ۽ منصفانا چونڊن جو انتظام نہ ٿي ڪري, چو تہ پونم جو مؤقف آهي تہ حڪومت سپريم ڪورٽ جي انهن ججن حوالي ڪئي وڃي, جن پي سي او تحت قسم نہ کڻي استعيفئ ڏئي ڇڏي, پر افسوس سڄي ملڪ جي سياسي رواروي ۽ تڪڙ ۾ هر سياسي ڌر پنهنجي پنهنجي حصي حاصل ڪرڻ ۽ پارٽي سيٽون محفوظ ڪرڻ جي عمل تي ڪاربند رهندي جمهوريت جي مقصدن تي مصلحت اختيار ڪئي, جنهن سبب سنڌ ترقي پسند پارٽي احتجاجي طور اليڪشن ۾ حصو نہ وٺڻ جو اعلان ڪيو. سڄي ملڪ ۾ دنيا آڏو واضح ڪيو تہ ٿيندڙ هن اليڪشن جو جمهوريت جي بحالي سان ڪوبہ تعلق ڪونهي, هي اليڪشن صرف ووٽ جي نالي ۾ جمهوريت سان دوکو هوندي, هن اليڪشن ۾ زبردست ڌانڌلي ڪئي ويندي,

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اليڪشن جي نتيجي ۾ وجود ۾ ايندڙ پارليامينٽ بااختيار نہ هوندي، پارليامينٽ جي مدي پوري ڪرڻ جي ڪابہ پڪ نہ هوندي، سرڪار پنهنجي مرضيءَ جا نتيجا ڪڍي سموري آمريت ۽ لٽ ڦر کي جمهوريت جي نالي ۾ جائز قرار ڏئي عوام جا بنيادي حق غصب ڪندي. ترقي پسند پارٽيءَ جو تجزيو پهرئين مرحلي ۾ سچو ثابت ٿيو آهي، ترقي پسند پارٽي جي مؤقف جي يورپي يونين جي وفد ۽ ڪامن ويلٿ اليڪشن ڪان پوءِ تائيد ڪئي آهي، جنهن سبب ڪامن ويلٿ پاڪستان سرڪار جي ميمبر شپ معطل ئي رکي آهي. سرڪار جي جانبداري ظاهر ٿي چڪي آهي. گريجوئيشن جو شرط رکي ان ڪان پوءِ فوري مولوين جي مدرسي جي ڊگري ۽ فوجي آفيسرن جي ڊگري کي گريجوئيشن جي برابر قرار ڏنو ويو ڇا اها جانبداري ناهي؟ سرڪار جي حمايت ڪندڙ ڪنگز پارٽين جا اميدوار جيڪي ضلعي حڪومتن جي چونڊ ۾ ميٽرڪ فيل هجڻ سبب ڊس ڪواليفائيڊ ٿي ويا هئا. هڪ سال ڪان پوءِ انهن ئي اميدوارن جي ڪوڙي گريجوئيشن ڊگري قبول ڪري اليڪشن وڙهڻ جو حق ڏيئي ڪين ڪٽرايو ويو. اهو خود حڪمرانن جي پنهنجي ٺاهيل قانونن جي خود توهين ڪرڻ جي برابر آهي، پر سرڪار سندن حمايتن کي ڪٽائڻ لاءِ هر قسم جي قانوني ۽ آئيني لتاڙ جاري رکي. اليڪشن ڏينهن جهڙيءَ طرح سرڪاري مشنري، گورنرن ۽ پوليس سرڪاري اميدوارن جي حق ۾ ڏانڌليون ڪيون، ان جو مثال ماضيءَ ۾ نہ ٿو ملي. نتيجي ۾ اليڪشن جي شام نتيجا اچڻ سان ئي بينظير، نواز شريف، ايم ڪيو ايم توڙي متحده مجلس عمل سميت پونم جي قومپرست ڌرين سرڪار تي اليڪشن ۾ جانبداري ۽ ڏانڌلين جو الزام هڻي نئين سر اليڪشن جي گهر ڪئي، سرڪار پنهنجي خواهش مطابق ڪمزور، ورهايل، لٽڪيل پارليامينٽ وجود ۾ آڻي چڪي آهي، رڳو پارليامينٽ ڪونهي، پر سموريون پارٽيون ۽ نمائندا بہ لٽڪيل آهن. اقتدار تي اسٽيبلشمينٽ جو مضبوط قبضو ۽ سياسي پارٽين کي نالي ماتر اقتدار ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ ميوزڪ چيئر راند شروع ٿي چڪي آهي. جيڪا بہ ڌر گهٽ کان گهٽ شرط ۽ موجوده رجيم جي حاڪميت قائم رکڻ جي گارنٽي ڏيندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظاهري ڪرسي ان حوالي ڪٺي ويندي پر اقتدار اعليٰ اسٽيبلشمينٽ وٽ يرغمال ڪيل هوندو. پارليامينٽ نالي ماتر وجود ۾ ايندي پر قانون سازي، آئين سازي، چيڪ ۽ بيلنس ۽ سلامتي ڪائونسل يا وردي واري صدر جي اختيار ۾ هوندا، جنهن سان ملڪ ۾ وري ٿوري ئي عرصي ۾ نئون بحران پيدا ٿيندو. اهو خدشو آهي تہ موجوده حڪومت ۽ پارليامينٽ ڏيڍ سال کان ٻن سالن جي عرصي ۾ پنهنجو وجود وڃائي ويهندي.

متحده مجلس عمل جو ڪٿڻ ۽ ايتريون سيٽون کٽڻ ۾ عوام جو ڪوبہ ڪردار ناهي. پر اسٽيبلشمينٽ جي قدامت پسند ڌڙي آءِ ايس آءِ جي رٽائرڊ ٽيم ۽ اسامہ بن لادن جي پٺسن جو ڪمال آهي جو ايم. ايم اي بہ ملڪ جي ٽين وڏي سياسي قوت طور ميدان تي آندي وئي آهي تہ جيئن لبرل ۽ سيڪيولر جمهوري ڌرين کي ڌمڪائي خاموش ڪري سگهجي، هڪدم پاڪستان کي الجزائر بڻائڻ جون ڳالهيون هلي رهيون آهن.

سرڪار جي چالاڪي ۽ مڪاري جو ان مان اندازو ڪجي تہ ڪابہ ڌر واضع اڪثريت ۾ ناهي آندي وئي، سرڪاري جماعتن کي بہ اڪثريت ۾ نہ آندو ويو آهي، ڇو تہ اسٽيبلشمينٽ نواز شريف کي 97 جي هيوي مينڊيٽ ڏيڻ جي غلطي تي پشيمان آهي. نواز شريف اقتدار کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ کان پوءِ اسٽيبلشمينٽ کي جيڪي زخم ڏنا اهي رسيل زخم اڃا تائين ڇٽا ناهن. اسٽيبلشمينٽ ۽ سرڪار ان ڪري ڪنهن بہ سياسي اڳواڻ يا پارٽي کي اڪثريت جي طاقت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. پارليامينٽ جي اجلاس سڏائڻ ۾ دير ڪرڻ، جوڙ توڙ ۽ نوان قانون آڻڻ کان پوءِ بہ صورتحال سولي نہ پئي جڙي، جنهنڪري اسٽيبلشمينٽ ڊيڊ لاڪ جا راڳ ڳائي سياسي پارٽين کي ڊيڄاري رهي آهي تہ جيئن سياسي پارٽيون جلد کان جلد حڪمرانن جي ڪمزور شرطن تي اقتدار ۾ شريڪ ٿين ۽ سياسي پارٽيون بہ ٻيهر اليڪشن لاءِ وري 6 مهينا ۽ سال انتظار ڪرڻ ۽ اليڪشني خرچ کان بچڻ لاءِ سرڪار سان نئين سر جوڙ توڙ ۽ مصلحت بازي ۾ مصروف آهن. حڪومت ڪير بہ ٺاهي، نتيجو ساڳيو اچڻو آهي، جيڪو ترقي پسند پارٽي اليڪشن جي بائيڪاٽ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سببن ۾ ڇانٽائي چڪي آهي. جيئن تہ اليڪشن سياسي سرگرمي آهي، عوام جي اڪثريت ان ۾ سرگرم رهندي آهي، ان لاءِ ترقي پسند پارٽي اصولي مؤقف تي اليڪشن ۾ حصي نہ وٺڻ جو اعلان ڪندي اهو واضح ڪيو هو تہ جيڪو اميدوار جمهوريت جي بحالي ۽ سنڌ جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي ڪردار جي ضمانت ڏيندو، ان جي حمايت لاءِ ترقي پسند پارٽي ويچار ڪندي. ترقي پسند پارٽي سنڌ جي بقا ۽ سنڌ جي حاڪميت سنڌين وٽ قائم رکڻ لاءِ 11 نقاطي فارمولا متعارف ڪرايو تہ سنڌ ترقي پسند پارٽي سنڌ جي قومي مفادن، جمهوريت ۽ عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي اهڙين ڌرين ۽ اميدوارن جي حمايت ڪندي جيڪي:

1. ڪنگز پارٽين يا اتحادين جو حصو نہ هوندا.
2. ملڪ جي انٽيليجنس ايجنسين ۽ اسٽيبلشمينٽ جي اشارن تي ڪم ڪندڙ نہ هوندا.
3. جيڪي سنڌ کي مڪمل صوبائي خودمختياري ڏيارڻ لاءِ چونڊيل ايوانن اندر توڙي ٻاهر پنهنجو سرگرم ڪردار ادا ڪندا.
4. جيڪي اميدوار سنڌ جي دائمي طور حاڪميت کي سنڌين جو ڪائناتي حق سمجهندي ان کي قائم رکڻ ۽ ان لاءِ آئيني تحفظ حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندا.
5. ايم ڪيو ايم سان ڪابہ اهڙي سوديبازي نہ ڪندا، جنهن سان وڏ وزارت ايم ڪيو ايم حوالي ٿي وڃي ۽ سنڌين جو حق حاڪميت کسجي وڃي.
6. سنڌو درياءَ تي سنڌ جو اولين حق تسليم ڪندي سنڌ جي پاڻي واري جدوجهد ۾ ساٿ ڏيندو ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جهڙن سنڌ دشمن منصوبن کي رد ڪرائڻ لاءِ اسيمبليءَ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جو يقين ڏياريندو.
7. جيڪي اميدوار سنڌ جي معدني ۽ ٻين مالي وسيلن کي سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ملڪيت ميجرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

8. سنڌ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ 35 لک پرڏيهين جي سنڌ مان نيڪالي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جو يقين ڏيارينداٰ.

9. سنڌي ٻولي کي سنڌ جي واحد سرڪاري زبان جو درجو ڏيارڻ لاءِ جاکوڙينداٰ.

10. سنڌ جي روزگار وارن وسيلن تي پهريون حق سنڌين جو تسليم ڪرائڻ ۽ بيروزگار سنڌي نوجوانن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جو يقين ڏيارينداٰ.

11. جيڪي جيڪي اميدوار سنڌ جي پيرا ملٽري فورس ٺهرائڻ لاءِ پارليامينٽ ۾ قانونسازي ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندا.

انهن بنيادن تي هيٺين اميدوارن جي اليڪشن ۾ مدد ڪئي وئي.

ٽڪ	ضلعو/تعلقو	اميدوار	پارٽي	نتيجو
اين اي 208	جيڪب آباد	مير اعجاز حسين جکراڻي	پ پ پ	ڪامياب
اين اي 211	نوشهروفيروز	ذوالفقار بهڻ	پ پ پ	
اين اي 214	نوابشاهه	سيد غلام مصطفيٰ شاهه	پ پ پ	ڪامياب
اين اي 221	حيدرآباد	سيد امير علي شاهه جاموٽ	پ پ پ	ڪامياب
اين اي 222	حيدرآباد	سيد نويد قمر الزمان شاهه	پ پ پ	ڪامياب
اين اي 231	دادو	نواب غني ٽالپر	پ پ پ	ڪامياب
اين اي 236	سانگهڙ	محمد خان جوڻيجو	مسلم ليگ (ف)	ڪامياب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اين اي 237	ٺٽو	عبدالواحد سومرو	پ پ پ	
اين اي 238	ٺٽو	ارباب وزير ميمڻ	پ پ پ	
اين اي 224	بدين	غلام علي نظاماڻي	پ پ پ	ڪامياب
اين اي 225	بدين	فهميده مرزا	پ پ پ	ڪامياب
اين اي 253	ڪراچي	مولانا اسد الله ڀٽو	مجلس عمل	ڪامياب
اين اي 258	ڪراچي	عبدالحڪيم بلوچ	راڄوڻي اتحاد	

صوبائي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ هيٺين اميدوارن جي حمايت ڪئي وئي

تڪ	ضلعو/تعلقو	اميدوار	پارٽي	نتيجو
پي ايس 12	شڪارپور	جنيد سومرو	پ پ پ	
پي ايس 23	مورو	رياض احمد جمالي	پ پ پ	
پي ايس 24	نوابشاهه	طارق مسعود آرائين	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 27	نوابشاهه	غلام قادر چانڊيو	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 28	نوابشاهه	سردار چاڪر تماچي انڙ	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 36	لاڙڪاڻو	احمد علي شيخ	آزاد	
پي ايس 42	لاڙڪاڻو	نجم الدين ابڙو	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 44	حيدرآباد	مخدوم فضل حسين	پ پ پ	
پي ايس 47	قاسم آباد	زاهد حسين پرڳڙي	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 52	حيدرآباد	امداد حسين پتافي	پ پ پ	
پي ايس 56	بدين	پير امجد علي	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 57	بدين	حاجي عبدالڪريم پرڳڙي	پ پ پ	
پي ايس 58	بدين	ڊاڪٽر سڪندر منڌرو	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 59	بدين	محمد نواز چانڊيو	پ پ پ	ڪامياب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حلقو	ضلعو	اميدوار	پارٽي	نتيجو
پي ايس [illegible]	بدين	محمد عثمان ڀرڳڙي	آزاد	
پي ايس [illegible]	سجاول	ڊاڪٽر شوڪت ...	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 72	دادو	سيد ... علي شاهه	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 74	دادو	...	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 75	دادو	قاضي شفقت ...	پ پ پ	
پي ايس 76	دادو	غلام قادر ...	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 79	سانگھڙ	سيد نويد قمر شاهه	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 80	سانگھڙ	عابد حسين ...	پ پ پ	
پي ايس 82	عمرڪوٽ	امام الدين شوقين	مسلم ليگ ف	ڪامياب
پي ايس 83	شهدادپور	سيد ... حسين ...	پ پ پ	
پي ايس 84	ٺٽو	... غلام حسين ...	پ پ پ	
حلقو	ضلعو	اميدوار	پارٽي	نتيجو
پي ايس 85	ٺٽو	مستي خان ...	پ پ پ	ڪامياب
پي ايس 86	ٺٽو	غلام رحماني	پ پ پ	
پي ايس 87	ٺٽو	غلام رحماني	پ پ پ	
پي ايس 67	پشورو	مراد راڄڙ	پ پ پ	
پي ايس 108	ڪراچي	محمد سليم هنگورو	پ پ پ (ش) ڀ	
پي ايس 126	ڪراچي	بلوچ خان ...	پ پ پ	
پي ايس 67	ٺرڪي	ميان فاروق ...	آزاد	

صوبائي اسيمبلي تي 33 اميدوارن مان 13 اميدوار ڪامياب ٿيا.

اليڪشن کان اڳ وڏي چالاڪي سان سنڌ ۾ سنڌين کان حاڪميت کسي غير سنڌين حوالي ڪرڻ لاءِ سرڪار ۽ چند نام نهاد ويڪائو دانشورن ۽ ڪوڙن ويڪائو سرڪاري قومپرستن کي گڏي ايم ڪيو ايم جي صورت ايم ڪيو ايم کي متحده قومي موومينٽ جو نالو ڏئي الطاف حسين کي ٽنگن ۾ پاجامو ۽ مٿي ۾ سنڌي ٽوپي ۽ ڪلهن تي اجرڪ پهرائي سڄي سنڌ ۽ سنڌين جو قومي اڳواڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، سنڌ جي حاڪميت جو حق سنڌين کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪسڻ جو پلان ٺاهيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي حاڪميت ۽ مالڪي جي نمائندگي هڪ دهشتگرد خوني تنظيم ايم ڪيو ايم حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان لاءِ ايم ڪيو ايم جي نسل پرست دهشتگرد روپ کي سنڌين جو سچڻ ۽ محافظ طور پيش ڪرڻ لاءِ پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي لکين روپيا خرچ ڪيا ويا تہ جيئن سنڌي ايم ڪيو ايم جي دهشت ۽ وحشت کان مرعوب ٿي ايم ڪيو ايم کي سنڌ جو نمائندو قبول ڪن. سنڌ جي نام نهاد قومپرست پارٽي جيڪا هميشہ پاڪستان ٽوڙڻ جا نعرا هڻي بي حال ٿي پوندي آهي، سنڌو ديش ٺاهڻ جا اعلان ڪندي رهي آهي، "جيئي سنڌ قومي محاذ" بشير قريشيءَ جي قيادت ۾ ايم ڪيو ايم جي ايتري حمايت، پٺڀرائي ۽ وڪالت ۾ ايترو تہ اڳتي نڪري وئي جو سنڌ جو وجود بہ کين الطاف حسين کان هلڪو لڳو. انهن اوتري سنجيدگي سان ڪڏهن سندن سنڌو ديش جي وڪالت بہ نہ ڪئي. جسقم وارا جيڪي پونم کي پاڪستان بچائڻ وارن جو اتحاد چئي شامل ٿيڻ کان انڪار ڪندا رهيا آهن، پر ايم ڪيو ايم جي اسٽيج تي پاڪستان جي سبز حلالي پرچم جي ڇانو ۾ پاڪستان جي حفاظت جا عهد الطاف حسين کان ٻڌندا ۽ ان جي تائيد ڪندا رهيا. تاڙيون وڄائيندي الطاف حسين کي سائين جي. ايم سيد کان بہ مٿانهون درجو ڏيندا رهيا. اخباري بيانن ذريعي ايم ڪيو ايم جي نمائندي کي وزيراعليٰ بڻائڻ لاءِ راهہ هموار ڪندا رهيا. ايتري ڪوشش ايم ڪيو ايم طرفان نہ پئي ڪئي وئي، جيتري جسقم جي بشير قريشي طرفان سنڌ تي غير سنڌي ۽ دهشتگردن جي نمائندي کي وزيراعليٰ ڪرائڻ جا زور لڳايا ويا. عقل کان وانجهيل ماڻهو قومي بقاءَ جي تاريخ کان اڻ واقف ماڻهن کي ايترو بہ علم ناهي تہ قومن جي بقاءَ جي ويڙهہ ۾ (Right of Role) حق حاڪميت جي ڇا اهميت هوندي آهي، ملائيشيا ۾ ملائي قوم اقليت ۾ هوندي ڪيئن حاڪميت جو حق محفوظ رکيو آهي. اهو انهن اڳواڻن کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ڏسڻ گهرجي. ڄام صادق جي حڪومت جي زماني ۾ 1991ع ۾ طارق جاويد مهاجر کي جڏهن قائم مقام وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو هو ان وقت احتجاج طور ترقي پسند پارٽي ٽن ڏينهن جي اعلانيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاڳيتي هڙتال ڪري سنڌ جي حاڪميت جو تحفظ ڪرڻ جو آغاز ڪيو هو ۽ طارق جاويد مهاجر کان وزارت اعليٰ ڇڏائڻ تائين جدوجهد جاري رکي ته هاڻ ترقي پسند پارٽي حاڪميت جي سوال تي خاموشي ڪيئن اختيار ڪري سگهي ٿي. مٿئين صورتحال کي نظر ۾ رکندي جڏهن سنڌ ۽ سنڌين جي بقا ۽ حاڪميت جو سوال بنيادي سوال بڻيو ته اسان پ پ سان ننڍيا وڏا اختلاف في الحال وساري پ پ جي حمايت ڪئي ته جيئن سنڌي ووٽ تقسيم نه ٿي وڃي ۽ حاڪميت ڌارين حوالي ٿي وڃڻ کان بچائجي.

الله تعاليٰ سنڌي عوام کي حاڪميت بچائڻ جي جنگ ۾ سوڀارو ڪيو ترقي پسند پارٽي پاران ڪنگز پارٽين جي هر حالت ۾ مخالفت جاري رکي وئي. ڇو ته ڪنگز پارٽيون خود ايم ڪيو ايم جي وزيراعليٰ لاءِ راهه هموار ڪري رهيون هيون. تازو اليڪشن کان پوءِ به ايس ڊي اي وفد ۾ امتياز شيخ، جلال محمود شاهه، ارباب رحيم ۽ مرتضيٰ جتوئي ايم ڪيو ايم جي نائين زيرو تي وڃي ايم ڪيو ايم کي وزارت اعليٰ ڏيڻ لاءِ کلي پيشڪش ڪري رهيا آهن. ان هوندي به سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي حڪومت نه ٺهي سگهي. سو ايم ڪيو ايم کي پ پ سان گڏجي حڪومت ٺاهڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي ته وزارت اعليٰ قبضي ڪرڻ جا ايم ڪيو ايم جا خواب تعبير ٿي نه سگهيا. هاڻي پيپلز پارٽي کي گهرجي ته هو سياسي تدبر کان ڪم وٺي ايم ڪيو ايم جي بليڪ ميلنگ ۽ دٻاءَ کان بچي. ڇو ته ايم ڪيو ايم جا بينر ۽ جهنڊا مشرف آڏو لهرائي رهيا هئا. الطاف حسين پرويز مشرف جي حياتي بچائڻ لاءِ سڄي دنيا کي اپيل ڪئي هئي، پر ريفرنڊم جي رات لين دين جي معاملي تان ايم ڪيو ايم مشرف جي ريفرنڊم جي ظاهري حمايت جو اعلان واپس ورتو جڏهن ته اندرون خانه مهاجرن کي ريفرنڊم ۾ حصو وٺڻ جو چيو ويو. ان لاءِ پ پ کي سڄي سنڌ جي عوام ووٽ ان لاءِ ڏنو آهي ته پ پ سنڌ جي تاريخ ۽ بنيادي حقن تي ڪابه سوديبازي نه ڪندي، انهن حقن جو تحفظ ڪري ماضيءَ جي غلطين مان سبق سکندي، اقتدار حاصل ڪرڻ جي تڪڙ کان پاسو ڪندي ۽ جمهوري روايتن جي امين بڻجي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي. ان لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چو نہ ڪٽي اقتدار جي قرباني ڏيڻي پوي. ايم ڪيو ايم جي شرطن آڏو گوڏا کوڙڻ، اڌ وزارتون ايم ڪيو ايم حوالي ڪرڻ، گورنر چيف سيڪريٽري يا آءِ جي انهن جي مرضي جا رکڻ سبب ماضيءَ ۾ بہ سنڌ کي بيحد نقصان ٿيو آهي، ان لاءِ ضروري آهي تہ ايم ڪيو ايم کي محدود دائري ۾ رکيو وڃي. سنڌ جي حاڪميت، ڪراچي ۾ سنڌين کي تحفظ ۽ ڌارين جي نيڪالي، اين ايف سي ايوارڊ، پاڻي ۽ صوبائي خودمختياري جي مسئلن تي ڪابہ سوديبازي نہ ڪرڻ کپي. جنهن سان سنڌي عوام جو ويساھ مضبوط ٿيندو. سنڌ ۾ امن ۽ ڀائيچاري جي فضا قائم ٿيندي، بک، بيروزگاري ۽ مشڪلاتن ۾ ڪمي جو امڪان ٿيندو.

ايم ڪيو ايم جو الطاف حسين تہ وزيراعظم ٿيڻ جا خواب ڏسي رهيو هو سڄي سنڌ جي ڀھراڙين ۽ سڄي ملڪ ۾ اڪثريتي نمائندا ڀيھاري پاڻ کي سنڌ ۽ جمهوريت جو چيمپيئن بڻائڻ جو ڊرامو ڪيو ويو پر عوام ايم ڪيو ايم جي نمائندن جي ضمانت ئي ضبط ڪرائي ڇڏي. آفتاب شيخ ۽ نسرين جليل کي بہ شڪست ڏسڻي پئي. آفتاب شيخ سندس انٽرويو ۾ چيو هو تہ جيڪڏهن سنڌين اسان کي ووٽ ڏنو تہ سمجهو تہ انهن اسان کي سمورا خون، عصمت درين ۽ دهشتگردي جا واقعا معاف ڪري ڇڏيا آهن. پر هاڻ نتيجن کان پوءِ ايم ڪيو ايم کي ياد ڪرڻ گهرجي تہ سنڌي عوام جو فيصلو آهي تہ ڪنهن بہ دوکي ۽ مڪاري ۾ چند فردن جي وڪامجي وڃڻ تي قومون پنهنجا تاريخي پلوَ حساب ڪتاب ڪانسواءِ نہ ڇڏينديون آهن. سڄي سنڌ جي عوام کي سنڌي نام نهاد قومپرستن تي حيرت آهي تہ ايم ڪيو ايم جي مختلف اڳواڻن وڏي سڏ اعلان ڪيا، تقريرون ڪيون ۽ انٽرويوز ۾ واضح چيو تہ ايم ڪيو ايم پنهنجي بنيادي پروگرام تان هٽ نہ ڪنيو آهي، اڄ بہ مهاجر جا حق ۽ ٻهارين جي سنڌ ۾ آبادڪاري انهن جي سياست جا ترجيحي پروگرام آهن، پوءِ بہ اهڙي صورتحال ۾ ويڪائو سنڌين جو ايم ڪيو ايم سان شامل راءِ هجڻ سواءِ قومي غداري جي ٻيو ڇا تو ٿي سگهي؟ چند خصوصي مفادن ڪري ڌارين دهشتگردن کي سنڌ جي حاڪميت تي مڙهڻ ڌرتي ۽ قوم سان غداري آهي، نام نهاد آزادي پسندن جي ان عمل مان ظاهر ٿئي ٿو تہ انهن جي سياست، انهن جا نعرا صرف حقيقي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قومپرست انقلابي ۽ جمهوري سياست جي رستي روڪڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. ان لاءِ اهي سرڪاري قومپرست سنڌ دشمن سان گڏ نظر اچن ٿا پر ترقي پسند پارٽي جا حلقا دشمن نظر اچن ٿا. ترقي پسند پارٽي جي اليڪشن پاليسي ۽ پ پ جي حمايت سان عوامي سطح تي سنڌ جي حاڪميت جي دفاع جو تاثر مضبوطي سان عوام جي ذهن تائين پهتو ان ڪري عوام اليڪشن ۾ شعوري شرڪت ڪئي نه ته شايد ٽرن آئوٽ اڃا به گهٽ هجي ها. مجموعي طرح ٽرن آئوٽ 25 سيڪڙو مشڪل هو سرڪار ان کي 42 سيڪڙو ظاهر ڪيو آهي. ان ۾ به سنڌ جي عوام طرفان ووٽ اڪثريت سان پ پ کي وڌو ويو. پر رياستي مشنري جي حمايت سان جنهن جنهن اميدوارن ڏاڍ مڙسي ذريعي ڏانڌلي ڪئي، اتي پ پ کي زبردستي هاريو ويو. ان مان ان ڳالهه جو اطمينان ٿئي ٿو ته عام سنڌي ماڻهو تعليم، سياسي تنظيم ڪاري ۽ تربيت جي کوٽ جي باوجود به سنڌ جي قومي بقا جي مسئلن تي تمام گهڻو سنجيده ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهي ٿو. موجوده اليڪشن ۾ عوام جو اهو ڪردار حب الوطني جي شعور جو هڪ عام مثال آهي.

مٿئين سڄي بحث کان پوءِ هاڻ ترقي پسند پارٽي جو جائزو وٺنداسين، جيئن ته پونم جي سنڌ جي قيادت ترقي پسند پارٽي وٽ آهي، ان لاءِ ترقي پسند پارٽي سنڌ ۾ پونم جي سمورن اتحادين کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هر وقت سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ سرگرم عمل رهي آهي. پونم جي مرڪزي چونڊن ۾ سردار عطاءُ الله مينگل صدر ۽ محمود خان اچڪزئي نائب صدر هئا. سردار صاحب جي نه هجڻ سبب قائم مقام صدر جون ذميواريون محمود خان ادا ڪندو رهيو آهي. جنرل سيڪريٽري جلال محمود شاهه کي چونڊيو ويو اتر پختون خواهه جي 6 ضلعن ۾ پونم پروگرامن جي سلسلي ۾ عوامي گڏجاڻين ۾ هر وقت سياسي موقف ملڪي سياسي ۽ جمهوري مسئلن تي وقت سر عوام اڳيان رکيو ويو سنڌ جي به ڪجهه ضلعن، ڪراچي، ميرپورخاص، بدين، دادو نوشهروفيروز، سانگهڙ، ٿرپارڪر، نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾ عوامي رابطن جا جلسا ڪيا ويا. پاڪستان جي صدر جنرل پرويز مشرف طرفان خود پونم جي اصولي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موقف کي عوام ۾ پذيرائي ملي پوئنم جو موقف هو تہ جنرل فوج کي سياست مان ڪڍي بيرڪن ڏانهن واپس موڪلڻ بابت ڪو مشورو ڪري تہ پوئنم تيار آهي. باقي صدارتي ريفرنڊم يا پرڏيهي پاليسين تي جڏهن اسٽيبلشمينٽ سياسي پارٽين جي ڪنهن بہ موقف تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ صرف صدر جي ڊڪٽيشن ٻڌڻ ۽ فوٽو ڪيڊرائڻ لاءِ پوئنم صدر مشرف سان ملاقات نہ ڪندي.

ترقي پسند پارٽي بہ پنهنجي ساليانی يوم مادر وطن جي موقعي تي صدارتي ريفرنڊم جي مخالفت ۾ تمام وڏو عوامي جلسو ڪيو جنهن عالمي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي تمام گهڻي پذيرائي حاصل ڪئي، سياسي سرڪار ۽ جمهوريت قوتن لاءِ حوصلي ۽ همت جو سبب ٿيو پوئنم جي مرڪزي گڏجاڻين ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي کي جلال محمود شاھ جي ٻٽي ڪردار بابت تمام گهڻا اعتراض هئا. ڇو تہ جلال محمود شاھ سنڌ ۾ ٿيندڙ سرڪاري اتحاد ايس ڊي اي جو سرگرم ڪردار بڻيو جنهن ڪري ترقي پسند پارٽي جو موقف هو تہ پوئنم سرڪار مخالف ۽ اسٽيبلشمينٽ مخالف قومپرستن جو اتحاد آهي ۽ ايس ڊي اي سرڪار جي حمايت يافتہ فردن جو اتحاد آهي، جيڪي مشرف سرڪار جي بي ٽيم جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. ان ڪري جلال محمود شاھ ڪو واضح جواب ڏيڻ بجاءِ عملي طرح ايس ڊي اي ۽ ايس ڊي اي جي سياسي سرگرمين جو حصو رهيو ان ڪري ترقي پسند پارٽي جلال محمود شاھ جي پوئنم ۾ عهدي تي رهڻ ۽ شامل رهڻ جي خلاف موقف رکيو آهي، اليڪشن کان پوءِ ٿيندڙ مرڪزي اجلاس ۾ ممتاز ڀٽو جي سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ جلال محمود شاھ جي پوئنم ۾ رهڻ نہ رهڻ بابت فيصلو ٿي ويندو باقي اليڪشن کان پوءِ بلوچ يونٽ کي تحسين ڏيندي ٻن نوجوانن جي قتل جي ترقي پسند پارٽي مذمت ڪري ٿي، انشاءَ الله هاڻي نئين آئين ۽ آئين ساز اسيمبلي لاءِ سڄي ملڪ ۾ پوئنم پاران عوامي رابطي جي سرگرمين جو آغاز ڪيو ويندو تہ جيئن پوئنم جي پروگرام تي عمل ڪرائي سگهجي.

ترقي پسند پارٽي خلاف سرڪار ۽ سندس گماشتہ ڪافي عرصي کان بدگمانيون پيدا ڪرڻ ۽ پارٽيءَ کي محدود ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ مصروف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. ترقي پسند پارٽي پنهنجي اصولي سياسي موقف تي قائم رهندي عملي سياست ۾ سرگرم ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻ سبب اسٽيبلشمينٽ جي ناپسنديده جماعت رهي آهي، ان لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ترقي پسند پارٽي ٽوڙڦوڙ جو شڪار ٿئي، ڌڙن ۾ ورهائجي ختم ٿي وڃي، عوام اندر پارٽي جي ساک خراب ڪئي وڃي. ان لاءِ گذريل ڏهن سالن کان رياستي مشنري سرگرمِ عمل آهي، مخصوص پلاننگ تحت ترقي پسند پارٽي جي صفن ۾ ڏار وجهڻ ڪارڪنن ۾ خوف ۽ مايوسي پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف حربا هلايا ويا آهن.

ڊاڪٽر دودي مهيري جي علحدگي ۽ پارٽي تي قاتل ۽ ڀتي خوري جا الزام هڻڻ، حسين بخش ٿيٻو رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو جي نڪرڻ ۽ پارٽيءَ تي بنياد پرستي جي حمايت ڪرڻ، قاتل ۽ ڀتي خوري جي الزام جي ورجاءَ سبب پارٽي جي ڪارڪنن تي ڪوبہ منفي اثر نہ پيو آهي، ڇو تہ هر ڪارڪن ڄاڻي ٿو تہ پارٽي پنهنجي اصولي موقف ۽ جمهوري روايتن تي عمل ڪندي پنهنجي شعبن ۽ ادارن جا اجلاس آئيني تقاضائن تحت جاري رکي ٿي، پارٽي اندر يا ٻاهر ڪابہ ڊونس ڊانڊلي، ڌمڪي ۽ دهشتگردي جو ڪوبہ ڪلچر ناهي، جنهن سبب پارٽي پنهنجي جوهر ۽ هم آهنگي ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ منظم ٿي آهي، يوم مادر وطن جو جلسو پاٽي جيٰ جدوجهد ۽ موجوده اليڪشن ۾ پارٽي جي موقف جي عوام طرفان پذيرائي ثابت ڪري ٿي تہ پارٽي اڄ ڪارڪنن ۽ عوام جي اعتماد جي بنياد تي دلين جي ڌڙڪن بڻيل آهي، گذريل سال ڊاڪٽر دودي مهيري ۽ محمد علي لغاري کان پوءِ حسين بخش ٿيٻو، ڊاڪٽر رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو پارٽي کان علحدگي اختيار ڪري الزام هنيو تہ ترقي پسند پارٽي بنياد پرستي جي حامي آهي، پر پارٽي جو ڪوبہ ڪارڪن پارٽي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيو پئسن جون لالچون، آمريڪي ويزا ۽ ٻيون آڇون ڏيئي ڪارڪنن جي سچائي کي خريدڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اڄ بہ پارٽي جي جدوجهد ۾ سرسي ۽ پارٽي صفن ۾ اتحاد شاهد آهن تہ انهن ڀڳوڙن جي وڃڻ سان سياسي ۽ تنظيمي طرح پارٽي پنهنجي جوهر ۾ مضبوط ۽ وڌيڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انقلابي پرجوش عمل سان اڳتي وڌي رهي آهي. هن وقت گذريل ٽن سالن کان سنڌ جي پاڻي ۽ ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال خلاف عملي سرگرمي سبب عوام اندر پارٽي جي ساک مضبوط ٿي آهي. اليڪشن سرگرميءَ ۾ پارٽي جي عمل ۽ موقف سبب سنڌ جي پاپولر راءِ ترقي پسند پارٽي سان جڙي آهي. اها اطمينان جهڙي صورتحال آهي.

سنڌ جي پاڻي جي حاصلات جي ويڙهه ۾ ترقي پسند پارٽي اڳواڻي جو ڪردار ادا ڪندي هر وقت سنڌ جي سمورن سڄڻن، سياسي سماجي حلقن ۽ ٽيڪنوڪريٽس کي گڏ ڪري عملي جدوجهد ڪئي آهي. يوسف هارون، ڊاڪٽر حميده کهڙو اين جي عباسي، جسٽس ”ر“ سجاد علي شاهه، قمر الزمان شاهه، عبدالمجيد نظاماڻي، نورالهديٰ شاهه سميت سمورن قومپرست پارٽين سميت جي.يو.آءِ، جماعت اسلامي کي به سنڌو درياءَ جي جدوجهد ۾ شامل رکڻ اهو ترقي پسند پارٽي جو عملي ڪردار آهي.

هر هڪ سڄاڻ ڏر ترقي پسند پارٽي جي ويڙهه کي سنڌ جي بقا جي بنيادي ويڙهه سمجهي ٿي، ان لاءِ اسان سرڪار کي پاڻيءَ جي منصفاڻي ورهاست نه ڪرڻ ۽ سنڌو درياءَ ۾ پاڻي نه ڇڏڻ جي نتيجي ۾ سول نافرماني جي ڌمڪي ڏني آهي. سول نافرماني جدوجهد جو آخري ۽ فيصلي ڪن هٿيار هوندو، جنهن جي استعمال سان يا ته سنڌو درياءَ جو پاڻي ملندو يا هن ملڪ جو خدا حافظ ٿي ويندو ان لاءِ ضروري آهي ته سياسي ڪارڪن سول نافرماني جي مفهوم کي سمجهن ۽ ان لاءِ عملي ڪردار ادا ڪن.

پاڻيءَ لاءِ شروع ڪيل جدوجهد ۾ جيسين سنڌي عوام جي اڪثريت شريڪ نه ٿيندي، تيستائين ڪاميابي نه ٿيندي، ان لاءِ ضروري آهي ته پارٽي ڪارڪن عوامي سڄاڳي لاءِ ڏينهن رات شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ عوامي جاڳرتا جو ڪردار ادا ڪن.

ٽن مرحلن تي مشتمل تحريڪ جو پهريون عمل اهو آهي ته سنڌي غدارن جي نالن جو تعين، اهي غدار جيڪي پاڻي جي چوري، ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جا حامي بڻجي پنجاب جي همنوائي ڪندا. انهن کي غدار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قرار ڏئي سماج ۾ اڪيلائپ ۽ احساس جرم ۾ ڌڪيو ويندو مرڻو پرڻو هر قسم جو سماجي ڪاروهنوار ختم ڪري غدارن سان سوشل بائيڪاٽ ڪرڻو پوندو.

ٻئي مرحلي ۾ عوام کي آگاهي ڏني ويندي تہ هو پنجاب جي ڪارخانن ۾ ٺهندڙ صنعتي مال، ڪپڙو بجلي جو سامان، ٻج، ڀاڻ صابڻ ۽ تيل وغيره ڪجهه بہ خريد نہ ڪن، پنجاب جي معاشي ناڪابندي ڪري سندن سامان کين واپس موڪلڻو پوندو ٽئين مرحلي ۾ سول نافرماني جنهن ۾ ڍل، عشر، آبياني سان گڏوگڏ سمورا ٽيڪس ۽ يوٽيلٽي بلز بجلي پاڻي، گئس ۽ فون وغيره جا بل ڏيڻ کان جواب ڏنو ويندو هر سرڪاري حڪم جي ڀڃڪڙي ڪئي ويندي، اهڙي طرح سول نافرماني جي تحريڪ جو آغاز ٿيندو ۽ اها تحريڪ ان وقت تائين جاري رهندي، جيسين سنڌ ۽ سنڌين کي پنهنجي منزل نہ ٿي ملي، ان لاءِ ڪارڪنن کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اها تحريڪ هوائي نعرا ناهي، پر ان لاءِ عملي طرح ڪم ڪرڻو پوندو جيسين عوام جي اڪثريت نہ ملي سگهندي، عوام شرڪت نہ ڪندي، تيسين ڪاميابي نہ ملي سگهندي، عوام کي شريڪ ڪرائڻ لاءِ اهو پيغام گهر گهر، فرد فرد تائين پهچائي انهن کي شعور ڏيئي هن تحريڪ جون پاڙون عوام جي ڪاميابي جو ۽ عوام جي خوشحاليءَ جو پروگرام آهي، ان لاءِ اچو تہ سڀ گڏجي سنڌ جي نجات جي ويڙهہ سائنٽيفڪ طريقي ۽ انقلابي جذبن سان سرشار ٿي وڙهون ۽ سنڌ کي نجات ڏياريون.

2 ۽ 3 نومبر 2002ع – قومي ڪانگريس

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ترقيءَ جي نالي ۾ اسان پنهنجي وطن تي ڌارين جو قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين

هن وقت پاڻ سڄي دنيا جي عالمي سياسي منظر نامي تي نظر ڦيرائينداسين ته پاڻ کي نظر ايندو ته ڪجهه سال اڳ دنيا هڪ رخي طاقت جي اردگرد نظر آئي پئي. هاڻ اها صورتحال تبديل ٿي رهي آهي. آمريڪا جهڙي طريقي سان پنهنجي فوجي طاقت کي استعمال ڪري سڄي دنيا جي دولت کي ٻُڙڪائڻ جي لاءِ جيڪا اڳرائي ڪندو رهيو آهي هاڻ سڄي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آمريڪا جي ان پاليسي خلاف ڪاوڙ ۽ رد عمل مضبوط ٿيندو نظر اچي پيو. 11سيپٽمبر 2011ع جي واقعي کان پوءِ آمريڪا کي جهڙي طرح سڄي دنيا ۾ اخلاقي مدد ۽ همدردي ملي هئي. القاعده ۽ طالبان جي خلاف جيڪو رد عمل مهذب دنيا جو جڙيو جنهن ڪري آمريڪا افغانستان ۾ ڪارروائي ڪري طالبان حڪومت جو خاتمو آندو ان کان پوءِ آمريڪا جي رويي ۾ جيڪو فاشزم ۽ قبضه گيري جو رجحان پئدا ٿيو ان سڄي دنيا جي سياسي ۽ معاشرتي صورتحال کي تبديل ڪري ڇڏيو عراق ۾ صدام خلاف ڪارروائي ۽ اتي نسلي مذهبي تفريق پئدا ڪري عوام کي عوام سان ويڙهائي جهڙي طرح عراق جي تيل تي قبضي ڪرڻ جي جيڪا آمريڪا ڪوشش ڪئي ان تي يورپي يونين جا اتحادي ملڪ آمريڪا جي ان رويي جي مذمت ڪندا رهيا آهن. روس ۽ چائنا محدود ناراضگي جو اظهار ڪندا رهيا آهن. ٻئي طرف افغانستان ۽ عراق جو عوام مسلسل آمريڪا جي مزاحمت ۽ مقابلو ڪندو رهيو آهي. جنهن ڪري آمريڪا هڪ ڏينهن به نه صرف انهن ملڪن ۾ پر واشنگٽن ۽ نيويارڪ ۾ بي اونوٿي هڪ رات سک جي سمهي نه سگهيو آهي. ٽئين طرف سڄي دنيا جا سوشل ايڪٽوسٽ ۽ انساني عزت ۽ وقار لاءِ جاکوڙيندڙ سڄي دنيا جون انساني حقن جون تنظيمون ۽ غلامي خلاف جدوجهد ڪندڙ مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن آمريڪا سميت ورلڊ بئنڪ ۽ عالمي طاقتن جي لٽ ڦر ۽ استحصال خلاف سڄي دنيا ۾ عوام کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متحرڪ ڪري دنيا اندر غلامي ۽ استحصال کان پاڪ معاشرو جوڙڻ لاءِ غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي اکين ۾ نوان خواب پيدا ڪرڻ جي جستجو شروع ڪري ڇڏي آهي. ان سڄي صورتحال سبب آمريڪا تاريخ جي بدترين معاشي بحران مان گذري پيو ۽ اخلاقي ڏيواليپڻي جو شڪار آهي. جنهن جي ڪري آمريڪا سڄي دنيا ۾ شديد تنقيد جو شڪار آهي. آمريڪا ۾ رهندڙ سياست، معيشت ۽ بين الاقوامي لاڳاپن جا ماهر آمريڪا جي موجوده ڪردار تي سخت تنقيد ڪندا رهيا آهن. جهڙي طريقي سان آمريڪا پنهنجي معاشي مفادن جي پورائي ۽ مالي خساري مان نڪرڻ لاءِ سڄي دنيا جي مال دولت تي قبضي لاءِ جيڪا حلان ڪئي آهي. ان سان هن وقت سڄي دنيا غير محفوظ بڻجي وئي آهي. آمريڪا پنهنجي لٽ ڦر کي جاري رکڻ لاءِ نئين سري سان سڄي دنيا ۾ فوجي صف بندي ڪري رهيو آهي. جتي جتي آمريڪا کي سندس مفاد خطري ۾ محسوس ٿي رهيا آهن. اتي هو فوجي ڪاروائي کان به نٿو ڪيٻائي لاطيني آمريڪا ۾ وينزويلا نار ۾ ايران ۽ عراق ۽ وچ اوڀر ۾ فلسطين خلاف آمريڪا سياسي ۽ نفسياتي جنگ شروع ڪئي آهي. جنهن سڄي دنيا کي غيرمحفوظ بڻائي ڇڏيو آهي. فلسطين جي مسئلي جي حل لاءِ جهڙي طرح يورپي ملڪن روس ۽ ٽين دنيا جي ملڪن طرفان جيڪا ڪوشش شروع ٿي هئي ان کي آمريڪا جي سخت رويي ۽ يهودي نواز پاليسي سبب ڪافي نقصان ٿيو آهي. فلسطيني عوام به ڳالهه ٻولهه واري واٽ کان تنگ ٿي هاڻ وري انتها پسندي ۽ جنگ واري واٽ وٺڻ تي مجبور ٿيندو پيو وڃي. فلسطين جي چونڊن ۾ حماس جي ڪاميابي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي جيستائين وچ اوڀر ۾ فلسطين جي آزادي جو مسئلو حل نه ٿيندو تيسين مسلمان ۽ يهودي تضاد جو خاتمون ناممڪن آهي. اهڙي ئي سبب جي ڪري انتها پسندي وڌيڪ مضبوط ۽ منظم ٿئي ٿي. پي ايل او جي شاندار 60 سالا جدوجهد، عوام جو بي حد اعتبار ۽ اعتماد الفتح جي سياسي غلطين ۽ مالي بدعنواني جي ڪري ڏنڌلي ٿيندي پئي وڃي جنهن ڪري اسان کي به سکڻ گهرجي ته عوام جي اعتماد بحال رکڻ لاءِ پنهنجي صاف ۽ شفاف ڪردارن سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گڏوگڏ صحيح سياسي حڪمت عملي ۽ اصولي سياسي موقف تي ڪڏهن به مصلحت ۽ سمجهوتو نه ڪرڻ ڪپي اهو حقيقي ڪاميابي جو رستو آهي، آمريڪا پنهنجي مخالف قوتن فرانس ۽ جرمني ۾ جهڙي طريقي سان ڊالر جي بيحد استعمال سبب اتان جي اليڪشن ۽ معاشرتي حالتن ۾ مداخلت ڪري پنهنجي مخالف اڳواڻن کي هٽائڻ لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي سا جرمني ۾ چانسلر کي هٽائڻ سان ڪامياب تي وئي آهي ۽ فرانس ۾ هنگاما ۽ هڙتالون ان جو اظهار آهن، ٻئي طرف چين پنهنجي معاشي سگهه طاقتور ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ سستيون شيون متعارف ڪرائي مارڪيٽ تي قبضو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي ۽ گڏوگڏ ايشيا ۾ فوجي توازن قائم رکڻ لاءِ چين پنهنجي اهميت وڃائي ناهي. روس به پنهنجي وڃايل اوج کي نئين سري سان حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ پنهنجين نئين پراڻين اتحادي قوتن سان نئين سري سان صف بندي ڻاهڻ ۾ مصروف آهي ڇو ته فوجي اعتبار کان روس اڳ ئي ائٽمي طاقت آهي پر معاشي حوالي سان پاڻ کي طاقتور بڻائڻ ۽ عالمي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري توانائي صرف ڪري رهيو آهي، هندستان جي روس سان نئين سر ويجهڙائي ايران سان نوان لاڳاپا قائم ڪرڻ ۽ ايران کان گئس لائين وٺڻ افغانستان سان مضبوط سفارتي رشتا جوڙي ان سڄي خطي ۾ پنهنجي پراڻي اتحادي پاڪستان کي ٻئي درجي جي حيثيت ڏئي پارت کي ترجيحي بنيادن تي اوليت ڏئي ان سان نوان سياسي، معاشرتي معاشي ۽ فوجي لاڳاپا جوڙي ورتا آهن، جنهن ۾ هن وقت وڏي کان وڏو اضافو ائٽمي ٽيڪنالاجي جا لاڳاپا قائم ڪرڻ سان نئين دور جي شروعات ڪئي آهي، جنهن سبب سڄي دنيا حيران آهي پر پاڪستان جي رياست بيحد پريشان آهي جنهن ڪري پاڪستان بوڪلائپ جو شڪار تي مختلف محاذن تي پنهنجي اهميت ڻاهڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي، ڪڏهن چين ڏي ڀڄي ٿو ته ڪڏهن يورپ ڏي سڄو ملڪ فارسيل بڻايو ويو آهي ۽ تمام سستي سودي سبب سڄي ملڪ جا صنعتي ۽ مالياتي ادارا غير ملڪي ملٽي نيشنل ڪپنين حوالي ڪرڻ لاءِ تيزي سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ آمريڪا جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي مقصدن خاطر بغير ليکي چوکي جي وڏي ڪان وڏو فوجي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مصروف آهي جنهن جو تازو مثال دهشتگردي خلاف جنگ جي آمريڪي نعري هيٺ پنهنجي ملڪ جي شهرين کي جنگ جي ٻارڻ طور استعمال ڪري بيگناهه ماريو پيو وڃي اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان باجوڙ ايجنسي ۽ ٻين قبائلي علائقن ۾ جهڙي طريقي سان مسڪين ماڻهن جي رت سان هولي کيڏي آمريڪا کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تنهنجو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي پر پوءِ به آمريڪا وٽ پاڪستان پنهنجي حيثيت وڃائي رهيو آهي ۽ پاڪستان جي رياست گذريل 59 سالن جي غلط پاليسين ۽ عوام دشمن، قوم دشمن روين سبب پنهنجي منتقي انجام ڏانهن وڌي رهي آهي، هاڻ پاڪستان جي رياست جو جائزو وٺندي ڏسنداسين تہ پاڪستان جي فوج هن ملڪ تي دائمي قبضو برقرار رکڻ ۽ سڄي ملڪ کي پنجاب جي ڪالوني بڻائڻ لاءِ جهڙي طريقي سان سڌو سنئون پاڪستان جي ٻين قومن تي فوج ڪشي شروع ڪئي آهي، ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڪستان بحيثيت ملڪ پنهنجي آخري دور مان گذري رهيو آهي. بلوچستان جي قومپرست سياسي ڪارڪنن جي خلاف فوجي ڪاروائي ۽ بلوچ اڳواڻن خلاف سڌي ڪاروائي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هاڻ پنجاب ۽ سندس فوج هر ماڻهو جي وات جو گرهہ ڪسي پنهنجو پيٽ ڀرڻ چاهين ٿا ۽ سڄي ملڪ کي غلامي ۽ ذلتن جي پاتال ۾ ڌڪي هر سياسي، اخلاقي قانوني جواز کي ٽٽڙي سڄي ملڪ کي پنجابستان ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش تي عمل پيرا آهن. بلوچستان ۾ چار هزار سياسي ڪارڪن گرفتار ڪري گم ڪيا ويا آهن. بلوچ اڳواڻن جي گهرن تي قبضا ۽ بلوچن جو بي رحمانا قتل عام قابل شرم آهي. بلوچ ڀائرن سان يڪجهتي طور ڀاڻ بحيثيت ترقي پسند پارٽي ۽ پونم اتحاد جي هر عمل ۽ مزاحمت ۾ شريڪ آهيون. بلوچستان اندر گوادر پورٽ ٺاهي غير بلوچن کي آباد ڪري بلوچن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش آهي اها سامراجي چاڙتن جي پراڻي حڪمت عملي هوندي آهي، جيئن ڪراچي ۾ ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم ۾ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بلوچن جي سر زمين تان پيدا ٿيندڙ تيل، گئس ڪوئلو ۽ ٻين معدني وسيلن تي قبضي لاءِ فوج ڪشي ڪئي پئي وڃي، ابتدا ۾ بلوچ سردارن کي ڪميشن ۽ رشوت جون آڇون ڏئي خاموشي اختيار ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، بلوچ سردارن جي انڪار ڪان پوءِ رياست ان تي سڌي حملي آوري شروع ڪري ڇڏي آهي، بلوچ اڳواڻن جو چوڻ اهو آهي ته بلوچستان بلوچن جو مادر وطن آهي، ان تي پيدا ٿيندڙ هر هڪ شيءِ جا وارث بلوچ آهن، ترقي جي نالي ۾ اسان پنهنجي وطن تي ڌارين جو قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين، جنهن لاءِ جيتري به وڏي قرباني مان گذرڻو پوندو ان لاءِ تيار آهيون، بلوچستان جي مزاحمت هاڻ صرف سردارن جي ذاتي تحريڪ نه رهي آهي پر اها بلوچستان جي قومي مزاحمتي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي، جيڪا سواءِ قومي حقن جي حاصلات جي باقي ڪنهن به مسئلي تي سمجهوتو ڪندي نظر نٿي اچي، اهو طئي آهي ته عوام ۽ فوج جي ٽڪراءُ ۾ مستقل ۽ حتمي فتح عوام جي ٿيندي آهي، فوجن کي شڪست کائڻي پوندي بلوچستان جي قومي تحريڪ جي خلاف چند سرڪاري سردارن ۽ حڪومتي ڇاڙتن کي سرگرم ڪري بلوچ اڳواڻن جي ڪردار ڪشي ڪئي پئي وڃي جنهن جو ان مزاحمتي تحريڪ تي ڪو به اثر نه پوندو اها ساڳي روش جيئن عراق ۾ آمريڪا صدام جي ڪردار ڪشي ڪندو رهيو آهي، يا فلسطين ۾ يهودي پي ايل او اڳواڻن جي ڪردار ڪشي ڪندا رهيا آهن.

سنڌ کي هن وقت خاص تناظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي، اسلام آباد جي رياست ۽ فوجي حڪمرانن پهرين ڏينهن کان وٺي هن ملڪ کي انگريز سامراج کان مليل تحفي طور قبول ڪندي هن ملڪ کي صرف فوجي جنتا جي حاڪميت ۽ لٽ ڦر سان گڏوگڏ پنجاب صوبي جي سياسي ۽ معاشي مفادن لاءِ استعمل ڪندا رهيا آهن، گذريل 58 سالن جي استحصالي تاريخ جيڪا آئين ۽ جمهوريت جي نالي ۾ لکل هئي، سا چند سالن کان ننگي جارحيت جو اهڃاڻ بڻجي هتان جي محڪوم قومن تي ڪڙڪي پئي آهي، جنرل پرويز مشرف جي دور حڪمراني ۾ هن ملڪ ۾ نوان نوان سياسي اصطلاح متعارف ڪرائي لفظن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو تقدس پائمال ڪندي هتان جي استحصالي نظام کي هيئين سطح تائين منظر ڪري ماڻهو جي جيئڻ جا سمورا رستا بند ڪيا ويا آهن. هڪ طرف پنجاهه سالا حڪمت عملي هيٺ سنڌ جا سمورا مالياتي وسيلا سنڌين کان ڪسي اسلام آباد ۽ پنجاب جي قبضي هيٺ ڪيا ويا آهن. ٻئي طرف سنڌ جي جياپي جو آخري ذريعو سنڌو درياهه جو پاڻي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ جهڙي طريقي سان پرويز مشرف سرڪار پنجاب جي ونگار وهندي ڪالاباغ ڊيم سميت پنج ڊئم درياهه تي اڏڻ لاءِ پيش قدمي ڪئي آهي. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته حڪمرانن وٽ تاريخي حق جي ڪا به اهميت ناهي هي حڪمران عالمي قانون اقوام متحده جون قراردادون ۽ بين الاقوامي روايتن کي ڦٽو ڪري هر حال ۾ سنڌو درياهه تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا. جتان هو ڪربين روپين جي بجلي پيدا ڪري پنهنجو پاڻ کي امير ترين بڻائڻ گهرن ٿا ۽ درياهه جي پاڻي تي لکين ايڪڙ پنجاب ۽ سرحد جي بنجر زمينن کي آباد ڪري پنهنجي ماڻهن کي خوشحال بنائڻ چاهين ٿا پر سنڌ جي مقدر ۾ بک، بيروزگاري ۽ ڏڪار لکي سڄي سنڌ کي بربادي ڏانهن ڌڪڻ جي ڪوشش ڪن پيا ٻئي طرف سنڌ مادر وطن تي دائمي قبضو رکڻ لاءِ سنڌ جي انتظامي ورهاست لاءِ ميدان هموار ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي وئي آهي، سنڌ جا ماڻهو پنهنجي وطن تي اڳ ئي اقليت ۾ ڌڪيا ويا آهن. مٿان لاڳيتو ملڪ جي ٻين صوبن کان ماڻهن جي لڏ پلاڻ سان گڏوگڏ ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن مان لکن جي تعداد ۾ ماڻهو سنڌ ۾ آباد ڪيا وڃن پيا. رهيل ڪسر ڪيڻ لاءِ کوکرا پار سرحد کولي هندستان کان ايندڙ ماڻهن لاءِ هر رڪاوٽ ختم ڪئي وئي آهي ته جيئن هتي ايم ڪيو ايم جهڙي نسل پرست تنظيمن جي سياسي ۽ عوامي قوت ۾ اضافو ٿئي ۽ سنڌين کي پنهنجي وطن تي اقليت ۾ تبديل ڪري حاڪميت جو حق سنڌين کان کسي سگهجي هينئر به سنڌ اسيمبلي ۾ چاليهه فيصد غير سنڌي نمائندا ويٺل آهن. قومي اسيمبلي ۾ سنڌ جي نمائندگي لاءِ چاليهه فيصد غير سنڌي آهن. سينيٽ ۾ هاڻي سنڌي چاليهه فيصد تي ويا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ کي هڪ نئين رخ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي، سنڌ دوست قوتن کي پنهنجي بقا جي ويڙهه ۾ نئين حڪمت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عملين ۽ عقلمنديءَ سان جدوجهد جي ضرورت آهي، سنڌ جي ماڻهن کي هي رياست ٽوڪ ۽ طنز سان ڏسي ٿي سنڌين کي انتهائي ڪمزور ڇڙوڇڙ ۽ ڪجهه نه ڪري سگهندڙ قوم سمجهيو وڃي ٿو سنڌ جي قومپرست سياسي پارٽين کي يا ته هو پنهنجي ايجنٽ بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن يا اندروني طرح انهن کي ايترو ڪمزور ۽ بي اثر ٿاهيو ويو آهي جو انهن مان هنن حڪمرانن کي ڪو به سنجيده خوف محسوس نٿو ٿئي. ان ڪري پاڻ کي پنهنجي ڪمزورين ۽ پنهنجي طاقت جو نئين سر جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي، هن ڪالاباغ ڊيم جي خلاف ائنٽي گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ائنٽي ڪالاباغ ڊيم جي پليٽ فارم تان جيڪي شاندار عوامي ريليون ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ منظم ڪيون ويون. جن سنڌ جي عوام کي ڪافي اميد ۽ حوصلو ڏنو آهي، ساڳي طرح نئون ٺهندڙ قومپرستن جو اتحاد سنڌ قومي اتحاد سنڌ جي سياست ۾ نئون اضافو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي قومپرستن گڏجي پنهنجي مادر وطن سنڌ کي سموري بيوسي ۽ غلامي ۽ ذلتن کان ڇوٽڪاري لاءِ جيڪا عملي جدوجهد شروع ڪئي آهي، ان ڪان به سنڌ جا ماڻهو نئين اميد سان ڏسندي ان جدوجهد ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن. لاڙڪاڻي ۽ بدين جي تاريخ ساز ريليون دشمن جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهن. مٿين ٻنهي اتحادن ۾ ترقي پسند پارٽي سرگرم رڪن جي حيثيت ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي، جنهن ڪري ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن سنڌ جي اندر پنهنجو نئون ويساهه پيدا ڪرايو آهي ۽ نئين تعارف سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڻ سنڌ جي ماڻهن کي نه صرف حوصلو ڏيون پر پاڻ سنڌ جي ماڻهن کي منظم ڪري نئين حوصلي سان قوم جي مزاحمتي جنگ ۾ شرڪت ڪرايون ۽ ڪاميابي جي منزل تي وٺي هلون. ان لاءِ ترقي پسند پارٽي جو سنڌ جي قومي سياست ۾ بنيادي ڪردار آهي، ايم ڪيو ايم جي فاشسٽ سياست کي ترقي پسند پارٽي سنڌ ۾ وائکو ڪري سنڌي عوام جون اکيون کولي ڇڏيون آهن. جواچ ايم ڪيو ايم پنهنجي سموري سنڌ دوستي جي ناٽڪ رچائڻ کان پوءِ سنڌ دشمن حرڪتن کان آزاد ناهي. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ سنڌي ڳوٺ ۽ وسنديون ڊاهي شهرن مان سنڌين کي بيدخل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ جي ايم ڪيو ايم جي سازش سنڌ جي آڏو واضح ٿي چڪي آهي. ڪالاباغ ڊيم اين.ايف سي ايوارڊ، صوبائي خودمختياري ۽ بلوچستان ۾ فوجي آپريشن تي ايم ڪيو ايم سنڌس موقعي پرستي واري رويي جي ڪري انتهائي شرمناڪ بڻجي پئي آهي. پرويز مشرف جي آشير واد ۽ سنڌ جي اقتدار تي قبضي ڪجهه وقت لاءِ ايم ڪيو ايم کي آڪسيجن ضرور مهيا ڪئي آهي پر ان بيساکي نڪرڻ کان پوءِ ايم ڪيو ايم جو حشر انتهائي برو ٿيندو.

پاڪستان ۾ مجموعي طرح فوجي راڄ ۽ مارشلائي آمريت خلاف جيڪا عوام ۾ ناراضگي وڌي رهي آهي، انهي کي وڏيڪ منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ملڪ ۾ مهانگائي بيروزگاري، اقرباپروري، انتقامي ڪارروايون، بدامني ۽ ناانصافي عوام کي مجبور ڪيو آهي ته هو بيوسي جي ڪيفيت مان نڪري ظلم ۽ جبر خلاف جدوجهد شروع ڪن. پاڪستان جي وفاقي سياسي پارٽين کي به ان حقيقت کي قبول ڪرڻو پوندو ته صرف اقتدار جي حاصلات واري جدوجهد ۽ حڪمرانن جي چهرن جي تبديلي جي جدوجهد سان ملڪ جي مجموعي سياسي نظام تي ڪو فرق نه پوندو ان لاءِ هنن سمورين سياسي پارٽين کي هڪ نئين ايجنڊا سان ۽ نئين سچ سان اڳتي اچڻو پوندو ته ڪا به سياسي پارٽي اقتدار جي حصول لاءِ ڪنهن فوجي جنرل يا رياستي ايجنسي جو سهارو نه وٺندي ذاتي ڪاوڙ ۽ انتقام جي پورائي لاءِ فوج کي سياست ۾ مداخلت جي لاءِ دعوت نه ڏيندا. هي ملڪ جيڪو 60 سالن کان وٺي حقيقي جمهوري پارلياماني نظام جي ڳولا ۾ رڙل آهي، جنهن ۾ تمام گهڻا سياسي تجربا ڪيا ويا آهن. جنهن سبب ملڪ به ٽڪرا ٿي چڪو آهي. ان ڪري اسان کي ان حقيقت کي قبول ڪرڻو پوندو ته هن ملڪ ۾ وفاقي ۽ جمهوري نظام آڻڻ لاءِ برابري جي بنياد تي گهڻ قومي ملڪ طور نئين آئين جي ضرورت آهي، اهڙو آئين جنهن کي ڪو به فوجي جنرل ٽوڙي ۽ ڦاڙي نه سگهي، سياست ۾ فوج جو ڪو به ڪردار نه هجڻ کپي، انٽيليجنس ايجنسين جي مداخلت هميشه لاءِ ختم ڪرڻ گهرجي، آزاد اليڪشن ڪميشن وجود ۾ اچڻ گهرجي، هر دور جي آمرن سان گڏ رهندڙ سياسي پارٽين ۽ اڳواڻن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن کي ڪنهن بہ سياسي پارٽي ۾ جڳهہ نہ ڏني وڃي . انهن ڳالهين کي بنياد بنائي اسان پرويز مشرف جي سرڪار کي اڪيلو بنائي اقتدار کان فارغ ڪري سگهنداسين ۽ سياڻي پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو روشن مستقبل جوڙي سگهنداسين بار بار فوجي مداخلت ۽ قبضي کان ملڪ کي ڇوٽڪارو ملندو پنجاب جي جارحيت استحصال ۽ قبضي کان قومن کي ڇوٽڪارو ملندو جنهن سان قومن ۾ ڀائيچارو هم آهنگي، اعتماد ۽ اعتبار جي فضا قائم ٿي ويندي ترقي پسند پارٽي جيئن تہ جمهوري جدوجهد جي رڪن جي حيثيت ۾ ملڪ ۾ هليل حقيقي جمهوريت لاءِ جدوجهد کي پنهنجي جدوجهد سمجهي ٿي ملڪ کي رنگ، مذهب، نسل ۽ جنس جي بنياد تي نفرتن کان آزاد ملڪ بڻائڻ جي حامي آهي، پاڪستان جي اسٽيبلشمنٽ کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ بلوچستان ۾ شروع ڪيل فوجي اڳرائي ۽ سنڌ سان اختيار ڪيل حاڪمانہ روش جو نتيجو ڪڏهن بہ سندن حق ۾ نہ نڪرندو سڀ ڪجهہ برباد ڪري هوش ۾ اچڻ کان بهتر آهي تہ بندوق جي نالي ۽ مارٽر گولن کان نتيجا وٺڻ بدران قومن جا مسئلا ڳالهين ذريعي حل ڪيا وڃن.

پاڻ کي اهو ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ پاڻ هن رياست جا قيدي آهيون، پاڻ کي برابر جو شهري سمجهڻ بجاءِ مفتوح وطن ۽ مفتوح قوم سمجهيو وڃي ٿو. اسان جا سمورا سياسي، معاشي سماجي، ثقافتي ۽ انساني حق غصب ڪيا ويا آهن، اسان سان غلامن وارو ورتاءُ اختيار ڪيو ويو آهي، ان لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي وطن جي آزادي ۽ خوشحالي لاءِ ۽ پنهنجي قوم جي عزت ۽ وقار لاءِ پاڻ کي ڏينهن رات جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي، قومن کي آزاديون گهر ويهي مطالبا ڪرڻ سان نہ ملنديون آهن. قومن کي هر قسم جي محنت جدوجهد ۽ قرباني مان گذري ڪري پنهنجي وطن جي حفاظت ڪرڻي پوندي آهي، دشمن قوتون قومن کي منجهائڻ ۽ مايوس ڪرڻ ۽ شڪست خورده بڻائڻ لاءِ ايذا تہ گهڻا مسئلا پيدا ڪنديون آهن، جو جدوجهد ڪندڙ قوتون فيصلا نہ ڪري سگهنديون آهن تہ پهريون بنيادي مسئلو ڪهڙو آهي، ان ڪري هو پنهنجي منزل ۽ راهہ تان ڀٽڪي وينديون آهن، جيئن سنڌ اندر سوين مسئلا پيدا ڪيا ويا آهن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اين ايف سي ايوارڊ ڏارين جي آبادڪاري، قدرتي وسيلن جي مالڪي، ٻولي، تعليم، صحت، درياھ جو پاڻي، ڊئم، صوبائي خودمختياري، روزگار ۽ مهانگائي جهڙا انيڪ مسئلا پيدا ڪيا ويا آهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ اسان سڀني مسئلن جي بنيادي حل ڪي پنهنجي ايجنڊا جو بنياد بڻايون اهو آهي سنڌ مادر وطن تي سنڌين جو اختيار ۽ حاڪميت قائم ڪرڻ ۽ سنڌ مان هر قسم جي غلامي ۽ جبر جو خاتمو آڻڻ. ان طريقي سان اچو تہ پاڻ پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي تربيت ڪريون دشمن جي خلاف وڏي جنگ جي شروعات ڪريون ۽ آخري ڪاميابي تائين جنگ جاري رکون. اهوئي رستو اسان جي بقا جو رستو آهي ۽ اهوئي رستو اسان جي روزمره جي مسئلن جو حل آهي.

اپريل 2006ع قومي ڪانگريس

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان وٽ تاريخ جو وڏي کان وڏو سچ آهي

هن وقت سڄي دنيا ۾ شديد ترين مالياتي بحران جنم ورتو آهي، عالمي سياست جو اڪيلو چوڌري سڏائيندڙ آمريڪا مڪمل طور تي پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻ جو نعرو ڪٽي اڳتي وڌي رهيو آهي. 700 ارب ڊالر بش سرڪار امداد ۾ پنهنجي مرڪزي بئنڪ کان ورتا آهن. جنهن کي بيل آئوٽ پيڪيج چيو ويو آهي.

آمريڪا جون ٻئي وڏيون پارٽيون انهيءَ تي متفق آهن. پر مالياتي خسارو ۽ دٻاءُ تمام گهڻو آهي، ان لاءِ آمريڪا سعودي عرب امارات ۽ ڪويت جهڙن ملڪن کي چيو آهي ته ڪيس سوين ارب ڊالر بجيٽ جي استحڪام لاءِ ڏنا وڃن. توهان کي ياد هوندو ته پاڻ 03_2002ع جي ساليانا ڪانگريس، کان پوءِ مسلسل پنهنجي تجزين ۽ رپورٽن ۾ اهڙي صورتحال جو اظهار ڪندا رهيا هئاسين ته جيئن آمريڪا عراق ۽ افغانستان ۾ قاسي چڪو آهي ۽ نيو ورلڊ آرڊر طور پاڻ کي اڪيلو سپر پاور طور پيش ڪري ٻين ملڪن جي داخلي معاملن ۾ مداخلت ۽ هڪ طرفي جارحيت ڪري رهيو آهي، جنهن سبب آمريڪا جلد ئي پنهنجي عالمي حيثيت وڃائڻ طرف وڌندو.

اڄ اها صورتحال واضح طور پنهنجي سامهون اچي چڪي آهي ماضيءَ ۾ جڏهن به اهڙيون سياسي ۽ معاشي حالتون پيدا ٿيون آهن ته عالمي جنگ ڇڙي پوندي آهي جنهن سبب تمام گهڻي بربادي جنم وٺندي آهي، ڪروڙين بي گناهه ۽ معصوم انسان جنگ جو کاڄ بڻجندا آهن. پر هينئر جيئن ته اهي هٿيار آمريڪا کانسواءِ ايشيا ۽ يورپ جي مختلف ملڪن وٽ به موجود آهن ۽ گهڻن ملڪن وٽ هٿيار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۽ ٽيڪنالاجي موجود آهي جنهن ڪري سڀ ملڪ عالمي جنگ کان بچ بچاءُ ڪري رهيا آهن. ڇو ته جڏهن عالمي جنگ ڇڙي ۽ ورلڊ آرڊر ٽٽڻ کان پوءِ تمام گهڻا ملڪ ظاهر ۾ ڪمزور ۽ ننڍا ملڪ آهن. اهي به ائٽمي هٿيار ناهي وٺندا ان ڪري عالمي سامراجي ۽ سرمائيدار ملڪن لاءِ اهو تمام ڏکيو هوندو ته هو عالمي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنگ ڇيڙين ۽ پوءِ نتيجا پنهنجي مرضي جا وٺي سگهن پيو ته ٽين عالمي جنگ سڄي دنيا لاءِ تباهي ۽ گهٽي حد تائين قيامت جو منظر پيش ڪندڙ بڻجندي ويندي، جنهن سبب نه ڪو فاتح رهندو نه ئي مفتوح دنيا جي تمام گهڻن ملڪن ۾ جنگ هلندڙ آهي جنگ جو مکيه ڪردار آمريڪا آهي. ان هوندي به سمورا ملڪ انتهائي محتاط انداز سان اڳتي وڌي رهيا آهن. ڇو ته سڀ ڄاڻن ٿا ته عالمي جنگ ڪنهن جي به حق ۾ ناهي.

آمريڪا هن وقت معاشي بحران سان گڏوگڏ اخلاقي ڏيواليپڻي جو به شڪار آهي. اخلاقيات جو بحران سماج کي اندر ۾ کوکلو ۽ بي ستو ڪري وجهندو آهي. اخلاقي ڏيواليپڻي مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪي عوام دنيا جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏي تبديلي آندي هن نومبر مهيني ۾ ٿيندڙ آمريڪي اليڪشن ۾ هڪ آفريڪي نسل جي ڪاري مسٽر بارڪ حسين اوباما کي ڊيموڪريٽڪ پارٽي صدارت لاءِ اميدوار منتخب ڪيو ۽ پوءِ سڄي آمريڪا جي اڪثريتي عوام ووٽ ذريعي اوباما کي آمريڪي صدر چونڊيو آهي. جيڪو جنوري 2009ع کان آمريڪي واڳ هٿ ۾ وٺي نون خيالن ۽ حڪمت سان آمريڪا کي اڳتي وٺي هلندو ساڳئي آمريڪا ۾ ڪنهن ڪاري نسل جي ماڻهوءَ کي انساني حقن گهرڻ تي ۽ ڪنهن گوري پرسان ويهڻ تي گولي هڻي ماريو ويندو هو ۽ ڪارن کي رڍن ٻڪرين وانگر خريد فروخت ڪيو ويندو هو اڄ ڪارو اوباما آمريڪا جو حڪمران بڻجي سڄي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ آمريڪي معاشري کي اخلاقي ڏيواليپڻي مان ڪڍڻ لاءِ نئين ڪم جي شروعات ڪئي آهي. هاڻي ڏسجي ته اوباما نئين تبديلي لاءِ ڪيتري همٿ ۽ فولادي عزم سان ڪم ڪري ٿو ۽ دنيا کي يهودي بنياد پرست لابي جي مالي تسلط ۽ مالياتي ذريعن تي قبضي واري حرص مان آزاد ڪري عزت وقار برابري ۽ پرامن بنيادن تي اڳتي ڪيئن ٿو وٺي هلي؟ اهو تمام وڏو امتحان هوندو آمريڪي عوام ۽ رياست لاءِ.

اوباما جهڙي طرح عالمي مسئلن يا آمريڪا جي داخلي مسئلن تي دانشمندانه تقريرون ڪيون آهن ان مان محسوس ٿئي ٿو ته هن ۾ ڏاهپ ۽ ڪم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ جو حوصلو بہ آهي پر آمريڪي اسٽيبلشمينٽ ۽ يهودي مافيہ ڪنهن بہ پاپولر ليڊر کي بخش نہ ڪندي آهي، ڏسجي تہ اوباما مافيائن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو يا ان جنگ ۾ پنهنجي جان وڃائي ٿو ويهي اهو اڳتي فيصلو ٿيڻو آهي.

آمريڪي بحران جي نتيجي ۾ دنيا جون وڏيون بئنڪون ۽ انشورنس ڪمپنيون ۽ مالي ادارا بحران جو شڪار بڻيا آهن. ننڍا ۽ وچولي قسم جا مالياتي ادارا ۽ ڪمپنيون تمام وڏي ملٽي نيشنل ڪمپني سان ضم ٿي پاڻ کي بئنڪنگ ڏيواليپڻي کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. اسٽاڪ مارڪيٽ سڄي دنيا ۾ ڪرپشن ڪئي آهي، جنهن ۾ وچولي طبقي جي ماڻهن جون ننڍيون سيڙپون ٻڏي ويون آهن. ترقي يافتہ ملڪن ۾ سرڪار مالي امداد ڏيئي بئنڪن ۽ ٻين ادارن کي بچائڻ ۾ مصروف آهي ۽ عام ماڻهن جي سيڙپ کي تحفظ ڏنو پيو وڃي پر ٽين دنيا جا ملڪ خاص طور تي پاڪستان ۾ اسٽاڪ مارڪيٽ جي ڪرپشن ٿيڻ سان هڪ ئي رات ۾ سوين ارب روپيا وچولي طبقي جي ماڻهن جا ٻڏي ويا. صرف چند بروڪرن جيڪي سرڪاري آشير واد سان معاشي ڪرتب ڏيکاريندا رهيا آهن. انهن مالي فائدا ماڻيا آهن.

ان ڪري هاڻي عالمي طرح صرف چند وڏيون ملٽي نيشنل ڪمپنيون دنيا جي معيشت جا رخ متعين ڪنديون سندن عياشيون ۽ انتظامي خرچن ۽ نفعي لاءِ عام ماڻهن کي پيڙينديون رهنديون جنهن سان وري نئون معاشي عدم استحڪام ۽ عدم توازن جنم وٺندو بيروزگاري ۽ مهانگائي ۾ اضافو ٿيندو لاوارثي ۽ انارڪي جي ڪيفيت دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر ايندي ترقي يافتہ ملڪن ۾ بہ اها صورتحال تيزي سان پکڙجندي ان ڪري عالمي سطح تي اجتماعي ڏاهپ ۽ مشوري سان معاشي بحران حل ڪيا وڃن.

هن وقت دنيا ۾ نئين سياسي صفبندي ٿي رهي آهي، 2015ع کان 2020ع تائين هي دنيا نوان رخ اختيار ڪندي نئين صفبندي ۽ نئين ترتيب سان دوست دشمن جو تعين ڪندي نوان چئلينجز سامهون ايندا. جنهن جي شروعات ٿي چڪي آهي ڪالهہ جا مخالف اڄ جا دوست بڻجي رهيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالهہ جا دوست اڄ جا مخالف سمت ۾ بيٺا آهن. ان تناظر ۾ اسان کي ٻہ پنهنجي حالتن جو ڇيد ڪرڻ گهرجي تہ پاڻ سنڌي هن بدلجندڙ دنيا ۾ ساڳي طرح غلام قومن جي صف ۾ بدترين غلامي ۾ قائل رهنداسين يا پاڻ هن نئين صف بندي واري صورتحال ۾ دوست دشمن جو نئين سر تعين ڪري آزاد ۽ باوقار قوم بڻجڻ لاءِ پنهنجي وطن تي پنهنجي مالڪي ۽ حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ سنجيده جدوجهد لاءِ اڳتي وڌنداسين.

پاڪستان جيئن تہ گذريل سٺ سالن کان پنهنجي واضح ڪا سمت ڊائريڪشن طئہ نہ ڪري سگهيو آهي، جنهن سبب عالمي طاقتن جي مفادن لاءِ ملڪ ۽ عوام کي قرباني جو ٻڪرو بڻائي قربان ڪيو ويو آهي معاشرو هر قسم جي بحران ۾ ڦاٿل آهي، معدني وسيلن باوجود بجلي، تيل ، گئس جي ڪمي ۽ مهانگائي ۾ ڦاٿل ملڪ. شينهن درياهہ سنڌو درياهہ سميت گهڻن دريائي وهڪرن جي پاڻي باوجود پاڻيءَ جي ڪوٽ جو شڪار 16 ڪروڙ افرادي قوت باوجود صنعتي پيداوار ۾ بحران جو شڪار هزارين ميل سامونڊي ڪناري ۽ اونهي سمنڊ باوجود عالمي واپار ۾ عدم توازن جو شڪار هر سال 600 ارب روپيا دفاع تي خرچ ڪرڻ باوجود عدم استحڪام ۽ تحفظ جي بحران جو شڪار ائٽمي هٿيارن جي موجودگي باوجود عدم ويساهي جو شڪار ٽيل ملڪ مستقبل ۾ ڪامياب رياست ڪيئن بڻجي سگهندو هي ملڪ اخلاقي ڊيواليٽي جي بحران ۾ ڦاٿل آهي، جنهن ۾ مضبوط حوصلا رکندڙ سياسي ليڊر شپ جي ڪمي آهي ۽ وقتائتا فيصلا وٺڻ جو بحران آهي، عالمي دنيا سان برابري جي باوقار بنيادن تي گڏجي هلڻ جو بحران آهي، پنهنجي معيشت کي عوامي مفادن پٽاندر ترتيب ڏيڻ جو بحران آهي، صاف ۽ شفاف انصاف پسند حڪومت قائم ڪرڻ جو بحران آهي، آئين کي عوامي گهرجن پٽاندر ٺاهڻ ۽ سماج ۾ لاڳو ڪرڻ جو بحران آهي، آزاد عدليہ قائم ڪري تڪڙو ۽ سستو انصاف مهيا ڪرڻ جو بحران آهي ۽ قانون جي حڪمراني لاڳو ڪرڻ جو بحران آهي، پارليامينٽ کي فردن جي محتاج بڻائڻ بجاءِ حاڪم بڻائڻ جو بحران آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ مان رشوت خوري اقربا پروري ۽ انتظامي سستي کي نجات
ماڻڻ جو بحران آهي اهي سڀ [illegible]
اهڙي صورتحال ۾ سماج اندر خلا [illegible] آهي [illegible]
حڪمراني جو خاتمو اينلو آهي [illegible]
عوام تقسيم ٿي ويندو آهي [illegible]
سماجي جمهوري انقلاب برپا ٿيندو آهي [illegible]
گهڻ قومي ملڪ ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار رهيا آهن [illegible]
جو مثال ڏسي چڪا آهيون يا [illegible] ٽوڙ ڦوڙ [illegible]
آهيون سنڌ مادر وطن 5 ڪروڙ انساني وجود تي مشتمل [illegible] هزار [illegible]
ميلن تي پکڙيل سرزمين آهي.

درياءَ، پيلا، پهاڙ، ريگستان سنڌ [illegible]
تمام گهڻا وسيلا موجود آهن زرعي پيداوار [illegible]
ڪچو مال پيدا ڪري ٿي، صنعتي پيداوار [illegible] ڪارخانا ۽ صنعتون
موجود آهن. محتاط اندازي مطابق تقريبن 800 [illegible]
جا پيداواري ذريعا مهيا ڪري رهيا آهن ان جو [illegible]
بجاءِ اسان سنڌين کي وڌيڪ [illegible]

سنڌ ۾ لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪروڙ [illegible]
سنڌ ۾ آباد آهن ۽ مستقل بنياد تي سنڌ تي قبضو [illegible]
سازش ۽ رٿابندي ڪندا رهن ٿا سنڌ سرڪار [illegible]
جي ٻانهن ٻيلي بڻيل آهن.

مثلن ضياءَ دور ۾ افغان پناهگير سنڌ ۾ [illegible]
اندر انهن ۾ ڪيتري فطري ۽ غير فطري واڌ ٿي آهي ان جو اندازو سنڌ ۾
ڪراچي کان ڪشمور تائين هر چوڪ هر شهر [illegible]
ڪري سگهجي ٿو اندازو آهي ته ٽيهه کان 35 لک افغان پناهگير سنڌ ۾ آباد
آهن، جن کي فوري طور سنڌ مان تڙڻ گهرجي [illegible]
تقريبن چاليهه لک جي لڳ ڀڳ آهي [illegible]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قانون جي ڀڃڪڙي ڪري غيرقانوني ڪاروبار ۽ ڀاڙيوارن جي ذريعي ڪيا ويا آهن. جنهن ڪري شهرن ۽ ڳوٺن جي ڊيموگرافي ۾ تمام گهڻو تبديلي آئي آهي.

سنڌين جي سموري اقتصادي ترقي ۾ هن بابت آهي ته ڪو به شهري ڪيترو آهي. ايران، افغانستان ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن ۽ ماهرپالڻي آمريڪي جي سرپرستي ۾ قانون جي ايڊمنسٽريشن آهي. هندستان کان مستقل بنيادن تي لڏ پلاڻ جاري آهي. بهار، گجرات ۽ يوپي سي پي جي علائقن مان مستقل طور تي آبادي منتقل ٿيندي رهي ٿي. ويندي تي اڀياس مان ته صرف 10 سيڪڙو واپس ويا وڃن ٿا ۽ 90 سيڪڙو ماڻهو هتي ئي ڪم تي وڃن ٿا. جن کي ايم ڪيو ايم هنن جو مستقل شهري بڻائي ڇڏي ٿي. جو ته ورهاڱي کان پوءِ لهر ۾ لياقت پيڪٽ مطابق 1951ع کان پوءِ هندستان کان آيل هر شهري غيرقانوني ۽ ناجائز آهي. محتاط اندازي مطابق 20 کان 25 لک ماڻهو هندستان کان آيل ناجائز ۽ غيرقانوني طرح هتي رهائش پذير آهن ۽ مستقل شهري بڻيل آهن. اهڙيءَ طرح ملڪ جي مختلف حصن مان لڏ پلاڻ جاري آهي ۽ سنڌ ۾ سنڌين جي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش تي عمل ٿي رهيو آهي.

سڀ سنڌ ان ڳالهه تي متفق آهي ته 1954ع کان پوءِ سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ هر ماڻهو ڌاريو آهي. نوڪري ۽ ڪم جي بهاني سان ايندڙ ماڻهن کي هتي مستقل شهري بڻجڻ جو حق ناهي نه ئي وري هنن ان کي ووٽ جي ذريعي سياسي قبضي ڪرڻ جو حق آهي. پشتون علائقن مان ۽ پنجاب جي مختلف علائقن مان لڏ پلاڻ مستقل بنيادن تي جاري آهي. هاڻي ته لساني ۽ نسلي ٽولا رٿابندي سان سنڌ ۾ خاص طور ڪراچي اندر ماڻهو آباد ڪرائي سنڌ جي سياست ۽ معيشت تي قبضي جي رٿابندي ڪري رهيا آهن. شروعات ضياءَ دؤر ۾ ڪئي وئي. پنجابي پختون اتحاد جهڙا پليٽ فارم ناهي عرفان الله مروت ۽ سعيده ملڪ جهڙن ماڻهن کي سياسي نمائندگيون ڏئي سنڌ جي مينڊيٽ جي ڦورو ڪئي وئي. اندازو آهي ته اندرون ملڪ جي مختلف حصن مان غير قانوني ماڻهو تقريبن چاليهه لکن جي لڳ ڀڳ سنڌ ۾ آباد آهن ۽ پنهنجي حصي پٽيءَ لاءِ بليڪ ميلنگ ۽ دهشتگردي جاري رکيو پيا اچن.

انهيءَ بنياد تي هينئر پ پ جي سرڪار ايم ڪيو ايم ۽ اي اين پي کي باضابطا اقتداري سياست ۾ حصيداري ڏيئي نسل پرستي ۽ قبضي گيري جي دعويٰ کي مضبوط ڪيو آهي. باقي ٻين نسلي گروپن بنگالين ۽ پنجابين کي به اقتدار ۾ حصي پتي ڏيڻ لاءِ غور جاري آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ پنجابي ڳالهائيندڙ يا پشتو ڳالهائيندڙ ماڻهن ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ لساني اقليتن ۾ فرق آهي ٻهراڙين ۾ رهندڙ اهي لساني ۽ ثقافتي اقليتون 1954ع کان اڳ بلڪ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ آباد ٿيا. سنڌي ٻولي سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي رسم رواج اختيار ڪري سنڌي قوم ۾ ضم ٿي چڪا آهن. 1954ع کان پوءِ آباد ٿيندڙ ۽ خاص ڪري سنڌ جي شهرن ۽ خصوصي طور ڪراچي ۾ آباد ٿيندڙ انهن لساني ثقافتي اقليتن سندن نسلي ۽ لساني برتري قائم رکڻ لاءِ سنڌي ڌارا ۾ ضم ٿيڻ کان نابري واري آهي سياسي معاشي قبضيداريءَ لاءِ هر دؤر ۾ سنڌ جي مفادن خلاف بليڪ ميلنگ ۽ دهشتگردي جو رستو اختيار ڪري سنڌ ۽ سنڌين کي پنهنجي بنيادي حقن کان محروم رکڻ لاءِ رياستي جارحيت جا طرفدار رهيا آهن.

ان لاءِ ايس ٽي پي مطالبو ڪندي رهي آهي ته سنڌ جي سياست کي لساني بنياد تي تقسيم ڪرڻ سنڌ ۽ سنڌين جي تاريخ سان ناانصافي آهي. 1954ع کان پوءِ آيل هر ماڻهوءَ کان ووٽ جو حق کسيو وڃي، سيني ڌارين کي ترتيبوار سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي. اهڙي طريقي سان سنڌ تي سنڌي حاڪميت قائم رهي سگهندي ۽ سنڌين جو مڪمل اختيار پنهنجي وطن تي قائم ٿي سگهندو پر افسوس آهي ته جن پارٽين ۽ فردن کي سنڌين سياسي ۽ پارلياماني مينڊيٽ ڏنو آهي اهي ئي سنڌ جي وجود خلاف سمورين سازشن جا محرڪ بڻيل آهن.

ان لاءِ سنڌ کي نئين سر سوچڻ جي ضرورت آهي. سنڌي نوجوانن کي ان ابتر صورتحال مان نڪرڻ لاءِ تمام وڏي جدوجهد جي ضرورت آهي ۽ سنڌ جي آزادي ۽ انقلاب جي دعويدار پارٽين کي لباڙبازي نعري بازي ۽ ذاتي مفادن جي پرفريب فڪر مان آزاد ٿي پنهنجي وطن جي نجات ۽ حاصلات لاءِ ڏينهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رات محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي. ايس ٽي پي کي خاص طور تي انهن حالتن ۾ انتهائي ذميواري سان ڪردار ادا ڪندي پنهنجو سمورو ڏيان ڏاهپ، قرباني ۽ جانثاري جي اعليٰ گڻن کي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جي جاگرافيائي استحڪام، قومي وحدت جي تحفظ، سنڌ تي سنڌي حاڪميت قائم ڪرڻ، سنڌ جي معاشي وسيلن جي مالڪي ۽ مڪمل اختيار حاصل ڪرڻ سميت سنڌ جي آزادي ۽ خوشحالي جي پروگرام کي ڪاميابي سان همڪنار ڪرڻ لاءِ منظم جدوجهد جي ضرورت آهي، ڇو ته جيڪو ڪجهه اسان کي ڪليل اکين سان سامهون نظر اچي رهيو آهي ان کان تمام گهڻو پردي پويان ٿي رهيو آهي ۽ سازشون جاري آهن.

دوستو ساٿيو : پاڻ کي قبول ڪرڻو پوندو ته پاڻ سياسي ۽ انقلابي جدوجهدن جي سمورن محاذن تي ڪمزور آهيون. پاڻ دوستن جي صف بندي نه ڪري سگهيا آهيون، پاڻ دشمن جي طاقت جو حقيقي تعين ڪري قوم جي ذهني تربيت نه ڪري سگهيا آهيون، پاڻ پنهنجي صفن کي منظم ۽ متحد نه ڪري سگهيا آهيون، پاڻ جديد علم ۽ هنر کان اڻ واقف آهيون. پاڻ مالي معاشي استحڪام حاصل ناهيون ڪري سگهيا. پاڻ بلوچ ڀائرن کي اهو نه سمجهائي سگهيا آهيون ته ڪشمور جيڪب آباد کان شهدادڪوٽ ۽ ڪراچي سنڌ جا اڻ ٽٽ حصا آهن، ان لاءِ توهين ان تي دعويٰ نه ڪريو پاڻ پشتون کي اهو نه سمجهائي سگهيا آهيون ته افغاني پناهگير جو گهر ڪابل قنڌار آهي، باجوڙ ۽ سوات جي متاثرن جو گهر پشتون خواه جي ڌرتي آهي. ڪراچي سنڌ آهي ۽ سنڌين جو روح آهي پاڻ کي عالمي طاقتن کي اهو سمجهائڻو آهي ته سنڌ هر لساني نسلي مذهبي فرقي رنگ ۽ جنس جي متڀيد کان آزاد قوم دنيا جي پرامن بقاءَ باهمي جي فسلفي تي يقين رکندي سچي دنيا ۾ عزت وقار ۽ برابري جي بنيادن تي جيئڻ چاهي ٿي ۽ هر قسم جي نفرتن ۽ دهشتگردي جو خاتمو چاهي ٿي. ان ڪري سنڌ کي عالمي صف بندي جي حوالي سان امن ۽ دوستي جي صفن ۾ پاڻ سان گڏ سمجهو ۽ ساٿ ڏيو ته جيئن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن خطي کي هر قسم جي نفرت، جارحيت، دهشتگردي ۽ عصبيتن کان بچائي سگهجي.

سنڌ جي هر هڪ فرد کي پاڻ اچا اهو سمجهائڻ ۾ ناڪام ويا آهيون ته زندگي رڳو اٽي لٽي اجهي جو نالو ناهي، زندگي آزادي ۽ باوقار انسانيت جو نانءُ آهي، جيڪا هر غلامي ۽ خوف کان آزاد هجي ٿي، هر دباءَ ۽ بليڪ ميلنگ کان آزاد هجي ٿي، ان لاءِ اها باوقار زندگي سنڌي قوم جي آزادي ۽ نجات سان جڙيل آهي، ان ڪري هر سنڌيءَ کي پنهنجي سوچ لوچ علم و فڪر عمل ۽ قرباني جي زاوين کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسان جو روح اسان جو ضمير اسان جي وطن جي حالتن سان جڙيل هجڻ گهرجي، اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ اسان جي ايندڙ نسلن جي موت ۽ حيات جي فڪر سان جڙيل هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن اسان جو ووٽ ۽ اسان جي جستجو قوم جي مان مرتبي آزادي ۽ وقار جي منزل سان جڙي پوي ته پوءِ سنڌ سموري خوف ۽ عدم ويساهي مان آزاد ٿي پوندي سنڌي قوم باوقار قومن جي قطار ۾ بيهي سگهندي، سنڌ ۾ رهندڙ هر نسلي ٽولو ۽ دهشتگرد سنڌ ۽ سنڌين جي شرطن تي سنڌ ۾ رهڻ ۽ سندن مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ تي مجبور ٿيندو نه ڪي سنڌين کي مجبور ڪيو ويندو ته پاڻ انهن دهشتگردن جي رحم ڪرم تي جيئڻ لاءِ مجبور ٿيون.

دوستو ساٿيو! ان لاءِ هي دؤر انتهائي اهم دؤر آهي پاڻ سڀ فيصلاڪن دؤرن مان گذري رهيا آهيون، ايس ٽي پي اچ جي چئلينج کي اٿين قبول ڪري جيئن 1988ع ۾ اسان ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي جي چئلينج کي قبول ڪيو هو ۽ جهرجهنگ جهاڳيو هو ۽ پوءِ سنڌ ۾ هڪ نئين سياسي سفر جي شروعات ٿي هئي، ان وقت به پاڻ غريب هئاسين بي هٿيار هئاسين، ايڏي وڏي عوامي حمايت ۽ پٺڀرائي به نه هئي، پر اسان کي اکين ۾ نئين جوت هئي، اسان جي دلين ۾ جذبو ۽ جوش هو اسان جا دماغ روشن هئا، اسان جي هٿن ۾ تاريخ جو سچ هو ۽ تاريخ تقاضا ڪري رهي هئي ته غيرتمند پٽ اڳتي وڌن ۽ قوم جي حفاظت ڪن ۽ پوءِ پاڻ تاريخ جي سڏ کي ورنايو هو ۽ اڳتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏياسين توهان حوصلي ۽ عزم سان اڳتي آيا، سنڌ پارٽ کي سڀ ڪجھ ڏنو عزت تحفظ، پئسو محبتون ۽ ساٿ ڏنو توهان اسان وطن ۽ قوم لاءِ معمولي قرباني ڏني پر موٽ ۾ قوم اسان کي ويساھ ڏنو.

دوستو ساٿيو! اڄ حالتون ساڳئي موڙ تي بيهي وطن جي حلالي پٽن کي سڏين ٿيون سنڌ کي ۽ تاريخ کي هڪ معتبر ۽ باوقار قيادت جي طلب آهي، سنڌ جي چڙوچڙ معاشري کي هڪ منظم انقلابي تنظيم جي ضرورت آهي، سنڌ جي شهرن کي سرفروش حلالي پٽن جي عمل ۽ قرباني جي گهرج آهي، سنڌ جون ٻهراڙيون ٻي لوث فلاحي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ماهر سياسي ورڪرن جي طلب ڪن ٿيون، انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ سنڌ کي ماهر ٽيڪنوڪريٽ ۽ با غيرت وطن دوست دانشورن جي ضرورت آهي، انٽرنيٽ جي هنرمند ۽ سفارتي سرگرمين جي ماهرن ۽ معاشيات ترتيب ڏيندڙ پر خلوص ساٿين جي گهرج آهي.

ان لاءِ اچو تہ پارٽ سمورا پنهنجي پنهنجي صلاحيت آهر پنهنجيون خدمتون هن تحريڪ جدوجهد ۽ پنهنجي مادر وطن کي آڇيون اچو تہ پارٽ سنڌ جا انمول ۽ نرالا ماڻهو بڻجي پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جو مقدر تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پارٽ کي وطن لاءِ ارپيون، قوم جي تربيت ڪريون پارٽ کي منظم ڪريون ڏاهن ۽ هنري ماهرن جي سياست ۾ جڳھ پيدا ڪري ڪنين قومي قافلي ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ جستجو ڪريون ۽ دنيا کي پيغام ڏيون تہ اسين موهن جي دڙي جا وارث نئين عزم ۽ نئين حوصلي سان سڄي دنيا سان گڏجي پنهنجي وطن جي آزادي ۽ وقار لاءِ سڀ ڪجھ ارپڻ لاءِ تيار آهيون ۽ هاڻي ڪوبہ ڌاريو دهشتگرد ڪو بہ ديسي دلال جاگيردار ۽ ڪوبہ نام نهاد ويڪائو ليڪاري ۽ بي ضمير سياسي ڪارڪن يا اڳواڻ اسان جي وطن جو سودو نہ ڪري سگهندو نہ ئي اسين غلامي ۽ ذلتن ۾ مرڻ چاهيون ٿا. اسين باوقار قومن وانگر زنده رهڻ ٿا چاهيون ۽ وطن جي تعمير چاهيون ٿا. انشاءَ الله پارٽ ڪامياب ٿينداسين.

2008_11_22 قومي ڪانگريس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ها اسين هن انسان دشمن نظام جا انڪاري آهيون

دنيا اخلاقي بحران جي ور چڙهيل آهي، ان لاءِ سڄي دنيا ۾ هڪ ملڪ جو ٻئي ملڪ سان ڇڪتاڻ وارو رويو شدت اختيار ڪري رهيو آهي ۽ ملڪن اندر وري عوامي ٽولن ۽ گروهن ۾ تقسيم در تقسيم ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري روز نوان نوان داخلي خلفشار ۽ بحران جنم وٺي رهيا آهن، جنهن ڪري سڄي دنيا عدم استحڪام جي بحران ۽ خوف ۾ ڦاٿل آهي. فطرت سان هٿ چراند ۽ ماحولياتي عدم توازن سبب انسان جي زندگي عدم تحفظ جو شڪار بڻجي وئي آهي. سڄي دنيا نفسياتي هيجان ۾ ورتل آهي. ڪنهن کي وقت کان اڳ قيامت اچڻ جو خوف آهي ته ڪو سيارا ۽ گرهن جي ٽڪرائڻ جي پيشنگوئي ڪري وڏي تباهي جا ڏس ڏيندي رهيو آهي. ماحولياتي عدم توازن Eco unbalance سبب سڄي دنيا ۾ ڪٿي برساتن سبب ٻوڏ آهي، ڪٿي درياءَ جي چاڙهه سبب ته ڪٿي سامونڊي طوفان لاءِ سطح چڙهڻ سبب زمين جو خشڪ حصو پاڻي ڳڙڪائي رهيو آهي. ڪٿي زلزله ته ڪٿي برفن جو وڏيڪ پوڻ ۽ ڪٿي گرمي پد اسان جي برداشت کان وڌي رهيو آهي. ڪٿي، جنگين ۽ گهرو ويڙهه سبب بي وس بنيل انسان آهن ته ڪٿي غربت بک، افلاس ۽ بيمارين ۾ ڦاٿل دنيا ۾ اربين ماڻهو صرف پنهنجي جياپي جي جنگ ۾ مصروف آهن.

سوشلسٽ بلاڪ جي موجودگي سبب دنيا ۾ هڪ توازن پيدا ٿيل هو دنيا جي اندر انصاف امن ۽ آزادين جي سموري قومي جمهوري ۽ طبقاتي تحريڪن کي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اخلاقي ۽ سياسي حمايت هجڻ سبب سڄي دنيا ۾ غريب عوام جي حق ۾ توازن جڙيل هو. سرمائيدار دنيا به نفسياتي دٻاءُ جو شڪار هئي ۽ سوشلسٽ تحريڪن جي خوف ۽ دٻاءُ سبب انهن پاڻ کي جمهوريت، انساني آزادين جي حق ۾ ڪردار ادا ڪندي سندن معاشرن ۾ فلاحي رياست جي تصور کي اجاگر ڪيو. جيئن تعليم، صحت، روزگار، گهر ۽ سماجي تحفظ انسان جي بنيادي حق سمجهي رياست جي ذمي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا. پر جيئن جيئن سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ سوشلسٽ اڪانامي زوال پذير ٿيڻ شروع ڪيو ۽ چين پاڻ کي سرمائيدارانہ بنيادن کي وڌائي عالمي سيڙپڪار بنجي پنهنجي سستي ۽ گهٽي ٽريڊ مين پاور جي برتري کي مڪمل طور نفعي ڪمائڻ لاءِ عالمي سيڙپڪاري ۾ ڪتب آندو جنهن ڪري سوشلسٽ معيشت جا بنياد ڪمزور ٿيندا ويا سواءِ ڪيوبا جي جيڪو پنهنجي سموري مشڪلاتن جي باوجود سوشلسٽ اڪانامي سان پنهنجي اڏولتا سان بيٺل آهي، نارٿ ڪوريا پنهنجي داخلي بحران ۽ ڏکڻ ڪوريا جي ترقي سبب ايڏي مستحڪم صورت ۾ ناهي. Unipolar هڪ طرفي عالمي سپر پاور آمريڪا جي اڪيلي سر دنيا جو حاڪم بنجڻ جي خواهش سرمائيدار دنيا جي جوڙجڪ کي داخلي طرح ڪمزور بنايو آهي. ناٽو وڏي تعداد ۾ چند فيمليز جي قبضي هيٺ هليو ويو آهي. سڄي دنيا ۾ Under world معرفت ڪاري ناڻي جو ٿهلاءُ ۽ قبضو آهي. هڪ طرف هٿيار ناهڻ جي انڊسٽري ٻئي طرف پيٽرول ۽ معدني ذخيرا ڳولڻ واري مافيا ٽئين طرف انفارميشن ٽيڪنالاجي جي نالي ۾ ڪمپيوٽر، موبائل فون ۽ سافٽ ويئر جي دنيا جي سيڙپڪار چوٿين پاسي ليند مافيا، ڊرگ مافيا ۽ حڪمرانن جون ڪرپٽ رجيمز سڄي دنيا جي معيشت تي قبضو ڪري ورتو آهي. معاشي ابتري ۽ عدم توازن پيدا ٿي چڪو آهي. آمريڪا کي ٻين ملڪن ۾ سياسي، مداخلت، جنگين جي خرچن معاشي طرح ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. سندن بجيٽ خساري آمريڪي معاشري کي نفسياتي رجحان ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. تازو ئي Occupy wall street موومينٽ هڪ جهلڪ طور آمريڪي معاشري لاءِ وڏو چيلينج بڻجي اڀري آهي. اڄ اها تحريڪ ڪمزور آهي پر آهستہ آهستہ اها تحريڪ آمريڪا جي لکين بيروزگار نوجوانن ۽ عدم توجهه جي ور چڙهيل ماڻهن جي مضبوط تحريڪ بنجي آمريڪي معاشري لاءِ وڏو چئلينج بڻجي سگهي ٿي. آمريڪا جو عراق مان واپس ٿيڻ تمام عقلمندي وارو فيصلو ۽ ساراهہ جوڳو عمل آهي. اهڙي طرح آمريڪا کي پاڻ مستحڪم ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ جنگي جنون ختم ڪري جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جي پاليسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تحت مداخلت ختم ڪري هر ملڪ جي سرحدن ۽ آزادين جو احترام ڪرڻ لازمي هوندو. اهو ئي آمريڪي معاشري جي استحڪام جو صحيح رستو آهي. آمريڪا ڪي سندس ڌرتي اندر لاتعداد تيل جا ذخيره ۽ معدني ملڪيت موجود آهي. جيڪا اجا ڪتب نہ آئي آهي. ان جي باوجود عوامي اطمينان، اعتماد بيحد لازمي هوندو آهي. ايندڙ 25 سالن ۾ آمريڪا پنهنجي سپرپاور واري حيثيت وڃائي ويهندو. يورپي يونين جي جڙڻ کان پوءِ هن سال اتي بہ معاشي گهوٽالي جنم ورتو آهي. خاص طور تي غريب ملڪ، ماضي ۾ سوشلسٽ رهندڙ ملڪن مان ماڻهن جي لڏ پلاڻ ۽ معاشي بوجهہ هن وقت فرانس ۽ جرمني کي بہ دٻاءَ هيٺ آندو آهي. يونان جي معاشي بحران يورپي يونين لاءِ ڪافي مشڪلاتون آنديون آهن. انهيءَ سببن ڪري برطانيہ يورپي يونين سان سنگل ڪرنسي ۽ بارڊر اوپن ڪرڻ جي خوف ۾ شامل نہ ٿيو آهي. پر برطانوي معاشرو بہ ساڳي ناهمواري مان گذري پيو.

هن سال ۾ عرب اسپرنگ جي نالي ۾ عرب ملڪن ۾ جيڪو ڀونچال ۽ تبديلي جو آغاز ٿيو آهي دراصل اهو هڪ فطري عمل آهي گهڻا ماڻهو ان کي Imported انقلاب چون ٿا پر سرمائيدار دنيا ۽ اولهہ جي ملڪن جي خواهش باوجود تبديلي جو ڪارڻ انهن ملڪن جون معروضي حالتون آهن. هڪ پاسي حسني مبارڪ جهڙا آمر هئا جيڪي عوام کي بنيادي ضرورتن کان محروم رکندي پاڻ شهنشاهن کان بہ شاهاڻي زندگي گذاريندڙ هئا جن جو انت اتان جي معاشرن جي بنيادي ضرورت هو. ٻئي پاسي ڪرنل قذافي ۽ بشرالاسد جهڙن عوام دوست رهنمائن جو حال بہ حسني مبارڪ جهڙن کان مختلف نظر نہ ٿو اچي. ان جو سبب زميني حقيقتن سان جڙيل آهي هڪ دؤر ۾ بادشاهتن خلاف جدوجهد ۽ انقلابن جا هيرو بڻيل اڳواڻ اڄ عوام لاءِ غصي جو اهڃاڻ ڇو بڻيا آهن؟ ان جو بنيادي سبب آهي تہ اقتدار ۾ ڊگهي عرصي ۾ رهڻ جي باوجود انهن پنهنجي عوام جو مقدر تبديل ڪرڻ لاءِ عملي ڪم ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ذات ۽ خاندان جي حڪومت قائم رکڻ لاءِ پاليسيون ٺاهيون ملڪ جي معيشت قدرتي دولت جو وڏو حصو پنهنجي خاندان ۽ ان جي فردن جي شاهاڻا زندگي تي خرچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو ويو ۽ سندن ذاتي ملڪيتن ۾ اضافو ڪرايو ويو پر عوام جو مقدر تبديل ڪرڻ لاءِ نہ حڪومتي ڪم ۾ عوام جي شرڪت هئي نہ قدرتي دولت عوام جي فلاح بهبود لاءِ ڪتب آئي جنهن ڪري پنهنجي دور جا پوڄا لائق عوامي انقلابي اڳواڻ ڪرنل قذافي ۽ ابو صالح جهڙن ماڻهن کي بدترين انجام تي پهچايو ويو. اهي مثال سيني سياست جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن لاءِ مثال ۽ سبق هجڻ گهرجن. آمريڪا جو زور هاڻ ايران سان مقابل ٿيڻ جو محسوس ڪرايو پيو وڃي. عالمي طرح ايران کي اڪيلو ڪرڻ لاءِ سندس معاشي ناڪابندي ۽ نفسياتي جنگ جا حربا شروع ڪيا ويا آهن جنهن ۾ ايراني صدر نجادي جي اڳواڻي ۾ وڏيڪ مستحڪم ۽ باوقار طريقي سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. آمريڪا جڏهن عراق مان فوجون واپس گهرائي رهيو آهي تہ بي سبب ايران ۾ داخل ٿي پاڻ کي ڪنهن امتحان ۾ نہ وجهندو. ايران جي جنگ آمريڪا لاءِ عراق ۽ افغانستان کان بہ مشڪل ۽ تباهہ ڪن ٿيندي. ان لاءِ عام فهم طور اها آمريڪا لاءِ سياسي خودڪشي جي برابر هوندي. منهنجي سمجهہ ۾ تہ اهڙي ايڊونچر کان پاسو ڪيو ويندو.

فلسطين کي UNO طرفان خودمختيار رياست جو درجو ۽ حيثيت ملي وئي آهي. اسرائيل ۽ آمريڪا کي جلد ئي فلسطين جي اثارتي ۽ هڪ آزاد رياست ۽ ملڪ جي حيثيت کي تسليم ڪرڻو پوندو. تامل ٽائيگرز جي تحريڪ مڪمل طور تي ختم ٿي چڪي آهي. تامل ٽائيگرز جو ليڊر پرڀاڪرن ۽ سندس مرڪزي ڪميٽي جي ساٿين جي قتل کان پوءِ هٿياربند تامل هٿيار ڦٽا ڪري سريلنڪا سرڪار سان سمجهوتو ڪري گڏجي رهڻ لاءِ ايگريمينٽ ڪري ورتي آهي. اتر آئرلينڊ هٿياربند IRA کي ختم ڪري شين فين، پنهنجو پاڻ پليٽ فارم تان سياسي خودمختياري لاءِ برطانيہ سرڪار سان گڏجي رهڻ جو سمجهوتو ڪري چڪا آهن. باقي دنيا ۾ جمهوري طريقن سان قومي آزادي جون تحريڪون هلي رهيون آهن. مثلاً ڪينيڊا ۾ ڪيوبڪ قوم جي تحريڪ وغيره.

افغانستان جو مسئلو اڃا تائين جنگ و جدل جي ڪيفيت ۾ قائل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. اسامہ بن لادن جي ايبٽ آباد ۾ قتل ٿيڻ ۽ هڪ درجن کان وڌيڪ القائده جا هاءِ پروفائل ماڻهو ڊرون حملن ۽ ڇاپن ۾ ماريا ويا آهن جنهن ڪري القائده جي سياسي ۽ فوجي ڇرپر تي ڪافي منفي اثر پيا آهن. القائده جو هاڻ عالمي دهشتگردي جو ڪردار ڪمزور ٿي ويو آهي پر مڪمل خاتمو نہ ٿيو آهي. آمريڪا لاءِ ڪافي اطمينان جو باعث آهي ۽ پنهنجي عوام ڪي نفسياتي طرح خوف ۽ شڪست مان ڪيڻ لاءِ هن اخلاقي جواز ڪي ڪجهہ وقت لاءِ ماڻو ڪري استحصال ڪي نئين سر جاري رکڻ چاهيو ٿي. اعتدال پسند اسلامي نعرو ۽ اسلامي فلاحي رياست جي ڳالهہ بہ سندن اندر ۾ جيڪو ڦيٽاڙو ۽ ٽڪراءُ پيدا ٿيو آهي ان ڪي بہ ماڻو ڪرڻ لاءِ آهي ڇو تہ هنن 65 سالن کان ذهني طرح ماڻهن جي تربيت ۽ تبليغ ڪئي آهي مدرسن ۾ ليڪن بار پڙهي هاڻ معاشري ۾ هڪ متحرڪ قوت بنجي ويا آهن. انهن جو مطالبو آهي تہ توهان جيڪو خلفاءَ راشده وانگر اسلامي نظام لاءِ اسان ڪي سيڪاريو ہڏايو هو تہ هي اهو ناهي جنهن ڪري انهن ۾ داخلي ٽڪراءُ آهي جڏهن انتهاپسندي جي منزل فوجي ڇانوٽين، جنرلن جي قافلن ۽ نيول بيس بنياد تي آهن تڏهن کان هتان جي اسٽبلشمينٽ ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي چڪي آهي. هڪ انتهاپسندي سان گڏ بيٺل آهي. ٻيو حصو اسلامي فلاحي رياست جي تصور ۾ پنهنجو پورو زور لڳائي رهيو آهي وري بہ رجعت پسندي، قدامت پسندي ۽ بنياد پرستي جي پاسي بيٺل آهن. جيڪو وري بہ هڪ فاشسٽ شڪل اختيار ڪندو ملڪ وچائڻ ۽ هيڏي وڏي بربادي ڏسڻ کان پوءِ بہ اسٽيلبلشمينٽ تاريخ کان سبق نہ سکي آهي هن ملڪ ڪي فلاحي جمهوري رياست بنائڻ، سيڪيولر ۽ وفاقي ٻڻائي قومن جي قومي خودمختياري تسليم ڪري نئين پاڪستان جي تشڪيل لاءِ اڃا تيار ناهي شايد 71ع جهڙي ڪنهن بربادي جو انتظار ڪري رهيا آهن. مان واضح ڪرڻ ٿو چاهيان تہ جڏهن بہ اهڙو ڪوبہ واقعو رونما ٿيو تہ هي رياست پنهنجو وجود قائم نہ رکي سگهندي، ان لاءِ پاڻ عالمي برادري سميت هن ملڪ جي حڪمرانن ۽ اسٽيبلشمينٽ ڪي مشورو ڏيندا سين تہ نون تجربن کان پاسو ڪيو وڃي. هن ملڪ ڪي ڪثير القومي ملڪ قرار ڏيئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي، بلوچ، پشتون، پنجابي ۽ سرائڪي قومن جي تاريخي حيثيت کي تسليم ڪري کين پنهنجي مادر وطن تي حق حاڪميت منتقل ڪيو وڃي. باقي 1973ع جو آئين NFC ايوارڊ ۽ ارڙهين ترميم ذريعي توهان قومن جي تاريخي گهرجن جو پورائو نہ ٿا ڪري سگهو. نہ ئي هن رياست کي فوجي طاقت ۽ جارحيت جي بنياد تي مستحڪم رکي سگهندؤ.

هن ملڪ جي موجوده سرڪار جو تجزيو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ هي حڪمران پاڪستان جي 65 سالن ۾ قائم ٿيندڙ حڪومتن کان نااهلي، اقربا پروري، رشوت خوري ۽ بدديانتي ۾ سيني کان مٿاهين سطح تي بيٺل آهن. هن حڪومت کان اڳ ضياءَ، يحيٰ ۽ مشرف جون آمريتون ۽ فاشست حڪومتون بہ مختلف نہ رهيون آهن. فوجي آپريشن، تشدد، خوف، انتقامي رويو وڏيڪ هئا پر نااهلي ۽ رياست جي سطح تي ڪرپشن ايڏي نہ رهي آهي.

اسين سنڌ جا ماڻهو تہ سنڌي حڪومت يعني پ پ حڪومت ۾ وڏيڪ نظرانداز ٿيندا آهيون ڇو جو پ پ سرڪار سمجهندي آهي تہ سنڌي ماڻهو اسان جا ٻڌا ٻانها آهن. انهن کي ڇڏي ٻين کي خوش ڪريون تہ جيئن اقتدار کي جاري رکڻ ۾ ڪا ڏکيائي نہ ٿئي فوجي حڪومت ۽ مسلم ليگ هميشہ دشمني جي بنياد تي شعوري طور سنڌ کان انتقام وٺڻ لاءِ سنڌ کي نہ رڳو نظرانداز ڪندا آهن پر هر مسئلي ۾ سنڌ کي انتقام ۽ جارحيت جي دٻاءَ هيٺ رکندا آهن تہ پ پ جي حمايت ۽ جمهوريت جي حمايت جو سنڌ کي سبق ڏنو وڃي. اسان جو اهو موقف رهيو آهي تہ هن ملڪ ۾ ڪا بہ ڪڏهن بہ جمهوريت نہ آئي آهي. چونڊيل نمائندن ۽ فوجي آمريتن جون حڪومتون رهيون آهن. چونڊيل حڪومت ۽ جمهوري حڪومت ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. پاڪستان ۾ اها مسخري بہ ڏٺيسين تہ هڪ فوجي آمر مشرف صدارت جي ڪرسي تي قابض هو اسان ان کي جمهوري حڪومت سڏي رهيا هئاسين. ووٽ ذريعي چونڊجي اچڻ جمهوريت جو پهريون مرحلو ضرور آهي ان کان پوءِ حقيقي حڪمراني چونڊيل نمائندن ڏي منتقل ٿي چڪي آهي يا نہ؟ پارليامينٽ بالادست اداري طور ڪم ڪري رهي آهي يا نہ؟ داخلي خارجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معاشي ۽ دفاعي پاليسيون پارليامينٽ ترتيب ڏيئي رهي آهي يا نہ؟

عدالتن جي آزاد حيثيت ۾ انصاف سستو تڪڙو بي ريا هر ماڻهو جي پهچ ۾ ممڪن آهي يا نہ؟ سماج ۾ هر انسان بلا تفريق رنگ نسل، جنس ٻولي مذهب جي برابر جو شهري ۽ انساني حق رکي ٿو يا نہ؟ Rule of Law موجود آهي يا نہ؟ حڪمران ۽ عوام احتساب ۽ انصاف جي ڪٽهڙي ۾ برابر آهن يا نہ؟ سماج ۾ معاشي ترقي ۽ روزگار جي وسيلن تي سموري عوام کي اسرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جا برابري وارا موقعا آهن يا نہ؟ مذهبي رواداري ۽ هر ماڻهو لاءِ سماجي تحفظ آهي يا نہ؟

مٿين نقطن جي روشني ۾ پاڻ پاڪستان اندر جمهوريت جي نالي ۾ قائم حڪومتن جو جائزو وٺنداسين تہ ڪا بہ اهڙي حڪومت ناهي جنهن کي پاڻ جمهوريت چئي سگهون ان لاءِ پوءِ اسان کي ڏسڻا وائسڻا ماڻهو بہ حڪمرانن جي ٻولي ڳالهائيندڙ ڪرپٽ ۽ غيرجمهوري حڪومتن جي وڪالت ڪندي نظر ايندا آهن. چيو ويندو آهي تہ پاڪستان ٻين ملڪن کان مختلف آهي هتي جمهوريت بہ مختلف طريقن سان ايندي. ضياءَ اسان کي اهو ٻڌايو. مشرف ايئن چيو ۽ چونڊيل حڪومتون بہ راڳ ساڳيو ڳائينديون رهيون آهن. عوام کان جمهوريت جي نالي ۾ قربانيون وٺي موٽ ۾ Aristocracy امرائن ۽ اشرافيہ جي بدترين ڪرپٽ ۽ عوام دشمن حڪومتون مڙهي جمهوريت سان مذاق ڪئي وئي آهي. جمهوريت هڪ متوازن پارلياماني ۽ حڪومتي نظام آهي جنهن ۾ عوام جي تمام وڏي اڪثريت نہ رڳو حصيدار هوندي آهي پر فائديمند بہ ٿيندي آهي، معاشرو علم جي روشني سان روشن ٿيندو جاگيرداري جهالت ۽ رجعت پسندي جو خاتمو ايندو آهي. جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ ناهي تہ پوءِ ان جي ابتڙ آمريت هوندي آهي. آمريت فاشسٽ بہ هوندي آهي ۽ آمريت معتدل بہ هوندي آهي. آمريت ڪرپٽ بہ هوندي آهي. آمريت جهالت جبر ۽ جارحيت جو اهڃاڻ بہ هوندي آهي. پر جمهوريت صرف جمهوريت هوندي آهي. جيڪو متوازن عوام جي ڀلائي ۽ شرڪت جو نظام هوندو آهي. نہ بدترين جمهوريت ٿيندي آهي نہ ڪنٽرولڊ جمهوريت ٿيندي آهي. نہ نابالغ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جمهوريت ٽيندي آهي اهي سڀ فلسفا علم ۽ عقل جي ابتڙ عوام کي دوکي ۾ رکي غلام رکڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ هوندو آهي. پاڪستان جي جمهوريت قرارداد پاڪستان 1940ع جو تحفظ ڪندي ان مطابق قومن کي هن ملڪ جي سياسي انتظامي معاشي ۽ قانونسازي جي ڪاروهنوار ۾ برابري جي بنياد تي شريڪ ڪري سگهي ٿي؟!! جيڪڏهن جمهوريت پاڪستان جي بنيادي اثاثي 1940ع جي قرارداد جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام آهي تہ پوءِ اها جمهوريت ناهي جمهوريت جي نالي ۾ پنهنجي اقتدار لاءِ اسٽيبلشمينٽ جي ونگار وهڻ برابر آهي. جنهن جمهوريت ۽ نظام جا اسين انڪاري آهيون. اسان کي پنهنجي مادر وطن سنڌ تي سنڌين جي حاڪميت گهرجي. اسان کي مالي ۽ معدني وسيلن تي مڪمل اختيار گهرجي ٿو. سنڌو درياهہ جي پاڻي تي سنڌ جو دائمي ۽ ڪلي اختيار گهرجي ٿو. هتي جمهوريت جو مقصد ملڪ جي حاڪميت ۽ معيشيت تي فوجي ادارن ۽ سندن حمايتي ڌرين جو قبضو هوندو. رهيل سهيل پنجاب صوبي جي بالادستي ۽ آقائيت قائم ڪرڻ آهي. باقي بچيل اوبر مان مير پير وڏيرا ۽ خان قابض هوندا جن کي حصو پتي ايترو ملي ٿو جو هو آفرجي بدهضمي جو شڪار ٿين ٿا جنهن ڪري هر چاپلوسي، دلالي ۽ ڪريل ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهن. سندن حمايت ۾ نام نهاد سول سوسائٽي جا نمائندا، انساني حقن جي تنظيمن ۾ جاڪوڙيندڙ نام نهاد انسانيت جا علمبردار ۽ رياست جا پگهاردار صحافي ۽ قلمڪار نہ رڳو هميشہ حامي رهيا آهن پر اهڙي جمهوريت جي وڪالت ڪندي ٿڪجن ئي نہ ٿا. بلوچ قومپرست نوجوانن جي مسخ ٿيل ڇهرن وارن بي ڪفن اڇليل لاشن تي زباني جمع خرچ کان سواءِ ڪوبہ عملي ڪم نہ ٿو ٿئي. سنڌ ۾ دهشت ۽ وحشيت جو قائم ٿيل ايم ڪيو ايمي راڄ ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ماريل هزارين بيگناهہ ماڻهن تي خاموشي يا نمائشي تبصرن کانسواءِ ڪجهہ ناهي ۽ فورسز هٿان ماريل سوين قومي ڪارڪنن جو تہ ڪٿي ذڪر بہ نٿو ڪيو وڃي. اهي سڀ مسئلا پاڪستاني وفاق جي ڳلي ۾ اٽڪيل اهڙي هڏي آهن جنهن کي نہ ڳڙڪائي سگهن ٿا نہ ٿوڪاري سگهن ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پ پ جي موجوده حڪومت جيئن پنهنجي اقتدار کي ڊيگهہ ڏيڻ لاءِ سنڌ کي بازار جي ڪا وکري واري جنس سمجهي گذريل 64 سالن ۾ سنڌ جو اقتدار ڌارين نسل پرست ٽولن ۾ تقسيم ڪري جنهن رهزني سان سنڌين جي قومي غيرت ۽ وقار کي داغدار ڪيو آهي تاريخ ۾ اهڙو مثال نہ ٿو ملي. گذريل ٻوڏن ۾ لکين ماڻهو دربدر ٿيل اڃا بحال نہ ٿيا آهن. انهن جي زندگي عذاب کان بدترين عذاب ۾ وڪوڙيل آهي. ٿر جي شاندار ۽ قدرتي معدني دولت ڪوئلي جي مالڪي ۽ اختيار وفاق حوالي ڪري بري طرح سنڌ ۾ ٿر جي ماڻهن کي ترقي ۽ خوشحالي کان روڪيو ويو آهي. ان جو بہ مثال نہ ٿو ملي. هڪ ننڍو بجلي ٺاهڻ جو يونٽ ڊاڪٽر ثمرقند جي سربراهي ۾ قائم ڪيو ويو آهي اتي مقامي ٿري ۽ سنڌ جي ڊوميسائل رکندڙ سنڌين جو وجڊ ڏوهہ آهي. پنجاب پنڊي، لاهور، گجرات جا ماڻهو ان پلانٽ جو قبضو وٺي چڪا آهن. اينگرو جو پلانٽ ظاهري طرح سنڌ جي چيف منسٽر جي سربراهي ۾ شروع ڪيو ويو آهي پر سنڌ جو چيف منسٽر سنڌ ۾ ڪنهن کي پٽيوالي ڏيڻ جو اهل ناهي، ٽاٽي جو صوبيدار بدلي ڪرڻ جو بااختيار ناهي تہ اهو Multinational ڪمپني اينگرو سان ويهي مقامي طرح ٿر جي ترقي ۽ ٿرواسين کي روزگار ڏيئي سندن مقدر تبديل ڪيئن ڪري سگهندو؟ جو تہ اينگرو اڳ ۾ ڪراچي سکر ۽ گهوٽڪي ضلعي ۾ مختلف پروجيڪٽس تي ڪم ڪري رهي آهي جتي 95٪ روزگار غيرسنڌين ۽ غير مقامي ماڻهن کي آهي. اهڙي طرح سڄو ٿر پنهنجي قدرتي سونهن کان محروم بنجي ڪاهين ۾ تبديل ٿيندو مسڪين ٿري پنهنجي ماڳن ۽ مقامن تان بيدخل ٿي پنهنجي لوڪ ڪٿائن، گيتن ۽ هنرن کان محروم بڻجي بي وطني جي عذاب ۾ پٽڪندا بکن ۽ ذلتن جا ماريل ٿرواسي پنهنجي ڳئون ٻڪري ۽ رڍ جهڙي مال جي پالنا کان محروم ٿيندا. برساتن ۾ آباد ٿيندڙ ٿر جي خوبصورتي ۽ پيٽ گذر جي فصلن ٻاجهر، گوار، تر، گدريون، هنداڻا، چيڙ ۽ مريڙي جهڙي ڏٿ کان محروم بنجي هميشہ بک ۽ افلاس ۾ خودڪشين تي مجبور ٿيندا. نئي ضلعي ۾ ذوالفقار آباد قائم ڪرڻ واري رٿا سنڌين کي پنهنجي وطن تي اقليت ۾ تبديل ڪري بي وطن بنائڻ ڪانسواءِ ٻيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه ڪونهي. بوڙ ستايل ماڻهن کي ڪراچي، حيدرآباد ۾ جيڪا سرڪار 80 گز جو پلاٽ ڏيئي ڪا بينظرآباد ٽائون ناهي ڏيڻ جي حق ۾ ناهي. اها حڪومت ساموندي پٽي تي 16 لک ايڪڙن تي مشتمل شهر اڏي ڪنهن کي آباد ڪرڻ چاهي ٿي جنهن تي ڪربين ڊالرن جو خرچ جو ڪاٿو آهي جنهن جو MD هڪ پناڻ مشرف جو وفادار جنرل افتخار شاهه کي رکيو ويو آهي. سنڌ جا غريب ماڻهو معاشي سگهه وڃائي چڪا آهن. نه رڳو ڪمرشل بنياد تي ان شهر جي پلاٽن جو خريدار ڪابل ۾ قنڌار جو پناڻ سينٽرل ايشيا جو ڪو ازبڪ. ڪو ڪازڪ، ڪو ترڪ هوندو يا ڪو عرب سيٺپڪار يا اولهه ۾ آمريڪا جا سرمائيدار ۾ ڪراچي ۾ پڻ اربين روپيا گڏ ڪندڙ دهشتگرد ئي تي سگهي ٿو. هي شهر جيڪو ابتدائي منصوبي ۾ 35 لک ايڪڙن تي شروع ٿي رهيو آهي. مقامي آبادگارن جي ڪاتن کي رد ڪري زمين تي قبضا مهم شروع ٿي چڪي آهي. زرعي زمينن جو پاڻي بند ڪري مقامي ماڻهن کي مجبور ڪيو ويو آهي ته هو پنهنجون زمينون وڪڻي ميدان خالي ڪن ان لاءِ سنڌي قومپرستن کي ان سازش خلاف ڀرپور جدوجهد ڪرڻ گهرجي. مشرف دؤر ۾ ڪراچي ڪان سپر هاءِ وي ۽ نيشنل هاءِ وي ۽ ڪوسٽل هاءِ ويز سان لڳ زمينون ڏارين کي ڏنيون ويون آهن. موجوده سرڪار سنڌ جي جابلو پٽي، جنگشاهي ڪان جهمپير ۽ سونڊا ۾ 13 هزار ايڪڙ زمين -/560 في ايڪڙ سالانا ليز تي غير ملڪي، ملڪي نيشنل ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين کي 30 سالن جي ليز تي ڏنيون آهن. جتي هوا ذريعي بجلي جا پلانٽ لڳندا ۽ ڌارين جي آبادڪاري ٿيندي سنڌين ڪان پنهنجو تاريخي مادر وطن ڪنهن جنگ ۽ جهيڙي ڪان سواءِ مڪاري ۽ اٽڪلن سان ڪسي ڌارين حوالي ڪيو ويندو. ان لاءِ ضروري آهي ته سنڌجا سمورا قومپرست جاڳن ۽ خاص طور تي ايس ٽي پي کي پنهنجو بنيادي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

مان انهيءَ ڳالهه جو اظهار ڪرڻ وقت ڪابه هٻڪ محسوس نه ٿو ڪريان ته ايس ٽي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن اڪثر اچا پنهنجي سياسي تعلق کي ذاتي دوستي جي بنياد تي قائم رکندا اچن پيا. تنظيمي سرگرميون به انهي حدن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ دائرن ۾ ٿي رهيون آهن. جنهن ڪري ايس ٽي پي سنڌ جي پاپولر قومپرست پارٽي بنجڻ جي باوجود عوام جي اڪثريت رکندڙ قومپرست پارٽي ناهي بڻجي سگهي. ڳوٺ ڳوٺ گهر گهر ۾ پارٽي جو پيغام پهچائڻ لاءِ اڻٿڪ جدوجهد جي ضرورت آهي. تنظيمي نظم و ضبط کي مضبوط هٿيار طور لاڳو ڪري ڪارڪنن توڙي عام ماڻهن جي سياسي ذهني تربيت جي ضرورت آهي ته جيئن سنڌ جو عوام عقيده پرستي، خوف، وهم ۽ مفادپرستي ۽ لالچ جي منفي رجحانن مان آزاد ٿي پنهنجي وطن لاءِ حب الوطني ۽ قومپرستي جي بنياد تي عملي ڪردار ادا ڪري اهڙي ئي نموني سان ايس ٽي پي سنڌ جي نه صرف شاندار پارٽي بنجي ابرندي پر سنڌي عوام جي آزادين، وقار جي محافظ پارٽي بنجي ابرندي، جيڪا هر سازش ذوالفقار آباد، قدرتي وسيلن، درياهه جي پاڻي تي قبضي خلاف اڳوات ڪردار ادا ڪري سنڌين ۾ عزت، آجپي ۽ خوشحالي جو انقلاب آڻي سگهندي.

پاڪستان جي رياست هن وقت جهڙي طرح اڪيلائپ ۽ ويڳاڻپ جو شڪار آهي خارجي طرح اولهه اوير سرحدن تي مخالف ۽ دشمن قوتون آهن. معاشي طرح ابتر حالت ۾ ڦاٿل آهي. داخلي طرح بلوچستان جي هٿياربند مزاحمت سنڌين جي سياسي مزاحمت ۽ پشتونخواهه ۾ دهشتگردي پنجاب ۾ بدامني ان ڳالهه جو اظهار آهي ته هن کي اڳتي هلي قائم رکڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي. عالمي طاقتن سان ڇڪتاڻ نئون روپ اختيار ڪري چڪي آهي ان لاءِ اسٽيبلشمينٽ توڙي سندن اتحادي ۽ حواري نوان نوان فارمولا ڳولهي پنهنجي بقاءَ جي جنگ وڙهي رهيا آهن. سرائيڪين کي لالي پاپ ڏيئي کين اڏورو صوبو ٺاهڻ جو دلاسو ڏيئي رهيا آهن ته جيئن سرائيڪي سنڌي ۽ بلوچ قومي تحريڪن جو حصو بنجي حقيقي قوت يا Political threat نه بڻجن. بلوچن کي پهاڙن تان لاهڻ لاءِ ڪڏهن دهشت ۽ ڪڏهن منٿ ذريعي ۽ سفارتي ڪوشش سان بي اثر بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سنڌين کي حب الوطني جي دائمي سزا ڏيڻ لاءِ سنڌ مادر وطن کي عملي طرح تقسيم ڪرڻ لاءِ انتظامي ۽ قانوني تجربا آزمايا پيا وڃن. ڪمشنري نظام ۽ ناظمي نظام لوڪل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گورنمينٽ، ذوالفقار آباد سڀ ان حقيقت جا مظهر آهن. ڀراسين هن رياست جي مالڪن کي پيغام ڏيڻ گهرون ٿا تہ اهڙي چالاڪي ۽ اٽڪل سان بچاءُ ناممڪن آهي. پ پ، مسلم ليگ، جماعت اسلامي جي وفاقيت ۽ بنياد پرستي جو تجربو ناڪام ٿيڻ کان پوءِ عمران خان جي شڪل ۾ نئون وفاقيت جو تجربو هن ملڪ لاءِ Fail ٿيندو. مايوسي ۽ انارڪي کي جنم ڏيندو. 18، 19، 20ع هن ملڪ جي مستقبل لاءِ فيصلا ڪن سال آهن. هي ملڪ حقيقي وفاقي جمهوري ملڪ ٻڌجي قومن جي حق خودمختياري کي تسليم ڪندي برابري جي بنياد تي اڳتي وڌندو يا قومي ٽڪراءَ ۽ انارڪي جي نتيجي ۾ لکين انسانن جي قتل عام کان پوءِ وکري ختم ٿيندو. فيصلو هن ملڪ جي آقائن کي ڪرڻو آهي. اسين محڪوم قومون ۽ محروم عوام چڱائي جي اميد سان اڳتي وڌندي پنهنجي پنهنجي مادر وطن جي حفاظت لاءِ تياري جو وچن ڪريون ٿا. جيئن وفاق ۾ عمران خان کي اڳتي آڻڻ ابن الوقت وڏيرا Winning Horses پي ٽي آءِ حوالي ڪيا پيا وڃن. اهڙي طرح سنڌ ۾ اسان جي ايس ٽي پي جي نعرن ۽ سياست کي يرغمال بنائي هڪ طرف پارٽي ۾ خلفشار ۽ ٽوڙ ڦوڙ جي شروعات ڪرائي وئي آهي تہ ٻئي طرف تبديلي پسند اڳواڻ علي قاضي، ماروي ميمڻ سنڌ جا هڏ ڏوکي ٻنجي سنڌ کي نئين سر اڏڻ جون نويدون ڏيئي رهيا آهن. ماروي ميمڻ اڄا ڪالهہ مشرف (ق) ليگ کان ڏار ٿي هڪدم سنڌ جي نمائنده ٻنجي وئي آهي. سمجهہ کان ٻاهر آهي. مشرف جا وڏيرا ۽ جاگيردار چوڌري پي ٽي آءِ ۽ سنڌ ۾ رعايت يافتہ اپر مڊل ڪلاس ماڻهن کي ان تبديلي پسندن سان ڳنڍي هن عوامي ۽ وطن پرست جدوجهد ۾ رڪاوٽ وجهڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. علي قاضي صاحب جيڪو پنهنجي ميڊيا ۾ ايم ڪيو ايم کي دهشتگرد لکڻ ۽ چوڻ لاءِ تيار ناهي سنڌ جي جاگيردار ۽ وڏيرڪي ڪلاس کي سنڌ غداري لاءِ سڏو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي نہ ئي اسٽيبلشمينٽ ۽ پنجاب کي سنڌ جي قومي دشمن جي صف ۾ سمجهي مزاحمت ڪري ٿو پوءِ اهو سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند تحريڪ کي ڪيئن ٿو يرغمال بنائي سگهي؟ ڪنهن کي خوشفهمي هجي تہ ڀلي هجي. پر پارٽ کي پنهنجي عوام دوست ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قومپرست پروگرام کي اڳتي وڌائڻ جي عزم کي جاري رکڻ گهرجي. ايس ٽي پي اهو واعدو ڪيو آهي تہ آزاد ۽ باوقار سنڌ ۾ سنڌ جي پيڙهيل مسڪين ماڻهن جي حاڪميت جو راڄ آڻينداسين. نئين سنڌ تعمير ڪنداسين. ان لاءِ سمجهي ڇڏيو تہ 2013ع اليڪشن جو سال آهي. اليڪشن ۾ ايس ٽي پي سنڌ جي سمورن وفاق پسند ۽ ابن الوقت جاگيردارن کي چيلينج ڪري عملي ميدان ۾ اڳتي وڌي رهي آهي. ماڻهن کي خبر آهي تہ جيڪي قومپرست وڏيرن جي ڪڇ ۾ ويهي سنڌ جو مقدر تبديل ڪرڻ چاهين ٿا اهي صرف پنهنجي ذاتي اقتدار ۾ رسائي ۽ حصي پتي جي ويڙهہ ۾ مصروف آهن. پر ايس ٽي پي هن ملڪ جي Status quo کي ٽوڙي نئين تشڪيل ۽ نئين سنڌ جي نعري هيٺ جدوجهد جو آغاز ڪيو آهي. ان لاءِ سنڌ جي غريبن جي دل ۾ هڪ اميد ۽ اعتماد پيدا ٿيو آهي جيڪي سمجهن ٿا تہ صدين جي غلامي کان نجات ايس ٽي پي جي جهنڊي هيٺ ملندي حقيقي سنڌي حاڪميت صرف ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ان جا ساٿي آڻي سگهندا. ان لاءِ بغير ڪنهن ذاتي مطلب جي جهر جهنگ پارٽي ڦهلجي ۽ وڌي رهي آهي. عوام تيار آهي پر پارٽي اڳتي وڌي عوامي شعور کي منظم ڪرڻ لاءِ تيار ۽ متحرڪ ناهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ اسين هر ايم.پي.اي ۽ ايم. اين. اي جي ٽڪ تي اليڪشن جي ويڙهہ جي تياري ڪريون. ڇو تہ اسان مستقبل جي سنڌ اڏيندڙ آهيون. ان سنڌ جي هر سيٽ لاءِ اميدوار گهرجن. انهن جي تياري لاءِ شناختي ڪارڊ. ووٽر لسٽ ۾ نالا ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ايس ٽي پي جي تنظيم جي ضرورت آهي. هر پولنگ تي عورت ۽ مرد رضاڪار گهربل آهن. هڪ صوبائي سيٽ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 4000 ورڪر ٺاهڻ جي ضرورت آهي ۽ 25 هزار ووٽر ۽ همدرد گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇا اسين ان پوزيشن ۾ آهيون تہ ان صورتحال جو مقابلو ڪري سگهون؟ حقيقي جواب آهي تہ نہ. ڇا پوءِ ايندڙ 6 مهينن ۾ اسين 40 لک ووٽر تائين رابطہ ڪري هزارين عورتون ۽ مرد رضاڪار جيڪي پولنگ ايجنٽ ٿي ويهن ماڻهن کي متحرڪ رکن اهو ڪم سرانجام ڏيئي سگهون ٿا؟ جيڪڏهن ذميوار فرد ۽ اگر انقلابي جذبي سان سرشار ٿي اسين هن کي تاريخ جو سڏ سمجهي انفرادي مفاد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ رعايتون ۽ آرام کي ترڪ ڪري قوم کي سوڀارو بنائڻ جو مشن کڻي اڳتي هلنداسين ته خدا اسان جي مدد ڪندو. قوم توهان سان گڏ آهي. مضبوط اتحاد, باهمي اعتماد ۽ اعتبار سان يقين محڪم رکو ۽ قوم کي يقين ڏياريون ته پ پ جي ناڪامي کان پوءِ ايس ٽي پي ۾ اها صلاحيت آهي ايس ٽي پي سنڌ جي پارلياماني نمائنده ٿي سنڌ جي قومي وحدت جو تحفظ ۽ سنڌ جي تعمير و ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي ۽ نئين سنڌ ٺاهينداسين. سنڌ سلامت ساٿ سلامت.

ايس ٽي پي جي 20هين ساليانِي قومي ڪانگريس 30, 31 ڊسمبر 2011ع سياسي رپورٽ

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شهيد دلدار شاهه اڪيڊمي پاران هي ڪتاب "ٽڪيائي ٽرٽيل" ڇپائي شهيد ياءُ دلدار شاهه جي ياد تازا ڪندي فخر ٿو محسوس ڪريان ته اڪيڊمي پاران پهريون ڪتاب منهنجي محبوب قائد ڊاڪٽر قادر مگسي جي قومي ڪانگريسن ۾ ڪيل تقريرن جو آهي. جتي محبوب قائد جو لفظ مرتب ٿئي، اتي اتساهه جو وجدان به جنم وٺي ٿو. منهنجي ضمير ۽ خمير ۾ محبت جو وجدان قائد انقلاب ڊاڪٽر قادر مگسي لاءِ موجون هڻندو آهي. هو اسان جو پيار ۽ محبت جو مرڪز آهي.

هي ڪتاب چاچا عاشق سولنگي جي محنت سان ئي سهيڙيو ويو آهي.

هي ڪتاب هر قومي ڪارڪن کي ضرور پڙهڻ گهرجي. سموريون راهون، رستا، وطن جي آجپي، خوشحالي ۽ عزت جا رستا هن ڪتاب ۾ تقريرن جي صورت ۾ موجود آهن.

هي ڪتاب قومي تاريخ ۾ هڪ واڌارو ۽ مشعل ثابت ٿيندو.

سارنگ شاهه

چيئرمين

شهيد دلدار شاهه اڪيڊمي

ڪنڊو محمد خان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner